
اوسيئڙي ۾ جُڙيل آس
ڪهاڻيون
عبدالسلام تهيم

# اوسيئڙي ۾ جڙيل آس

## ڪهاڻيون

## عبدالسلام تهيم

# سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت ڪتاب گهر جو ڪتاب نمبر: 56

ڪتاب : اوسيئڙي ۾ جڙيل آس
ليکڪ : عبدالسلام تهيم
موضوع : ڪهاڻيون
ٽائيٽل : رضوان گل
پهريون ڇاپو : جون 2013ع
ڇپائيندڙ : ڪنول پبليڪيشن، لاڙڪاڻو

سنڌ جا سڄڻو سلام .........

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (56) **اوسيئڙي ۾ جڙيل آس** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب نوجوان ڪهاڻيڪار **عبد السلام تهيم** جي لکيل ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

هي ڪتاب جون 2013ع ۾ ڪنول پبليڪيشن، لاڙڪاڻو پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو. ٿورائتا آهيون نوجوان ليکڪ عبدالسلام تهيم صاحب جا ، جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلڻ سان گڏ ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سيني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# ارپنا

آءٌ پنهنجو پهريون ادبي پورهيو
پنهنجي شفيق ۽ فرض شناس والد

## محمد مبارڪ ٿهيم

جي نالي ڪيان ٿو، جيڪو عمر جي ستين ڏهاڪي ۾ داخل ٿيڻ ڪانپوءِ به
ڪچڙن ذهنن ۾ علمي ڏيئا روشن ڪندو اچي.

_ ساڻ گڏ

پنهنجي اڌ وهيءَ ۾ وڇڙي ويل ان

## ”محبوب امڙ“

جي نالي، جنهن جي هنج ۾ مون پهرين آکاڙي پُٽي هئي.
۽ دلبر ڀيرو ياءُ

## عبدالرسول ٿهيم

جي نالي، جنهن فقط زندگي جون 27 بهارون ڏٺيون ۽ پر مان ُلٽي ڏور ڏورانهين ديس هليو ويو.

# سٽاءُ

مهاڳ :


| | | |
|---|---|---|
| ڪهاڻي، رائج الوقت سِڪو آهي | محمد صديق منگيو | 08 |
| سماج جا عڪس چٽيندڙ ڪهاڻيڪار | اختر حفيظ | 14 |
| نظر ايندڙ ڪهاڻيون | حسيب ڪانهيو | 17 |
| جرئتمند ڪهاڻيڪار | واحد پارس | 20 |
| ساک جي صبح جو آواز | اياز امر شيخ | 22 |
| ليکڪ پاران: | | |
| مڪلمتا ڏانهن پهرين وک | عبدالسلام تهيم | 23 |


# ڪهاڻيون


| | |
|---|---|
| 1) موڪُ لچ مرن | 26 |
| 2) بيحسي | 30 |
| 3) فيس پکچر | 33 |
| 4) ڇٽل تير | 39 |
| 5) اوسيئڙي ۾ جڙيل آس | 43 |
| 6) چتو | 47 |
| 7) ياڳ اياڳ | 53 |
| 8) اونداهه | 60 |
| 9) چوٽڪارو | 64 |
| 10) فتح | 68 |
| 11) سبب | 73 |
| 12) پيرن ۾ ڪوڪا | 82 |
| 13) ڪَن | 87 |
| 14) حاصلات | 97 |

# اداري پاران

عبدالسلام ٿهيم (جنم 15 مارچ 1980ع) نئين ٿهيءَ جي انهن جاڪوڙيندڙ ڪهاڻيڪارن مان هڪ آهي، جيڪي سنڌي جديد ڪهاڻيءَ سان پيار ڪندي، مسلسل انهيءَ ۾ خوبصورت واڌارو ڪري رهيا آهن. سنڌس پهرين ڪهاڻي – ڪتاب ’اوسيئڙي ۾ جڙيل آس‘ ۾ شامل سندس 14 مختلف موضوعن تي لکيل ڪهاڻيون ان پيار جو ثبوت آهن.

سنڌي نئين ڪهاڻي پنهنجي جاري سفر ۾ جتي نوان موضوع کڻي اچي رهي آهي،اتي پيشڪش ۾ پڻ نواڻ ڏيڻ جي شعوري ڪوشش ڪري رهي آهي. عبدالسلام ٿهيم جون ڪهاڻيون ’فيس پڪچر‘، ’بي حسي‘، ’اوسيئڙي ۾ جڙيل آس‘ ۽ ’حاصلات‘ وغيره جهڙيون ڪهاڻيون معاشري جي الڳ پاسن ڏانهن پنهنجي هڪ جدا نگاهه وجهڻ جي ڪوشش آهن، جيڪي پنهنجي روح ۾ مثبت ۽ روشن ضميريءَ جي پاڻ گواهي ڏيئي رهيون آهن.

عبدالسلام ٿهيم سليس ٻوليءَ ۾، نهايت آسان ڪردارنگاري ذريعي پنهنجي آسپاس ۾ ٿيندڙ واقعن کي ائين ئي بيان ڪيو آهي، جئين سندس اکين ڏٺو ۽ دل محسوس ڪيو آهي.

سنڌي جديد ڪهاڻي، جيڪا محنت ۽ توجهه گهري پيئي، اهو هن گلوبل دور جي مصروفيت (ليکڪ جي معاشي مسئلن جي ڦٻڻ) ۾ غرق هجڻ سبب لاحاصل ٿيندي پئي وڃي، جنهن ڪري نه ڪهاڻي ايتري لکي ٿي وڃي، نه وري ڪهاڻي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. اهڙي سمي ۾ نئين ٿهيءَ جي پختي ڪهاڻي نويس عبدالسلام ٿهيم جو ڪتاب ’’اوسيئڙي ۾ جڙيل آس‘ سنڌي ڪهاڻي پڙهندڙن لاءِ تحفي جهڙو ڪتاب آهي.

**سعيد سومرو**
ڪنول پبليڪيشن قنبر
Saeedsoomro4@yahoo.com
Cell: 0333-7523132

مهاڳ:

# ڪهاڻي، رائج الوقت سِڪو آهي

ادب، زندگيءَ جي ُلپت آهي. ان ڪري تہ جٽادار ادب، زندگيءَ مان ائين ڦٽي پوندو آهي، جئين داٽي مان ڌرتيءَ جو سينو چيري سلو انگورجي ڦٽندو آهي. جئين زندگي ڪڏهن بہ جامد نٿي ٿئي، تيئن ادب ڪي بہ جمود اچڻو نہ آهي. ادب ڪي بہ زندگيءَ جيان روان دوان رهڻو آهي. رابندر ناٿ ٽئگور چواڻي، تہ:'' جيستائين معصوم ٻار ٿهڪ ڏيندا رهندا ۽ مائرون مرڪنديون رهنديون، تيستائين شاعر ۽ اديب لاءِ تخليق جو ميدان سوڙهو نہ ٿيندو.“

ڪهاڻي ٻين ادبي صنفن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ شوق ۽ چاهہ سان پڙهي ويندڙ صنف آهي. سائين محمد ابراهيم جوئي چواڻي، تہ: ''ڪهاڻي رائج الوقت تاريخ يا رائج الوقت سِڪو Current Coin آهي.“ ان ڪري، تہ ڪهاڻي زندگيءَ جو پوتاميل ۽ سماج جو سچو عڪس ڏيکاريندي آهي. ان ڪري بہ، تہ ڪهاڻي ردعمل هوندي آهي، انساني سماج ۾ ٿيندڙ وهي واپري ءُ لٿل پٿل جو. اسان جي ماحول ۾ جيڪو وهي واپري ٿو، ڪهاڻيڪارُ اهي عڪس جهٽيءُ اهو ئي ڪجهہ فني ڪارب ۽ تخليقي ڏانءُ سان موٽائي سماج جي مُنهن تي هڻي ٿو.

جٽادار ادب لاءِ اڻ ڪٿ مواد اسان جي آسپاس ٽڙيو پکڙيو پيو آهي. ڪيتريون ئي ڪهاڻيون وکريل پيون آهن، روز نيون ڪهاڻيون جنم وٺن ٿيونءَ مٿاچرين نگاهن جي نظر اندازين هٿان گهائجي وقت جي ٽوڪريءَ حوالي ٿي وڃن ٿيون. ڪهاڻين جا ڪيئي اڻ ڇهيا موضوع ۽ شاهڪار ڪهاڻين جا ڪردار بہ اسان جي آس پاس موجود آهن. ڪهاڻيڪار جو ڪم رڳو انهن کي ڪٺي، پنهنجي تخليقي ڏانءُ ۽ هنر سان ڪهاڻيءَ جي فني ڪارب ۾ آڻي پيش ڪرڻ آهي.

ڪهاڻي تخليقي پورهيو آهي، اها رڳو لفظن جي ڪيڙ ٻيلهہ يا وندر ورونهن ناهي، پر غلام سماج ۾ هڪ مقصد ۽ نصب العين بڻجي ٿو وڃي غلام قوم جو پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان ڪميٽيڊ ذات ڏٽي جڏهن ڪهاڻي لکندو، تہ اها الف ليليٰ جو قصو نہ هوندي، پر اها ڪنل ڪوڪ يا ٿر جي مرندڙ مور جي نڙيءَ ۾ اٽڪيل ڏنل ڏنل ٿهوڪو بڻجي ويندي آهي. اها پڙهندڙ جي ذهنن ۾ نئين سوچ جون نڪور لهرون اڀاري، ذهنن کيُ لٿل وهيڻو ڪرڻ جي سگهہ بہ رکندي آهي. اهڙيون تخليقون ذات جي سنڌاڻ تي چٽنگون چٽنگون ٿي وکرنديون آهن ۽ پڙهندڙن جي ذهنن ۾ سوچون تاسرڙن وٺن جيان وڃڻ لڳنديون آهن. اڄ جي سنڌ کي اهڙي ادب جي ضرورت آهي، جنهن ۾ اديب، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار جي ذات ۽ ڏانءُ جو محرڪ ۽

محور ڏرتي ۽ ڏرتيءَ جا ڌتڙيل ۽ ڏنجهيل ماڻهو هجن. ان ڪري تہ ڏرتيءَ کان ڪٽيل ادب پاڻيءَ جي قوتي يا ٽرنڪولائزر کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي.

مرزا نادر بيگ ۽ امر لال هنگوراڻي کان وٺي شيخ اياز ۽ جمال ابڙي تائين، ماڻڪ منير ۽ علي بابا کان وٺي نسيم کرل تائينءِ شوڪت شوري کان طارق عالم تائين ويهين صديءَ جي پنجن ڏهاڪن کي سنڌي ڪهاڻيءَ جو سونهري دور چيو تو وڃي. ان کان انڪار ڪونهي، نہ ئي ان ڳالهہ ۾ ڪي بہ رايا آهن، تہ مرزا نادر بيگ ۽ امر لعل هنگوراڻي پهريان ڪهاڻيڪار آهن، جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي نوان ۽ جديد لاڙا ڏئي ڪهاڻيءَ ۾ جدت آندي. ان ڏس ۾ امر لعل جي ڪهاڻي ''ادو عبدالرحمان'' ۽ مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي ''مس رستم جي''. ان دور جي ڪهاڻيءَ جي جديد گهاڙيٽي سان سنڌي سماج جي زندگيءَ کيُ لِٽاريندڙ جديد طرز جون ڪهاڻيون آهن. ان کان پوءِ شيخ اياز، جمال ابڙي، اياز قادري، بشير مورياڻي، حفيظ شيخ، غلام رباني آگري بيئن ان جدت کي اڳتي وڌايو.

ڪهاڻي اڄ بہ لکجي پئي. ڪهاڻيءَ جو سفر بيهجي نہ ويو آهي. اڄ بہ وڏي ۽ شاهڪار ڪهاڻي لکي پئي وڃي. اڄ جي ڪهاڻيءَ ۾ دهشتگردي، بدامني، مهانگائي، پاڻيءَ جي کوٽ، ٽارگيٽ ڪلنگ، وجوديت، جديديت ۽ جديديت پڄاڻان جهڙا موضوع بہ شامل ٿيا آهن. نہ رڳو ايترو پر ڪهاڻيڪارن جي گهڻ کي چڏي رڳو ڳڻ جهڙن سٺن ڪهاڻيڪارن کي ڳڻپ ۾ آٽيون تہ بہ اڄ جيترو انگ ڪهاڻيڪارن جو آهي، اهو ويهين صديءَ جي پنجن ڏهاڪن سميت ڪنهن بہ دور ۾ نہ رهيو آهي. بس، ڪٿي ڪا کوٽ آهي، تہ اها نقادن جي آهي. اڄ جي ڪهاڻيڪار جي ڪٽي ۾ نقاد نہ آهي. ان کان بہ وڏي ڳالهہ، تہ اليڪٽرانڪ ميڊيا جي رومڙ ڪري ڇانئجي ويل لهر ۽ ڪاپي ڪلچر واري تعليمي وايو منڊل ۾ پڙهندڙ جو ادارڪ ان سطح کي ڇهڻ جوڳو ئي نہ رهيو آهي، جيڪا سطح اڳ پاٺڪن کي اعليٰ ساڃاهہ ڏيندي هئي.

نون لکندڙن ۽ نئين ٿهيءَ جي ڪهاڻيڪارن جي کيپ مان ڪجهہ ڏاڍا ڪٽا، پنهنجي تخليقي پورهئي، سُرت ۽ محنت سان ادب جيُ لِي تي نروار ٿيا آهن، جن ۾ انور شيخ، رئوف ڪوسو، حميد ابڙو، حسيب ڪانهيو، اختر حفيظ، قربان جتوئي، 'بيوس' محرم مغيري، منظور ڪلهوڙو، منصور برڙو، ذوالفقار گاڏهي، 'وفا' صالح راڄپر، عبدالسلام تهيم ۽ بيا شامل آهن. جيڪي پنهنجي سرت، ساڃاهہ ۽ ڪمٽمينٽ سان نوان تخليقي جهان دريافت ڪري رهيا آهن ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ کي نين ڏسائن سان همڪنار ڪرڻ لاءِ پنهنجي حصي جي جاکوڙ ڪري رهيا آهن. نوان تخيلقار ان ٻار جيان هوندا آهن، جيڪو ويهڪي ۽ واڪر جي حدن کي اورانگهي نڌڙيون وکون کڻندو آهي ۽ پوءِ جڏهن وک ڪيس نئون اتساهہ ۽ اعتماد ڏيڻ لڳندي آهي تہ پاڻمرادو پنڌ ڪرڻ لڳندو آهي ۽ پٽ تي پختا پير رکندو آهي. ان ڪري سنڌي ادب جي گهڻ گهرائي ان ۾ آهي تہ سنڌي ڪهاڻيءَ کي نسرڻ ۽ نئين ٿهيءَ کيُ لِمرڻ ڏجي.

غير منطقي دليلن سان انتي واي لٽ گهمائي، انهن جي رستي روڪ ڪرڻ بدران نئين عهد کي ادب جي جديد لاڙن ۽ گهرجن جي سُرت ۽ فني ڄاڻ ڏئي، اڳتي وڌڻ ۾ سهڪاري هٿ وڌائجي. ان ڪري، ته هر نئين تهي، پنهنجي سينئر تهيءَ جو تسلسل هوندي آهي.

عبدالسلام تهيم نئين تهيءَ جو سنو ڪهاڻيڪار آهي. وٽس ڪهاڻي بہ آهي تہ ڪهاڻي لکڻ جو ڏانءُ ۽ ساهس بہ رکي ٿو. وٽس موضوعاتي ورائٽي بہ آهي تہ سرجڻهاري سگهہ ۽ سُرت بہ آهي. وڏي ڳالهہ تہ ڪهاڻي جي پرک پني تي سندس نانءُ بہ لکجي چڪو آهي. هاڻي ڪيس رڳو ڏات جي لغت ۾ پنهنجي ڏانءُ لاءِ نيون معنائون ڳولڻيون پونديون.

عبدالسلام وٽ سماجي حقيقت پسندي بہ آهي، تہ رومانس بہ آهي. سندس رومانس ۾ بہ زندگيءَ سان لاڳاپيل مسئلا آهن. سماجي اڻ برابري، ڏاڍ ۽ ارهہ زورائيءَ کي وڏي اظهارڻ بدران وٽس منڙو ۽ نماڻو لاڙي لهجي وارو ڏيرج آهي. اظهارڻ جو اهو جهيڻو انداز اثر رکي ٿو. سندس ڪهاڻيون زندگيءَ سان ڀرپور آهن، جن مان زندگيءَ جا چٽا پٽا عڪس نظر اچن ٿا.

عبدالسلام تهيم جي هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين تي نظر وجهون ٿا.

## مورڪ اُڃ مرن:

سنڌي زرعي سماج ۾ رت جي رشتن جو اهوُ اِجرو پاسو رهيو آهي، تہ اهو رشتو پاءُ پيڻ جو هجي يا ماءُ پٽ جو. سوٽن، ماساتن جو هجي يا ماروتن، ڀڦاتن جو. انهن ۾ رت جي ڇڪ اورگهور حد تائين هوندي آهي. پوءِ اهو سوٽ، ماسات، ماروٽ ۽ ڀڦات جو رشتو، زال مڙس جي رشتي ۾ ٻڌجي تو وڃي، تہ زال مڙس جي ان دائمي تعلق ۾ پنهنجائپ واو فطري رڇاءُ ۽ اورگهور چاهنا هوندي آهي. 'يلي يلي ياڻ آئي، سا بہ نہ يلي.' واري موضوع تي لکيل هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ اهڙن ئي رشتن جي تندن سانُ ڦيل زال جي اور گهور پيار کي آندو ويو آهي، جيڪو ڏيکاءُ واري ٻاهرين پيار جي ڪوڙي طلسم کي ٽوڙڻ جي سگهہ رکي ٿو. هي زندگيءَ جي لکل گوشن کي نروار ڪندڙ ڪهاڻي آهي. شادي شده رومانس ۾ هڏ رت واري زال جي لازوال پيار ۽ قربانيءَ جي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ مڙس جي نظراندازي ۽ درد ۽ پيڙا واري عورت جي ادارڪ کي چٽيو ويو آهي.

## بي حسي:

هن ڪهاڻيءَ جو موضوع پراڻو ۽ روايتي آهي، پر ڪردار جي ڦيري سان موضوع کي نواڻ ڏيڻ جي سني ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## فيس پڪچر:

موضوعاتي نيارپ رکندڙ هن ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي ڏکن کي پاسي تي رکي، بين ۾ خوشيون ونڊڻ ورهائڻ ۽ پنهنجي وجود سان سلهاڙيل محرومين ۽ نراساين کي لڪائي، بين کي جياپي جو ُلساهه ۽ حوصلو ڏيڻ واري مظهر جو ڪردار برجستو آهي. هن اثر ڇڏيندڙ ڪهاڻيءَ جا مڪالما به ڀرپور آهن.

## ڇُتل تير:

سني اينٽي ڪلائمڪس ڪهاڻي آهي. موضوع توڙي جو نئون ڪونهي، پر ڪهاڻيءَ جي ٽريٽمينٽ اهڙي آهي، جنهن هن ڪهاڻيءَ ۾ ساهه وجهي ڇڏيو آهي.

## اوسيئڙي ۾ جُڙيل آس:

خوبصورت ٽائيٽل ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ نه رڳو ساموندي پٽيءَ سان رهندڙ مهاڻن ۽ پورهيتن جي جيون ۽ ڪرت کي محفوظ ڪيو ويو آهي پر ساموندي طوفانن سان سينو تاڻي منهن ڏيڻ ۽ سرڪاري واهر جي ڪوڙن هامن جي ڪتا ڪي آندو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن پريمين جي پيار ڪٿا، وڇوڙي جي ورلاپن ۽ اڻ ڪٿ اوسيئڙي جي نفيس جذبن جيُ لٽ ڏسڻ وٽان آهي. نه رڳو ايترو، پر وڇڙيل ور جو، پٽ ڄمڻ جي صورت ۾ موٽي ملڻ جو خيال نئون آهي. جنهن کي عبدالسلام ٿهيم سنو نڀايو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ مڪالما لاڙ جي ساموندي پٽي واري سنڌي ٻوليءَ جي مخصوص لهجي ۾ ڏجن ها، ته ڪهاڻي اجان به ڀرپور اثر ڇڏي ها.

## ڇتو:

انساني سماج مان ماڻهپو، جڏهن مري مُڃ ٿي وڃي ٿو ته ماڻهو پاڻ پٽي واري ڇت ڪتائي جي مرض ۾ وڪوڙجي ويندا آهن. سماج مان انساني ۽ اخلاقي قدر پرَ ڪري اڏامي ويندا آهن ۽ پوءِ ٽارگيٽ ڪلر انساني وسندين ۾ ڇتن ڪتن واريون لوڻهن پيا ڏيندا آهن. هيءَ ڪهاڻي به ماڻهوءَ جي ان ڇتپڻي کي نيشانبر ڪري ٿي، جنهن ۾ الائجي ته ماسي جينوءَ جهڙين ڪيترين اپاڳين جي اکين جا خواب، سندن اکين جي فريم ۾ ئي پورا پورا ٿي وڃن ٿا. سندن جوان ۽ ڳڀرو ٻچڙا،اکين جا اوجر ۽ سهاري جون لٺيون ٽارگيٽ ڪلنگ جي نالي ۾ پنهنجا ارمان، اڌوريون آسون ۽ سپنا ڪفن ۾ ويڙهي مٽيءَ ۾ ملي وڃن ٿا.

**پاڳ اپاڳ:**

رومانس جي موضوع تي پلوڙ اينٽي ڪلائمڪس ڪهاڻي آهي. موضوع توڙي جو نئون ڪونهي، پر ڪهاڻيءَ جو سٽاءُ، پيشڪش جو انداز ۽ ڪردارن جي بيهڪ اهڙي آهي، جنهن ڪهاڻيءَ کي نواڻ ڏئي ڇڏي آهي.

**اوندھ:**

عبدالسلام تهيم جي هيءَ ڪهاڻي نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي 'چوڏو' جو تسلسل آهي. ان ڪري ته هن ڪهاڻيءَ جو موضوع، ٿيم ۽ مرڪزي خيال به ساڳيو آهي، ته ڪهاڻيءَ مان حاصل ٿيندڙ سبق، مقصد ۽ ميسيج به ساڳيو آهي. لڳي ٿو ته ليکڪ جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ نجم عباسيءَ جي ڪهاڻيءَ جو سحر ۽ اثر موجود رهيو آهي. ائين ٿيندو به آهي. ان ۾ ڪا اربع خطا به ڪانهي. سنڌ جا وڏا ڪهاڻيڪار به پاڻ کي ان اثر کان بچائي نه سگهيا آهن. ممتاز مهر چواڻي، ته ''جمال ابڙي تي ميڪسم گورڪي ۽ ڪرشن چندر جو اثر آهي. امر جليل جي ڪهاڻين مان ارنيسٽ هيمنگوي جون جهلڪيون ملن ٿيون. علي احمد بروهيءَ تي جيروم - ڊي- جيروم جو نمايان اثر آهي. مشتاق شورو ۽ شوڪت شورو،گنو سامتاڻي ۽ لعل پشپ ڪان متاثر آهن. سراج ميمڻ جي ڪهاڻي ''اي درد هلي آءُ' ۽ جيمز جوائز جي ڪهاڻي The Dead ۾ سئو سيڪڙو مشابهت آهي. علي بابا جي ڪهاڻي ''هڪ سئو روپئي جو نوٽ'' اوهينريءَ جي ڪهاڻيءَ جو نقل آهي.''

**ڇوٽڪارو:**

ڪوڙين ياوناءن تي آڏاريل وٿيرڪن رشتن جي جهنگل ۾ جيئندڙ ماڻهوءَ لاءِ پرائي پيار جي پناهه جو ننڍڙو چانورو به وڏي آٿت هوندو آهي. سٺي ڪهاڻي آهي.

**فتح:**

پيار جڏهن چاهتن جون حدون اورانگهي انا ٻڌجي ٿو وڃي، تڏهن اهو پيار نٿو رهي پر جسماني حاصلات جو ضد ٻڌجي ٿو وڃي. ان ۾ وصال جي خوشي ڪان وڌيڪ انا جي تسڪين شامل هوندي آهي. ان موضوع تي لکيل سٺي ڪهاڻي آهي.

**ڪُنُ:**

هيءَ جيوت ڪان متيري ڪهاڻي آهي، جيڪا ڪنهن هڪ مقصد يا پيغام کي بريڪيٽ نٿي ڪري. هن ڪهاڻيءَ ۾ جتي روزگار جي نالي ۾ بيروزگار نوجوانن

سان ٽيندڙ مذاق ڪي آندو ويو آهي، لني پنهنجي ڪم ڪڍڻ لاءِ، ٻئي جي نقصان جي پرواهه نه ڪرڻ واري سوچ ڪي به شامل ڪيو ويو آهي. ڳڻوڳڻ ڏک مهل ڊاڪٽرن سميت ٻين پاران ڏکويل سان واهر نه ڪرڻ واري ورتاءُ ۽ پوليس جي حاڪماڻي ۽ اڻنگي ورتاءُ ڪي پڻ نمايان ڪيو ويو آهي.

## حاصلات:

رومانس جي موضوع تي متاثر ڪندڙ خوبصورت اينٽي ڪلائمڪس ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ سچيتائيءَ سان پوري پُني بر ۽ تر ۾ ڪهاڻيءَ ڪي ائين ڳُڪلايو آهي، جو پڇاڻي ۾ اثر جا ويڙها ڪلندا وڃن ٿا. ڪهاڻيءَ ۾ نه گهڻي لفاظي آهي ۽ نه ئي طويل مڪالما. اهو پيار، جيڪو زندگيءَ جي حاصلات نه ٻڌجي سگهيو ان پيار ڪي من جي قرهيءَ تان ميٽي ڇڏڻ بدران پل پل جي ياد جو حوالو بنائڻ لاءِ، پريمڪا پاران پنهنجي پٽ لاءِ پريميءَ جو نالو رکڻ نئين ڳالهه آهي، جنهن ڪي عبدالسلام ٿهيم خوبصورتيءَ سان هن ڪهاڻيءَ ۾ نڀايو آهي.

عبدالسلام ٿهيم لاءِ ڪا وڏي هام هڻي ۽ فتويٰ ڏئي ڪيس ضايع ڪرڻ جو گناهه نٿو ڪرڻ گهران. ان ڪري ته ڪيس اڃان گهڻو پنڌ جهاڳڻو آهي. ڪهاڻيءَ تي وڌيڪ گرفت لاءِ ڪيس اڃان گهڻي محنت ڪرڻي آهي. هڪ هنڌ بيهي ناهي رهڻو. ڪيس جزئيات نگاري، ڪردارنگاري، منظر نگاري، مڪالما نگاري ۽ آرٽ جي ڇهاءَ تي ڌيان ڏئي، پنهنجي ٿهيءَ ۾ مانائتو مقام ناهڻو پوندو.

**محمد صديق منگيو**
سڪرنڊ
16 مئي 2013 ع

# سماج جا عڪس چٽيندڙ ڪهاڻيڪار

ڪو به سنو ليکڪ انهي ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهي ته لکڻ ڏکيو ڪم آهي ۽ ادب ۾ وري جڏهن ڳالهه ڪهاڻي لکڻ جي هجي ته اهو اجا به ڏکيو ڪم آهي. چاڪاڻ ته هڪ مختصر ڪهاڻي ۾ هڪ ڪهاڻيڪار ڪي ايترو ته ڀرپور نمونې پنهنجي ڳالهه چوڻي هوندي آهي جو اها اثرائتي به رهي ۽ پڙهندڙ جي ذهن کي جنجهوڙي به سگهي. مون کي انهي ڳالهه جي خوشي آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪالهه به ڪهاڻي لکي پئي وئي ۽ اڄ به ڪهاڻي لکجي رهي آهي، گهٽ ۾ گهٽ اها ڳالهه ته ثابت ٿي وئي ته ڪهاڻي مئي نه آهي ۽ انهن ”نام نهاد نقادن“ کي اها به خبر هجڻ گهرجي ته ڪهاڻي مرندي نه آهي پر اهو پنهنجو سفر جاري رکندي آهي، رڳو انهيءَ جو زمانو بدلجي ويندو آهي.

عبدالسلام تهيم به سنڌي ٻوليءَ جو نوجوان ڪهاڻيڪار آهي جيڪو ڪافي وقت کان پنهنجي اندر جي آنڌ مانڌ ۽ سماج ۾ ٿيندڙ مختلف وارتائن ۽ لقائن کي ڪهاڻي جو ويس ڍڪائي ڪجهه نه ڪجهه چوڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن جون ڪهاڻيون پڙهڻ کان پوءِ مون کي ائين لڳو ته سندس ڪهاڻيون ائين ئي آهن جن کي آئون هڪ سٽ ۾ بيان ڪريان ته ائين چوندس ”هڪڙو هو شهزادو ۽ هڪڙي هئي شهزادي‘ پاڻ ۾ مليا پيار ٿيو ۽ وڇڙي ويا.“

يعني هن جي ڪهاڻين ۾ ايتري چٽائي آهي جو انهن کي اجايو لفظن جي جار ۾ ڦاسائڻ جي هن ڪوشش نه ڪئي آهي بلڪ هن جون ڪهاڻيون سڌيون ساديون آهن، جن کي پڙهي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته مختصر ڪردارن تي ٻڌل ڪهاڻي کي ڪيئن سماجي پاسن سان ڳنڍي انهي نياپي کي عوام يا پڙهندڙ تائين پهچائجي. هن وٽ ڪا هترادو ڪاريگري نه آهي، ڪي به هترادو لفظ گهڙي هو ڪهاڻين کي منجهائي نٿو، نه ئي سندس ڪهاڻين جو پلاٽ ڪو اهڙو آهي جو ماٿهو ئي ٻور ڪري. هن جون ڪي گهڻيون ڪهاڻيون ته اهڙيون آهن جيڪي هن تان گذريون آهن، اهي ئي ڪهاڻيون جن کي هن پاڻ محسوس ڪيو آهي ۽ هي قصا توڙي واقعا جن ۾ درد، ڏک ۽ سور شامل آهن، اهي جڏهن هن هڪ ترتيب ۾ لکڻ شروع ڪيا ته ڪهاڻيون ٺهجي ويا.

آئون انهي خيال جو آهيان ته ڪهاڻي ڪيتري به سٺي هجي پر انهي جو لاڳاپو سماج توڙي سماجي روين سان ضرور هجڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان سماج کان واقف نه آهيو ته پوءِ اهو وساري ڇڏيو ته ڪو سٺي ڪهاڻي به لکي سگهجي ٿي. پر سلام جي ڪهاڻين ۾ سماج جا اهي پاسا آهن جن کي هن قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، انهي ۾ هو ڪيترو ڪامياب ويو آهي، انهي جو اندازو هر انهيءَ پڙهندڙ کي

ٿيندو جيڪو هن جي ڪهاڻين کي دلچسپي سان پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو. هن جي ڪهاڻين جا ڪردار جيتوڻيڪ وچوڙن جو شڪار آهن پر تنهن هوندي به اهي انهيءَ ئي سماج ۾ ساهه کڻن ٿا. جنهن ۾ ڏڪار آهي، ذات پات جو چڪر آهي، ۽ مسئلن جا اهڙا جار آهن جن ۾ عام ماڻهو هر وقت ڦاٿو پيو آهي. لاڙ جي هوائن ۾ جيئندڙ سلام جي ڪهاڻين جا ڪردار به اهي ئي ماڻهو آهن جن سان هن زندگي جا پل گذاريا هوندا جن جي ڇهڻ کي پڙهڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي.

مثال طور هن جي ڪهاڻي ”بي حسي“ جو ڪردار اها عورت آهي جيڪا مجبوري سبب ماڻهن کان پئسا پني ٿي جنهن جو پٽ مرڻ ۾ هوندو آهي پر ڪو به هن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار نٿو هجي، ۽ هوءَ پنهنجي ڇوڪري جي حياتي تان هٿ کڻي ٿي وڃي. اهڙا مثال اسان جي سماج ۾ پريا پيا آهن جن ۾ ماڻهن جي بي وسي به اسين پسي سگهون ٿا. جيڪي لاچار زندگي جي ڪُن ۾ هر وقت ٻڏندا رهندا آهن پر انهن جي سڏ تي ڪو به وراڻي ڏيڻ وارو نه هوندو آهي، يا وري سندس ڪهاڻي ”فيس پڪچر“ جو مظهر جيڪو پاڻ ته ڪلي ۽ خوش رهي ٻين ماڻهن کي جيئڻ جو گس ڏسيندو آهي پر هن جي پنهنجي زندگي اونداهي ۾ گهيريل هوندي آهي. جنهن وٽ ڪجهه گهڙين جي خوشيءَ ته هوندي آهي پر زندگي نه هوندي آهي ۽ هو وقت جي وهڪرن ۾ زندگي کي ڳوليندو آهي، حياتي جي هر لمحي کي جيئڻ چاهيندو آهي. زندگي جتي هڪ حقيقت آهي اتي اها ڪيترن ئي دل ڏاريندڙ تجربن جو به نالو آهي. سلام جي انهي ڪهاڻي ۾ به اهو ئي ڄاڻايل آهي ته اسان جي سماج ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي پنهنجي حصي جون خوشيون ته نه ماڻي سگهندا آهن پر ٻين کي خوشي جو هر پل ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سلام جي ڪهاڻين ۾ سماج جا عڪس چٽيل آهن، جنهن ۾ بدبودار ڪردار به آهن ته ڪي چڱا ماڻهو به آهن. ”چِٽل تير“ جو ڪردار وڏيري جو اهو منشي پنهنجي عياش طبيعت جي ڪري پنهنجي ئي ڌيءَ جو پانڌ جهلي ٿو وٺي، جنهن کان هو اڻڄاڻ هوندو آهي پر اهي اهڙا ئي واقعا آهن جن کي سلام وائکو ڪيو آهي. هڪ ليکڪ جو ڪم رڳو افسانوي ڳالهيون ڪرڻ نه آهي پر انهن حقيقتن تان پردو کڻڻ به آهي جن تي صدين کان پردا پيل آهن، جن لاءِ ڪو ماڻهو چپ ڇورڻ لاءِ تيار نه آهي. سو اهڙي همت سلام به ڪئي آهي ۽ هن کي اها همت جاري رکڻ گهرجي.

سندس ڪتاب ”اوسيئڙي ۾ جُڙيل آس“ ۾ جيڪي پيار جي موضوع تي ڪهاڻيون لکيل آهن، انهن ۾ هن انهن ڪردارن کي هڪ اهڙي موڙ تي بيهاريو آهي جتي اهي حالتن هٿان مجبور هوندا آهن. هن جي دلين جي ڪيل فيصلن تي سماج جون اهي ريتون رسمون حاوي ٿي وينديون آهن جن ۾ اڄ به اسان جو سماج جڪڙيل آهي. ”ياڳ اياڳ “ به اهڙي ئي ڪهاڻي آهي جنهن ۾ سندس محبوبه زيب هن جي ويجهو اچي پري هلي ويندي آهي پر اصل ۾ هوءَ پنهنجي پيار کي انهن تلخ حقيقت

تي قربان ڪري ڇڏيندي آهي جن ڪان هوءَ منهن موڙي نہ سگهندي آهي. سلام پنهنجي سامونڊي ساحل جي انهن مسڪين ماڇهن ڪي بہ پنهنجين لکڻين ۾ جاءِ ڏني آهي جيڪي انهي وشال سمنڊ جي ويرن جي ڪري موت جي منهن ۾ هليا ويندا آهن. ”اوسيئڙي ۾ جڙيل آس“ بہ انهن ڪي ماڇهن جي ڪهاڻي آهي جن لاءِ شاه لطيف چيو آهي تہ

ڪاري ڪيڙائون، مٿي مِٺي موتيا؛
سودو ڪن نہ سون جو، وڏا وِهائون؛
موتِي جي مهراڻ جا، تِن جا طاماعون؛
سامونڊِي سائون، لنڪا لوپي آئِي.

سو هي اسان وارو يار بہ انهن ڪي ائين ئي ياد ڪري ٿو، جو تہ سامونڊي پٽيءَ تي رهندڙ ماڇهو طوفانن لاءِ سدائين تيار رهندا آهن. دنيا جتي فطرت ڪان پري ٿي رهي آهي، ۽ سائنس اسان جي سماج ڪي ايترو تہ ڳنڍي ڇڏيو آهي جو ماڇهو وٽ ايترو بہ وقت بہ بچيو آهي جو اهو فطري حسن ڪي پسي سگهي، انهي ڪي ڪجهہ گهڙين لاءِ محسوس ڪري سگهي. اهڙي صورتحال ۾ هو ”اوندهہ“ نالي ڪهاڻي لکي اسان ڪي فطرت ڏانهن منهن موڙڻ جو درس ڏئي ٿو پر انساني جبلت ۾ موجود صدين جا عقيدا هن ڪان فطرت جي ويجهو وڃڻ جو حق بہ کسي ٿا وٺن. جو تہ سماج ۾ اجا بہ اهي روايتون تمام گهٽيون مضبوط آهن جن مان جان ڇڏائڻ لاءِ اجتماعي شعور جي ضرورت آهي. ائين هن جون ٻيون ڪهاڻيون بہ آهن جن ۾ هن سماجي مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي.

هن جو ڪتاب پڙهڻ ڪان پوءِ آئون اها اميد ڪريان ٿو تہ هو ڪهاڻي لکڻ جي سفر ڪي ڪڏهن ختم نہ ڪندو ۽ اسان ڪي اجا بہ سٺيون ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ ڏيندو.

**اختر حفيظ**

حيدرآباد

24.04.2013

# نظر ايندڙ ڪهاڻيون

ڪنهن به سُڌريل سماج ۾ اخلاقيات جي تقاضا ته اها آهي جو فنونِ لطيفه سان وابسته هر فرد کي ڀيو ڪو به اونو الڪو نه هئڻ گهرجي، سواءِ پنهنجي فن جي! هڪ تخليقڪار ان حوالي سان ئي معتبر هئڻ گهرجي جو هُو هڪ تخليقڪار هوندو آهي، چاڪاڻ ته هر ڪو ئي تخليقڪار نه ٿي سگهندو آهي. هُن جو ڪم فقط تخليڪاري ئي هئڻ گهرجي پر اسان جو سماج، جيئن ته ان حوالي سان ڪوهه جي تري ۾ پيل آهي سو اهو ئي سبب آهي جو هتي فنونِ لطيفه سان وابسته ماڻهو ئي سڀ ڪان وڌيڪ ويل ۾ آهن. ايتريقدر جو اوهان اهو محسوس ڪيو هوندو ته والدين به پنهنجي ٻارن کي فقط نصابي ڪتابن تائين ئي محدود رکڻ تا گهرن. ڪهاڻين ۽ شاعري جا ڪتاب وقت جو ذيان چاتا تا وجن. تلخ ئي سهي! پر اها هڪ حقيقت آهي ته اهو ته هر ڪو ئي چاهيندو ته، سندس اولاد وڏو ٿي ڊاڪٽر ٿئي، انجنيئر ٿئي، پر اهو شايد ئي ڪو چاهيندو ته سندس اولاد وڏو ٿي ڪو شاعر ٿئي يا ڪهاڻيڪار ٿئي! ان جا ڪوڙ سارا سبب آهن جن کي بيان ڪرڻ جي لاءِ به ڪوڙ سارو وقت ۽ ڪوڙ سارا پنا گهرجن، سو ان ڳالهه کي اتي ئي ڇڏي پاڻ اچون تا پنهنجي اصلي ڳالهه تي ته ادب، جيئن ته ڪنهن به قوم جي گڏيل ميراث هوندو آهي سو هجڻ ته هيئن گهرجي ته شاعرن توڙي اديبن کم فقط لکڻ هئڻ گهرجي باقي سندن لکت جي ڇنڊ ڇاڻ ڪان ويندي ڇپائڻ ۽ ڪپائڻ تائين سجو ڪم ميرت جي بنياد تي ادارن جو هئڻ گهرجي، پر اسان وٽ حالت اها آهي جو شاعرن ۽ اديبن جو ڪم ته نهيو پر خود شاعر ۽ اديب به ننڊٽڪا ٿي مري ويندا آهن پر ادارن جي ڪن تي ڪا جونءِ ئي نه سُرندي آهي! اسان جنهن سماج ۾ رهون تا تنهن ۾ عزت جي تقاضا اها آهي ته ادارن تي ميار ڪرڻ ڪان بهتر آهي ته قلم ئي پيجي ڇڏجي! خودڪشي ڪري ڇڏجي پر ڪنهن ڪاتي ڪان خيرات نه گهرجي! اها ڳالهه نه فقط مون، پر اڄڪلهه هر نوجوان ليکڪ چڱي طرح سمجهي چڪو آهي سو اهو ئي سبب آهي جو مون اهو محسوس ڪيو آهي ته سنڌي جا ڪتاب پهرين ڪان وڌيڪ جهجهي مقدار ۾ ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي رهيا آهن. اڄ جي نوجوان ليکڪ کي ادارن جا حال ساريا پيا آهن، سو اهو پنهنجي مدد پاڻ تحت ئي پنهنجي تخليق کي پنهنجو اولاد سمجهي ان جو بار لاهي رهيو آهي ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪان ويندي ڇپائڻ توڙي ڪپائڻ تائين سڀ بار پنهنجي ئي ڪلهن تي وسائي رهيو آهي! جيڪڏهن تخليقيت ۾ به ڪا ڪمي بيشي سامهون اچي رهي آهي ته اها پڻ ان جو ئي نتيجو آهي. هي ڪتاب، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي سو پڻ هڪ اهڙي ئي نوجوان ليکڪ جو آهي جيڪو منهنجي انهن متين ڳالهين سان سؤ سيڪڙو متفق آهي.

عبدالسلام تهيم جي هڪڙي سُني ڳالهه اها آهي جو هُو هڪ مثبت ۽ غيرجانبدار سوچ رکندڙ ماڻهو آهي. مون کي اهو يقين آهي ته جيڪڏهن ڪو پڙهندڙ رڳو هي ڪتاب ڏسي سلام کي واهه واهه ڪري ڇڏيندو ته ڪيس ان ڪان وڌيڪ اهو سُنو لڳندو جيڪو هي ڪتاب پڙهي پوءِ خاميون ۽ خوبيون ڪيس ٻڌائيندو. ان جو اندازو ان ڳالهه مان به لڳائي سگهجي ٿو ته توڙي جو سلام جون هي ڪهاڻيون پندرنهن روزه عبرت مئگزين ۾ واري واري سان ڇپيل به آهن پر تنهن هوندي به هُن جڏهن مون کي هي ڪهاڻيون ڪمپوزنگ جي لاءِ ڏنيون ته مون کي به ڇنڊڇاڻ جا سمورا اختيار ڏئي ڇڏيائين ۽ ان ڪان پوءِ جڏهن محمد صديق منگيو صاحب کي به مهاڳ ۾ پنهنجي راءِ جي حوالي سان پوري طرح آزاد ڇڏي ڏنائين.

آئون هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻين تي پنهنجي ڪا به راءِ نٿو ڏيڻ چاهيان. مان نٿو چاهيان ته ڪو به پڙهندڙ منهنجي راءِ جي زد ۾ اچي وڃي ۽ پنهنجي ڪا ذاتي راءِ قائم نه ڪري سگهي. آئون چاهيان ٿو ته، هر ڪو پنهنجي نج راءِ رکي، جيڪو جيئن محسوس ڪري، تيئن ئي بيان ڪري. آئون به هتي هنن ڪهاڻين جي باري ۾ اهو ئي بيان ڪرڻ ٿو چاهيان، جيڪو مون هي ڪهاڻيون ڪمپوز ڪندي محسوس ڪيو. اها ڪا منهنجي راءِ نه آ، منهنجي محسوسات آهي. سلام جون هي ڪهاڻيون پڙهندي پڙهندي مون کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ مان ڪو ڊرامو وغيره ڏسي رهيو آهيان. اهو ئي سبب هو جو مون سلام کي اهو چيو ته، ”يار تنهنجي ڪهاڻي مون کي ڊرامي جيان ٿي لڳي، سو منهنجي توکي صلاح آهي ته تون ڊراما لک! تون سُٺا ڊراما لکي سگهين ٿو!“

مون کي ته خبر نه هئي، پر منهنجي اها ڳالهه ٻڌي هُن ٻاڻ ٻڌايو ته، هُو پهرين هلڪا ڦلڪا مختصر ڪي اسٽيج ڊراما لکي به چڪو آهي ۽ اين جي اوز جي پروگرامز ۾ پڻ هو پروجيڪٽ جي مُناسبت سان ڊراما لکندو رهي ٿو. اهو ٻڌي مان سمجهي ويس ته هُن جون ڪهاڻيون پڙهندي پڙهندي مون کي ڊرامي جو احساس ڇو ٿي ٿيو! مان عبدالسلام جي ڪهاڻين کي نظر ايندڙ ڪهاڻيون چوان ٿو، ڇاڪاڻ ته، هڪ ته هُن جون ڪهاڻيون پڙهندي پڙهندي ڪنهن ڊرامي جيان نظر اچڻ لڳنديون آهن، ۽ ٻيو ته، سندس ڪهاڻيون ڳجهو ڪونه ٿيون ڳالهائن، اوهان جڏهن هي ڪهاڻيون پڙهندا ته عبدالسلام جون ڪهاڻيون اوهان کي اوهان جي آسپاس نظر اچي ويندڙيون.

هر شيءِ پنهنجي پنهنجي ڪل ۾ قيد آهي سو اهو ئي سبب آهي جو عبدالسلام تهيم به پنهنجي ڪل مان ٻاهر نڪري نه سگهيو آهي. هُن به اهي ئي شيون موتايون آهن، جيڪي ڪيس مليون آهن، هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻي ’ڪن‘ هُن جي پنهنجي فرياد ٿي لڳي! هُن جي زندگي ڏاڍي جفاڪشي واري رهي آهي، سو هن جي ڪهاڻين ۾ پڻ اها ئي وٿ وٺان نظر اچي ٿي. باقي ها، اها هڪڙي حقيقت آهي ته جهڙي طرح

ڪنهن انسان ڪي ڪا شيءِ جڏهن ملي نہ سگهندي آهي، تنهن ناممڪن ۾ ممڪن بڻائڻ جو واحد وسيلو خواب ئي وڃي رهندو آهي. سو عبدالسلام بہ جنهن شيءِ کي وڏيڪ ڇهيو آهي، سا اها ئي آهي. مون کي ذاتي طور تي تہ ڪا خبر ناهي تہ سلام کي محبت ملي يا نہ! پر هن جون ڪهاڻيون پڙهي مون ڏاڍي شدت سان اهو محسوس ڪيو آهي تہ محبت ئي اها شيءِ آهي جيڪا کيس رُلائيندي رهي آهي! محبت جڻ تہ سنڌس جي زندگي ۾ ناممڪن رهي آهي، اهو ئي سبب آهي جو هُن محبت جي ڪمي پوري ڪرڻ جي لاءِ سپنا ڏٺا آهن، ۽ وڏيڪ ڪهاڻيون محبت تي ئي لکيون آهن. هُن ڪهاڻين جي ڪردارن جي وسيلي ئي پنهنجي محبت جيُ لڄ اجهائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي آهي! تي سگهي ٿو تہ مان غلط بہ هجان پر 'ياڳ اياڳ'، 'پيرن ۾ ڪوڪا' ۽ 'اوسيئڙي ۾ جڙيل آس' جهڙيون ڪهاڻيون ڪمپوز ڪندي مون بار بار اهو ئي محسوس ڪيو آهي!

جيئن مون پهرين ئي لکيو تہ، سلام مُثبت سوچ وارو ماڻهو آهي سو سنڌس ڪهاڻين جا ڪردار بہ مُثبت سوچ وارا ئي آهن، هُن جون ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي هاڪاري موڙ تي ختم ٿين ٿيون، ايتريقدر جو 'سبب' جهڙي ڪهاڻي بہ آخر ۾ مُثبت تاثر ڇڏي ٿي! سلام شين کي مُثبت نگاهہ سان ڏٺو آهي، 'فيس پڪچر'، 'حاصلات' ۽ ' مورڪهہ لڄ مرن' ان ڳالهہ جون گواهہ ڪهاڻيون ٿيون لڳن.

بهرحال، عبدالسلام تهيم جي ڪهاڻين جو هي پهريون ڪتاب آهي، سو اها اجا سنڌس شروعات آهي، پر تنهن هوندي بہ ڏسڻو اهو آهي تہ سنڌس هن ڪتاب جي وسيلي سلام پڙهندڙن تي ڪهڙو اثر ٿو ڇڏي! ڇاڪاڻ تہ سنڌس ادبي عمارت جنهن بُنياد تي بيهندي، سو بُنياد هي ڪتاب ئي سمجهيو ويندو!

**حسيب ڪانهيو**

ميرپورخاص

27-04-2013

# جرئتمند ڪهاڻيڪار

عبدالسلام تهيم سنڌ جو انتهائي سهڻو نثر نويس آهي، پاڻ نه رڳو بهترين ڪهاڻيون لکي پيو پر ڪالم نگاري جو به ڪيس ڀرپور ڏانءُ آهي. هن لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب سان ڪئي. اسان هلال پاڪستان، عوامي آواز، جاڳو اخبارن جي ٻاراڻن صفحن ۽ ٻاراڻن رسالن گلڙا، گل ڦل، روشن دنيا وغيره ۾ گڏگڏ لکندا ۽ ڇپجندا هئاسين. اهو دور جڏهن موبائل ۽ انٽرنيٽ جو تصور به عام نه ٿيو هو ۽ خطن ذريعي هڪ ٻئي سان رابطي ۾ رهبو هو، ان دور ۾ اسان هڪٻئي سان قلمي رابطو جوڙيو هو ۽ هڪٻئي کي تڪڙا تڪڙا خط لکندا هئاسين، انهن خطن ۾ ذاتي حال احوال، مجموعي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ سان گڏ علمي ادبي بحث هوندا هئا. ڳالهه حسام سومري کان شروع ٿي گارشيا مارڪيز تائين پهچندي هئي. اسان کي هڪٻئي جي خطن جو شدت سان انتظار هوندو هو. وقت حالتن جي اٿل پٿل سبب اهي خط ته خبر ناهي ڪيڏانهن هليا ويا پر اسان خلوص واري تعلق کي ڪيڏانهن به وڃڻ نه ڏنو آهي. اسان جي سڪ اڃا تائين جيئن جو تيئن قائم و دائم آهي.

عبدالسلام جي نثر ۾ جيڪا ڳالهه متاثر ڪندڙ آهي، اها سندس عوامي ٻولي آهي، هن جا ڪردار به عوامي آهن جيڪي اسان کي پنهنجي پرپاسي ۾ گهمندي ڦرندي نظر اچن ٿا. هن جي ٻاراڻين ڪهاڻين ۾ به گلاب چولن وارو، نواب بوٽ پالش وارو، رزاق قلفي وارو، شعبان مال چارڻ وارو وارا ڪردار هوندا آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ مريخ جي دنيا نه پر هن ڌرتي واري دنيا هوندي آهي. هن جي ڪردار نگاري ايتري ته ڪمال جي هوندي آهي جوائين محسوس ٿيندو آهي جڻ ماڻهو پاڻ ڪهاڻي جو حصو هجي. سندس ٻاراڻي ادب جي ڪهاڻين کان وٺي وڏن جي ادب جي ڪهاڻين تائين ۾ هڪ پيغام ملي ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ وڻن جي ٽڙن تي نالا لکڻ، ڪينجهر جي ڪناري تي هٿ ۾ هٿ ڏئي گهمڻ، يونيورسٽي ۾ اوچتو پيار ٿيڻ، پوءِ هڪ جي زوري شادي ٿي وڃڻ جي ڪري وڇڙي وڃڻ جهڙا روايتي موضوع ناهن. (انهن موضوعن تي ايترو ته لکيو ويو آهي جو هاڻي پڙهي دل ڪچي ٿيڻ لڳي ٿي) پر سماج جي رهزني، مفاد پرستي، منافقت، ڏوڪيبازي، ظلم ۽ بربريت هن جا موضوع آهن. سندس ڪهاڻين جا ڪردار خميسو هاري، شمون مزدور، ٻچائي، زينب ۽ اهڙا ٻيا ڪردار آهن، جيڪي سماج ۾ زنده لاش بڻيل آهن ۽ وک وک تي پوڳين ٿا. هي جيڪڏهن رومانس تي به لکي ٿو تڏهن به سندس انداز روايتي نه ٿو هجي پر ان ۾ انفراديت ملي ٿي. هن جي ڪهاڻين جي پڄاڻي ۾ هڪ پيغام ملي ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ مذهبي تنگ نظري جي ننڌا وارا موضوع به ملن ٿا، تنگ نظر ماحول ۾ رهڻ جي باوجود لکڻ وقت هي ڪٿي به مصلحت يا خوف جو شڪار نظر نٿو اچي.

هي جيڪو ڪجهه بہ ڏسي ٿو يا محسوس ڪري ٿو ان تي پوري ايمانداري ۽ جرئتمندي سان لکي ٿو.

عبدالسلام منهنجو دوست آهي پر مان دوستي ڪان هٽي ڪري اها راءِ ڏيان ٿو تہ هي پنهنجي ٿهيءَ جو زبردست نثر نويس آهي. اسان وٽ اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ اهي ليکڪ جن کي مشهوري ئي ٻاراٽي ادب کان ملي ٿي اڳتي هلي اهي نہ رڳو ٻاراڻو ادب لکڻ ڇڏي ڏين ٿا پر ان کي پنهنجي شان جي خلاف بہ سمجهن ٿا پر عبدالسلام تهيم نہ رڳو مسلسل ٻارن لاءِ لکي رهيو آهي، پر ڊگهي عرصي کان جاتي مان ٻارن جو رسالو ’روشن تارا‘ بہ شايع ڪري رهيو آهي. سندس اها ڪميٽمنٽ سچ بہ تعريف لائق آهي.

واحد پارس هيسباڻي
ايڊيٽر
عبرت مئگزين
30.05.2013

# ساک جي صُبح جو آواز ....

رابيندرنات ٽئگور پنهنجي شاعري ۾ لکيو آهي تہ
” شام جي ويلي لهندڙ سج چوڻ لڳو تہ، ”آهي ڪو مونکان پوءِ هن ڌرتيءَ کي روشن ڪرڻ وارو“ تہ هڪ جهڳيءَ مان ٻرندڙ ڏيئي ڪنڌ مٿي ڪٽي چوڻ لڳو تہ ”آئون ڪوشش ڪندس.“

اهڙي طرح ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ ڪافي وڏا نالا آهن، جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي ڪلاسڪيل رنگ ۾ رنگي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سڦلتا جو ساهہ ڦوڪيو آهي،

سچ پڇو تہ عبدالسلام ٿهيم بہ سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪ ننڍڙو ئي سهي پر سگهارو ليکاري آهي. سندس موضوع محبتن جي ماڻن کان وٺي ڪري دردن جي داستانن تائين ڌڙڪندي محسوس ٿيا آهن، سندس قلم ساک جي صُبح جو آواز ڪٽي ادب جي ميدان ۾ ائين لٿو آهي، جيئن محبتن جي ميهار کي سُهڻي درياهہ جي ڌڌڪن مانُ لڪاري عشق جي اکين جا چاڳ چمي وفا جي وجود کي وهنجاري واپس منزل ڏي موٽي ايندي هُئي.

اهڙي طرح عبدالسلام ٿهيم پنهنجي ڪهاڻيءَ جي ڪردار سان ڀرپور نڀايو آهي، سندس پهرين ادبي وک ڪنهن بہ ٻُڌڻ ۾ ڏبجڻ جي ڳالهہ ئي نٿي ڪري. عبدالسلام ٿهيم ڪنهن ٻئي ڪهاڻيڪار جي گهاڙيٽن ۾ غرق ٿيڻ کان پاڻ کي ڪافي قدر پري رکيو آهي، سندس هر سٽ جي سڏ ۾ سنڌ اجرڪ جي اکين سان اوجاڳيل نظر اچي رهي آهي، مون ڪافي سندس ڪهاڻيون پڙهيون آهن، ۽ سندس ڪيئي خيالن جون گهرائيون مون ۾ گهر ڪري ويٺيون آهن، خاص ڪري سندس هڪ ڪهاڻي ”چتو“ پڙهڻ وقت جڻ تہ روح جي رڻ مٿان چتي پڻ جون گگون ڳڙڻ لڳيون هيون ۽ من ۾ چڪ پوڻ لڳا هئا. عبدالسلام ٿهيم مور جي ڪُليل ڪنپن جهڙو هُو ڪهاڻيڪار آهي، جنهن جي احساسن جي اوچائي ڪارونجهر جبل جيئان ڪڏهن بہ جُهڪٽي ناهي. سندس قلم جي تلوار روپلي جيئان ضعيف روايتن کي روليندي نظر آئي آهي. ڪيس هُٺا آهي تہ پاڻ ڪهاڻيءَ جي ڪاڪ کي ڪاميابين جي قدمن سان ماٽيندو رهي.

**ايازامرشيخ**
28.4.2013

## ليکڪ پاران:

# مڪلمتا ڏانهن پهرين وک

منهنجي زندگي ۾ ڏک ۽ خوشيون ڪڏهن به مناسب مقدار ۾ نه آيا آهن. جيڪڏهن وقتي طور تي قسمت مهربان ٿي هوندي ته زندگي جو جهول خوشين مان پرجي ويو هوندو، اجا انهن کي سنڀاليو نه هوندم ته واريءَ جيان مُٺ مان ڇڏائي ويون هونديون. وري جي ڏکن جا پاچا خزان جيان جيءَ ڏي وريا هوندا ته گهڙي گهڙي بي رنگ ٿي وئي هوندي. جيئڻ جي سيني حسناڪين جا لمحا زرد پنن جيان ڇڻي وڪري ويا هوندا. مطلب ته آءٌ هميشه اڻپورائين جي منهن ۾ رهيو آهيان. زندگي ۾ جيڪي به موقعا آيا آهن سي منهنجي چاهڻ جيءُ لتڙ بي مندائتي مينهن جيان آيا آهن. ڪا به حاصلات پنهنجي روح سان منهنجي نصيب جي زينت نه ٿي آهي.

جيتوڻيڪ آءٌ هميشه حالتن جو شڪار ٿيندو رهيو آهيان، تنهن هوندي به حوصلو ناهي هاريو. مصيبتن جي ڏمريل ٻوٿ ڏي به مون مرڪي ڏسي وک اڳيان وڌائي هوندي ۽ انهيءَ سفر دوران منهنجي مزاج ۾ ڪڏهن به خوف نه آيو آهي. جيستائين عزم باقي آهي تيستائين ڪا به محرومي يا اڻپورائي حوصلو ناس نه ڪري سگهندي ۽ انهيءَ حوصلي جي طفيل ئي فطرت مونکي لکڻ وارو گس ارپيو، مان زندگي جي اڻپورائين کي مڪلمتا جو جامو پهرائڻ لاءِ لکان ٿو. منهنجي هر ڪهاڻي ۾ منهنجي مزاج جو اثر شامل آهي، هونئن به ورلي ڪو ڪهاڻيڪار پنهنجي ڪنهن ڪهاڻي جي ڪردار ٿيڻ کان پاڻ بچائي سگهندو آهي. مون هميشه پنهنجي ڪهاڻي ۾ مثبت راءِ رکي عام اڳيان عيان ڪئي آهي، جنهن جو وڏو ڪارڻ اهو به آهي ته مون هڪ پرائمري استاد جي گهر ۾ اک کولي، تنهن سبب ننڍپڻ کان ئي طبيعت ۾ بگاڙ ۽ بي راهه روي نه رهي. مون غلط عملن ۾ به سنائي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. منهنجي شروع کان اها ڪوشش رهي آهي ته مان پڙهندڙ ڏانهن مثبت خيال منتقل ڪيان، جيڪو هن کي بهتر دڳ ڏانهن وٺي وڃي. لفظي پرمار کان مونکي چڙ رهي آهي. اڄڪلهه ته اهو جهان ادبي کيتر ۾ ڪجهه سوايو نظر اچي ٿو. جڏهن ته لفظي جادوگري کان وڌيڪ سگهارو خيال اهميت جي حامل هوندو آهي. هر لکاري کي مقصد تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، بامقصد خيال کي خوبصورت لفظن جي گهاڙيٽي ۾ سمائي پنهنجي مثبت سوچ جي محور تان نه هٽڻ گهرجي. جنهن انهيءَ ڪوشش ۾ سڦلتا ماڻي، تنهن ڄڻ پنهنجيون سوچون ۽ گهڙيون سجايون ڪري ڇڏيون.

لکڻ جي معاملي ۾ آءٌ ڪڏهن به مستقل مزاج نه رهيو آهيان، جيڪا منهنجي خامي چئجي يا وري حالتن جي ستم ظريفي ... !! بس جڏهن به راڻو روح راضي ٿيو هوندو ته سوچون ڪاڪ جا پنڌ ڪندي تحرير سڌي مومل ماڙڻ لاءِ نڪري پونديون آهن.

هونئن به جنهن تخليق ۾ روح جو لاڙو نه هوندو آهي، سا بين تي چا پر پاڻ تي ئي بار محسوس ٿيندي آهي، ماڻهو جي هر عمل ۾ روح جو راضپو ۽ عشق شامل هئڻ گهرجي. منهنجي هر لکڻي مشاهداتي ۽ تجرباتي آهي. هر ڪهاڻي ۾ حقيقتن جا رنگ چٽڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. جڏهن ڪا وارتا، ڏاڍ، آهُ دانهن، احساسن جي لتاڙ، پيار جي پاڇي ۾ ٿيندڙ ڀڃ يا ميلاپ جي بهار ماڻڻ ڪان پهرين وڇڙي ويل محبتن ۾ ٿيندڙ سڏڪا، لڙڪن لارون، پٽڪا پڌاءِ ڏنا، محسوس ڪيا هوندم ته لکڻ ڪان رهي نه سگهيو هوندس. مون ڪڏهن به سمجهه ۾ نه ايندڙ خيالن تي وقت ضايع نه ڪيو آهي. هميشه سادي ٻولي ۾ معاشري جون حقيقي ڪهاڻيون سرجڻ جي ڪوشس ڪئي آهي. منهنجي ڪهاڻين جا پلاٽ، ڪردار، خيال به سماج سان ئي جڙيل آهن، منهنجو اهو خيال رهيو آهي ته اها ڪهاڻي جيڪا سڌي سنئي معاشري سان جڙيل هجي، سا پڙهندڙ تي سڌو اثر انداز ٿي هڪ آئينو بنجي ڪيس پنهنجي ذاتي ڪردار مان جهول ڪيڻ ۾ مدد ڏي ٿي. آءٌ انهيءَ ڪوشش ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان. تنهنجو مثبت ۽ بهتر فيصلو توهان ئي ڏئي سگهو ٿا چاڪاڻ هر ليکاري لاءِ هر تخليق سچار پٽ جيان هوندي آهي، پوءِ پل اها ڪوڙو پٽ چو نه هجي ....!!

هر تخليقار ڪي پنهنجون لکڻيون عزيز هونديون آهن، انهيءَ جي پويان وڏيون پيڙائون هونديون آهن. هو اوجاڳا ڪري ڪڙهي، پچي پوءِ ئي ڪا راءِ ڏي ٿو، اها راءِ ڪيتري لاپائتي ثابت ٿئي ٿي، تنهنجو پتو پڙهندڙ کي ئي پلي پت هوندو آهي. مان به توهانجي راءِ جو منتظر رهندس.

”اوسيئڙي ۾ جڙيل آس“ جي منظر عام تي اچڻ سان گهٽ ۾ گهٽ اٽپورائين جو جمود ٽٽو آهي، زندگي جي ڪنهن ته مقصد مڪلمتا جي ڪنوارسان لائنون لڏيون آهن، انهيءَ سرهائي کي مان لفظن ۾ سموئي نه پيو سگهان ...!

هن ڪتاب کي منظر عام تي آڻڻ ۾ جنهن دوست جوُ لساهه مون سان گڏ رهيو، سو آهي حسيب ڪانهيو ... حسيب نه فقط مون کي همٿايو، پر هن ڪتاب ڪمپوز ڪري دوستيءَ ۾ عملي ڪم به ڪيو، سندس سات ڪيرون لهڻي. ساڳي جڳهه تي دوست رضوان گل جا به وڙ، جنهن سهڻو ٽائيٽل ڊزائين ڪري ڇڻ منهنجي ڪتاب کي سونو نڪ ڏنو، منهنجي انهيءَ پهرين وک ۾ اياز امر شيخ، اختر حفيظ ۽ واحد پارس هيسباڻي به پنهنجي راءِ ذريعي مون سان گڏ هئڻ جو دوستي ۾ ثبوت ڏنو آهي.

”اوسيئڙي ۾ جڙيل آس“ جو مهاڳ لکندڙ سائين محمد صديق منگيو جون به مهربانيون، جنهن نه فقط مهاڳ لکيو، پر ڪتاب غور سان پڙهي نظرثاني به ڪئي.

ڪجھ ماڻهو پس منظر ۾ هوندا آهن، ڪنهن به شيءِ کي تعمير ڪرڻ ۾ انهن جو ئي اهم ڪردار هوندو آهي. اهڙو ئي هڪ حوالو منهنجي ذاتي ۽ ادبي ڄمار سان جڙيل منهنجي مامي برک قومي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار نورالدين نفيس جو آهي، ’’ماما نفيس“ ئي مونکي گهڙڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو، هن جي ئي ڇيڇ پڪڙي مان ادبي پيچرن تي پيرڙا ڪوڙي هلڻ لڳس.

آخر ۾ نوجوان شاعر ۽ پبلشر سعيد سومرو جا به قرب، جو هن ڪنول پبليڪيشن پاران منهنجو هي ڪتاب ”اوسيئڙي ۾ جڙيل آس“ ڇپرائي، توهان جي هٿن تائين رسائڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو، اميد ته سندس اهڙن جذبن تي ڪڏهن به پوڙهائپ جا پاڇا نه ايندا.

**عبدالسلام ٿهيم**

جاتي- ٺٽو

**Cell: +92 333 2565570**

**E-mail: abdulsalamthaheem@yahoo.com**

# مورک اُڄ مرن

اڄ ٻيو ڏينهن آهي پر هُن کي صائمہ جو ڪوئي پتو نہ پيو آهي. لڳاتار ٻن ڏينهن جي دوري هن جي دماغ ۾ کوڪا ٺوڪي رهي آهي. هن جي ذهن ۾ سوچن جون ويرون، هڪڙيون لهن ٿيون، ٻيون چڙهن ٿيون. هُو هڪ پُٺيان ٻيو سگريٽ دُکائيندو رهي ٿو. هُو وڏا وڏا ڪش هڻي ٿڌا ٿڌا ساهہ ڀري رهيو آهي. هن وٽ صائمہ سان رابطي جي لاءِ ڪائي واٽ موجود ناهي. فقط صائمہ جو گهر آهي، پر صائمہ پاران ڪيس اتي اچڻ کان سختي سان منع ڪيل آهي. صائمہ سان سندس ملڻ رڳو گهٽين تائين ئي محدود آهي. هُو ان کي بہ وڏي خوش بختي سمجهي ٿو.

گذريل ٻن ڏينهن کان ڪيس صائمہ نہ ملي آهي. سو انهن ٻن ڏينهن جي نہ ملڻ هن کي سخت پريشان ڪري ڇڏيو آهي. اڄ بہ هُو گهٽي ۾ ڪافي دير تائين انتظار ڪري ڪري پگهرجي پيو آهي پر صائمہ دير تائين نہ آئي آهي. نيٺ، ڪنهن پل هُو پنهنجي قميص جي اڳيئن پلاند سان پيشاني تان پگهر اگهي اڳتي روانو ٿئي ٿو تہ پُٺيان ڪيس صائمہ پُڪاري ٿي: "سجاد...!"

هُو هڪدم پنتي مُڙي نهاري ٿو ۽ پڪاري ٿو، "صائمہ...!!"

صائمہ جي اچڻ سان ڄڻ تہ مُردي ۾ ساهہ پئجي ٿو وڃي، هُو چوي ٿو، "صائمہ! ٻن ڏينهن کان ڪيڏانهن هلي وئي هئين تون!؟" هن پنهنجي پيڙا بيان ڪندي چيو، "توکي خبر ناهي تہ انهن ٻن ڏينهن جي منٽ منٽ ۾ مون کي تنهنجي دوريءَ واسينگن وانگر ڏنگيو آهي...!"

صائمہ پنهنجي چهري تي ڏک سجائي وراڻيو:

"سجاد ...! تو کي کهڙي ڄاڻ ... آئون اڄ بہ گهران الائي تہ ڪيئن نڪتي آهيان....! سچ پڇين جان، تو بن آئون پاڻ بہ پل پل جيئندي ۽ مرندي رهندي آهيان! جيئن ڪا مڇي پاڻي کان ٻاهر تڙپندي رهندي آهي سجاد پر.......!" هوءَ ماٺ تي وئي ۽ ڪن پل رکي، نماڻيون اکيون ڪٽي ڏنائين ۽ ٿڌو ساهہ کڻي جملي جي اڌورائپ کي مڪملتا ڏيندي چيائين:

"آئون هڪ ڇوڪري آهيان ... ۽ منهنجو گهران نڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي سجاد....!"

سجاد وراڻيو، "ها صائمہ، صحيح ٿي چوين ... هاڻي مون بس اهو سوچي ڇڏيو آهي تہ پاڻ ٻئي هي شهر ڇڏي ڪنهن ٻئي شهر هليا وينداسين....! بس تون گهر ڇڏڻ جي تياري ڪر...! "

"نہ سجاد نہ ... ائين ڪرڻ سان مون...."

"تون فڪر ڇا جو ٿي ڪرين صائمہ....." هن سندس ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

”تون اعتبار ڪر... آئون هر قسم جو جوکم کڻي به توکي دنيا جو هر سک ڏيندس ... تون پاڻ ئي سوچ پنهنجو روز روز جو گهٽين ۾ ائين ملڻ آخر ڪيستائين هلندو رهندو...؟ سڀ ڪجهه نيڪ ٿي ويندو، بس تون رڳو ذهن ناهه...“

”پر سجاد تون ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪر... تون پهرين ئي شادي شده آهين. منهنجي ڪري تون پنهنجي زال کي...؟“

”هڻ اوڙاهه ۾ ان زيبوءَ کي...! “ هن بي رُخي واري انداز ۾ چيو، ”سچ پڇين جان ته مون کي تو سواءِ ٻي ڪا به شيءِ هانو تي نٿي هري!“

”سجاد... اڄ تون منهنجي ڪري پنهنجي زال کي ڇڏڻ جي لاءِ تيار آهين... مون کي ڊپ تو ٿئي ڪٿي سُباڻي تون ...!!“

”صائمه تون مون تي شڪ پئي ڪرين! تون يقين ڪر ته زيبوءَ رڳو منهنجي نالي جي زال آهي پر اڄ ڏينهن تائين منهنجي دل هن کي پنهنجي زال مڃيو ئي ناهي!“

”ڏس سجاد ... هڪ ته آئون اهو گناهه ڪڻ نٿي چاهيان جو منهنجي ڪري ڪنهن ٻي عورت جو گهر برباد ٿئي ۽ ٻيو ته اهو مون کان برداشت ڪونه ٿيندو ته منهنجو ور مون کان علاوه ڪنهن ٻي عورت جو به مڙس هجي!“

”او ... هو... صائمه تون سمجهڻ جي ڪوشش ته ڪر...! هن سان شادي ڪرڻ منهنجي مائٽن جي مرضي هئي، منهنجي نه! مڙيئي نندي هوندي جو مڱڻو ٿيل هو... پر پاڻ ته هڪٻئي کي چاهيون ٿا...! تون سوچ ته سهي... پاڻ ڀلا هڪٻئي کان جدا ڪيئن گذارو ڪري سگهنداسين جان؟؟“

صائمه ڪجهه گهڙيون ترسي چيو، ”نيڪ آهي سجاد... تون مون کي سوچڻ جي لاءِ ڪجهه ڏينهن جي مُهلت ڏي ڀلا...“

”نيڪ آهي پر ڏس انڪار نه ڪجان....“ هُن ورائيو.

صائمه پنهنجي منهن تي مُرڪ سجائي ۽ ڪجهه رکي ورائيو، ”سجاد، تو ۾ وري به هڪڙو ڪم پيو آهي جان.“

”حڪم ڪر منڙي ...! . ڪهڙو ڪم؟“ سجاد چيو.

”بس عرض آهي تورو ...“ صائمه هيناهين وننډي ورائيو، ”شل سچڻ اگهائين.“

”تون ٻُڌاءِ ته سهي...“

”سجاد مون کي پنج هزار رپيا گهرجن.“ صائمه نماڻائي سان مجبوري ڄاڻائيندي ورائيو.

”پر صائمه مون وٽ ايترا پئسا ڪٿان ايندا؟“ سجاد هٿ مليندي چيو، ”اڄڪلهه ته منهنجيون جيڪي حالتون آهن، تن کان ته تون پاڻ به باخبر آهين جان...!“

”سجاد مون کي سڀ خبر آهي پر مون کي به ضروري کپن ٿا،“ صائمه ڪامياب ناٽڪ ڪندي ورائيو، ”سجاد مون کي بس رڳو آخري چڪر تون ڪيئن به ڪري ڏي، مان تو کان وري ڪڏهن به هڪ ٽڪو به ڪانه گهرنديس...“

”اها ڳالهه ناهي جان! هوندا آهن ته ڏس مان انڪار ڪندو ئي ناهيان پر....“
سجاد صائمہ جي لٽل منهن ڏي ڏٺو ۽ پوءِ ٿڌو ساهه ڀري وراڻيو، ”ٺيڪ آهي ڀلا مان ڪوشش ڪريان ٿو.“

”ٺيڪ آهي مان سڀاڻي هتي ئي هن وقت تنهنجو انتظار پئي ڪنديس.“

صائمہ اهو چئي هلي وڃي ٿي پر سجاد ڪي ڳٽين جي پاتال پيڙو ڪري ٿي وڃي! هن اڳ ئي سندس فرمائشون پوريون ڪندي پنهنجو سڀ ڪجهه لٽائي ڇڏيو هو. هُو اڌ شهر جو قرضي ٿي پيو هو.

هُو پنهنجي گهر ڏاڍو پريشان وينو هو. هن جي اها الجهيل حالت ڪافي دير کان سندس زال زيبوءَ ڏسي رهي هئي.

”ٻُڌ...“ زيبوءَ دل جهلي ڪانئس پڇڻ چاهيو.

”ها ٻُڌاءِ ... وري ڪائيندين سر!“ هن ڪاوڙ مان جواب ڏنس.

زيبوءَ ڳنڀيرتا منجهان وراڻيس، ”تون اڄ ڏاڍو ڏکارو پيو لڳين.... ڇا ڳالهه آهي جو ماني به نٿي وڻيئي...؟ڪهڙي پريشاني اٿئي اڄ؟“

”پوءِ ڇا تون ڪو منهنجي پريشاني جو علاج ڪندينءَ؟“ هن ساڳي ئي بيزارگي واري لهجي مان وراڻيو.

”تون ٻُڌاءِ ته سهي...“ زيبوءِ وراڻيو.

”مون کي پئسن جي ضرورت آهي.“ هن وراڻيو.

” گهڻا پئسا؟“

”پنج هزار تا گهرجن.؟“ هن وراڻيو،

”ڇا لاءِ گهرجن؟ خير ته آهي؟“ زيبوءِ پڇيس.

”اجايو سر نه کاءِ!“ هن وراڻيو، ”منهنجي زندگي جو مسئلو آهي، بس مون کي پنج هزار رپيا کپن.“

”الله بچائي تنهنجي زندگي کي!“ زيبوءِ ائين چيو ۽ اٿي اندر هلي ويئي. هن الماڙي جي خاني ۾ پيل پنهنجي سوني منڊي ڪڍي ۽ اچي سجاد کي ڏنائين، ”اچي هي وٺ بس..“

”پر زيبوءِ...“

”هي منهنجي ڏاج جي آهي.“

”پر هڪڙي ته آئون اڳ ۾ ئي ڪپائي آيو هئس وري هي...“

”اها اڳ واري تنهنجي مائٽن جي ڏنل هئي، هي منهنجي مائٽن مون کي ڏني هئي.... تون وڪڻي وڃي پنهنجي اڙي لاهه ...! . هونئن به زر ۽ زيور ته رکبو ئي اوکي ويل جي لاءِ آهي.“

هُو زيبوءَ کان منڊي وٺي ٿو. زيبوءَ جي همدردي هر هر هن جي دل تي اثر ٿي ڪري. هُو سوچي ٿو، ”منهنجي زيبوءَ جي مون تي مهرباني آهي. مون ته سدائين

ڪيس نظر انداز ڪري نفرتن ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي ڏنو. هوءَ ويچاري منهنجي پريشاني تي ڏس ته ڪيڏي پريشان ٿي ويئي! هن هميشه منهنجي پريشاني کي پنهنجي ئي پريشاني سمجهيو! ۽ مون تي سڀ ڪجهه واري ڇڏيائين.“ هو سوچي ٿو، ” هي آهي جا مون تي سڀ ڪجهه لٽائي رهي آهي ۽ آئون آهيان جو پنهنجو ته نهيو پر هن جو به سڀ ڪجهه هن تي لٽائي رهيو آهيان!“

”ڇا پيو سوچين؟“

”نه نه زيبوءَ بس مڙيئي...“

”ڇا مڙيئي؟... توکي جيڪا پريشاني هئي سا اجا ڪونه لٿي ڇا؟“

”نه نه زيبوءَ اها ڳالهه ته ڪانهي.“

”ته پوءِ؟“

”هڪ ڳالهه پڇان زيبوءَ؟“

”ها پُڇ.“

”زيبوءَ مون ته توکي سواءِ محرومين جي ٻيو ڪجهه به ناهي ڏنو. تڏهن به تون مون تي ايڏي مهربان...“

”اڙي چريا اها ته رڳو مندبي هئي... تون منهنجو وڙ آهين، مون کي توکان وڌيڪ ته ڪابه شيءِ ڪانهي!“ زيبوءَ وراڻيو، ”تنهنجي لاءِ ته مان جند به خوشي سان ڏئي ٿي سگهان سجاد.“

زيبوءَ جون وفا ۽ سچائي سان ڀرپور ڳالهيون هن تي گهرو اثر ڪن ٿيون. هوءَ پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي ايمانداري جي اک سان صائمه ۽ زيبوءَ کي ڏسي ٿو.

هن کي صائمه جي چهري تي لالچ ۽ لوڀ جون ريکائون نظر اچن ٿيون ۽ زيبوءَ جي چهري تي وفا ۽ سچائي جا آثار ڏسڻ ۾ ٿا اچن.

اهو ڏسي هو سوچي ٿو: ’’آئون ڪيڏو نه مورک ماڻهو هيس جو مون وٽ پيار جو درياهه ته پنهنجي گهر ۾ ئي موجود هو، پر تڏهن به آئون پنهنجي اندر جيُ لڄ اجهائڻ خاطر ٻاهر جي گٽر کي تڪيندو رهيس.‘‘

سجاد هڪ گهرو اونهو ساهه کنيو ۽ دل ئي دل ۾ شاهه جي سِٽ اچاريائين، ” پاڻي مٿي جهوپڙا، مورکُ لڄ مرن!“ زيبوءَ جي صداقت سجاد جي روح جي آخري ڪِهرائي تائين لهي، منجهائنس صائمه جو ڪوڙو حوس ڪوري ڪڍي ڇڏيو. سجاد زيبوءَ جي منهن ڏي ڏسي مُرڪي پيو.

هو مٿي اٿيو ۽ ڪجهه دير ڀرين ورتل مندبي پنهنجي زال کي پنهنجي هٿن سان پارائي ڇڏيائين.

# بيحسي

اسان هوٽل تي چانهه پي رهيا هئاسين. مون سان منهنجو گهرو دوست جاويد به گڏ هو. هوٽل مان چانهه پي ٻاهر نڪتاسين ته ميرن ڪپڙن ۾ ملبوس هڪ عورت اسان جي اڳيان ليلائڻ لڳي. سندس اکين منجهان ڳوڙهن جو هڪ نه ڪُٽندڙ سلسلو جاري هو. ڳوڙهن سان ڀريل چهري تي متي به جميل هئس جڻ ته ڪنهن ويراني جي تصوير لڳي رهي هئي. هُن جي حالت ڏسڻ سان ئي جڻ منهنجي دل کي ڌڪ لڳو. هُوءَ لڳاتار ليلائي رهي هئي، ”الله اوهان جي چڱي ڪندو ٻچا منهنجي مدد ڪيو...منهنجو ٻچڙو ڏاڍو بيمار آهي. هُوءَ صفا مرڻ جهڙو ٿيو پيو آهي! منهنجو ٻيو ڪو ڏٽي سائين ناهي ابا اوهان کي رب سائين وڌائيندو. منهنجي... منهنجي مدد...“ صدائون هڻندي هڻندي هُن جي نڙي خشڪ ٿي ويئي، وٽائنس وڌيڪ ڳالهائڻ ڇڏائي ويو. سندس صدائن ۾ درد جو هڪ سمنڊ لڪل هو.

مون هن کان حال احوال ورتو ته تيستائين جاويد مون کي ٻانهن کان جهلي اڳتي هلڻ لاءِ چيو، ”هل يار اشرف.... هن شهر ۾ اهڙا ڪيترائي ڏيک ڏسندين.... ۽ هر ڏيک ڪنهن نه ڪنهن ڀيانڪ ناٽڪ جو حصو هوندو!“ جاويد جي ڳالهه تي مون کي اچرج وٺي ويو. ڇاڪاڻ ته هيڏي بيوس ۽ مجبور عورت جي درد کي هُن ناٽڪ جو نالو ڏنو. مون ورندي ڏيندي کيس چيو، ”يار جاويد تون ته صفا دل جو ڪو ڏاڍو ٿو لڳين! هن عورت جي مجبوري توکي ناٽڪ ٿي لڳي ...! حيف آهي تنهنجي سوچ تي... يار! ڪجهه رحم ڌاري هن جي درد کي سمجهڻ جي ڪوشش ته ڪر...! منهنجي ته خيال ۾ پاڻ کي هن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ ئي گهرجي!“

جاويد طنزيه انداز ۾ مون تان ٺٺولي ڪندي وراڻيو، ”اڃي وئين نه فريب ۾...! دوست اهو سڀ ڪجهه ڏيکاءُ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به ناهي! هن عورت جو درد مصنوعي آ... هي عورت ڀهروپي اٿئي! هن اسان جا کيسا خالي ڪرڻ جي لاءِ اهو ڊرامو رچايو آ...“ جاويد وراڻيو، ”ان ۾ هنن ماڻهن جو ڪو به ڏوهه ناهي..... اسان جي فراخ دلي ئي هنن جو متو خراب ڪيو آهي... اصل پنڻ کي ڌنڌو ڪري ڇڏيو اٿن!!“ هن مون کي پنهنجي مام ۾ سمجهائيندي وراڻيو، ”اشرف اها جيڪا اسان جي آڏو ليلائي رهي آهي، سا مجبور ناهي پر کيس پنڻ جي عادت پئجي ويئي آهي!“

مون جاويد جي ڳالهين کي ٻُڌو ۽ عورت جي اجڙيل حالت ڏي ڏٺم. جاويد ڳالهائي ماٺ ڪئي ته کيس وراڻيم، ”يار هرڪو ته ائين به ناهي هوندو... ممڪن آهي ته هي ويچاري واقعي به مجبور هجي!!“

جاويد منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، ”ان جو ڪهڙو ثبوت آهي؟“

هوءَ عورت مسلسل اسان جي اڳيان جهولي جهلي ليلائي رهي هئي. هو روئي روئي چئي رهي هئي، ”اوهان اعتبار ڪريو منهنجو پٽ ڏاڍو لاچار آهي. مون ڪي پئسا نه گهرجن... مون ڪي ته منهنجي ٻچڙي جو علاج گهرجي! هو منهنجو دين دنيا ۾ اڪيلو اولاد آهي! مان بيوهه آهيان هُو يتيم آ. ... اسان جو ڪير به اوهي واهي ڪونهي! اسان جي واهر ڪريو خدا جي واسطي ...! .. اوهان ڪي منهنجي ممتا جو قسم.... مون تي رحم ڪريو...... منهنجي جهولي خالي تي ويندي.....!“ هُوءَ پڄري پئي.

هن جو هڪ هڪ لفظ منهنجي جسم مان سيسڙاٽ ڪڍائي تو چڏي! هن جو درد حقيقي هو، سندس چهري مان مون ڪي اهڙي جهلڪ ئي نظر نه تي آئي، جنهن مان اهو شڪ ٿئي ته هُوءَ ڪو ناٽڪ رچائي رهي آهي. هُوءَ ويچاري مسلسل ليلائي ئي رهي هئي پر جاويد زوري مون ڪي ٻانهن کان جهلي اڳتي گهِلي ويو. اڳيان هلندي هلندي مون جاويد کي چيو، ”يار پاڻ کي ايتري ڪنارا ڪشي نه ڪرڻ گهرجي ها.....منهنجي دل ۾ اهو وهم تي پيو آهي ته شايد پاڻ ڪا وڏي غلطي ڪري چڏي آهي.... پاڻ ڏوهي آهيون يار!“

منهنجي انهي ڳالهه تي جاويد مجرجي پيو، چهري تان چمڪ اڏامي ويس. پر هن پنهنجو پاڻ سنڀاليو ۽ ڪجهه دير ۾ پاڻ تي قابو پاتائين ۽ پوءِ وري وراڻيو، ”اڙي اشرف هي ڪو ڳوٺ ناهي! هي شهر آهي.... تون نٿو سمجهين ته هتي چا چا تو وهي واپري ...! هتي جي چالاڪين کان تون اڻ واقف آهين! تون ته صفا ڪو پورو ماٺهو آهين يار!“ هن چيو، ”يار هتي جيڪو ڏسڻ ۾ ايندو آهي سو اصل ۾ هوندو ناهي! هتي هر چهرو بهروپيو آهي... هتي هر دل مُنافقت....“ هن جو ليڪچر اجان بس نه ٿيو هو پر مون کان برداشت نه پئي ٿيو، منهنجي دل ۾ ڏاڍي الجهن تي رهي هئي سو مون سندس ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، ”نه يار نه..... هر جڳهه تي ائين به ناهي جاويد! سيئي ڪارا ڪانو به ناهن! ڪي مور ته ڪي هنج به آهن اجان!“

جاويد منهنجي ڳالهه تي چٽر ڪندي وراڻيو، ”اهي، جيڪي توکي مور ۽ هنج نظر تا اچن، سي اصل ۾ ٻگهه ۽ ڳجهون آهن...!!“

جاويد جي ڳالهه تي افسوس سان وراڻيم، ”يار تون خود کي عقل ڪُل تو سمجهين، ٻئي جي ته راءِ ئي تو لاءِ بيڪار آهي... هونئن به ڪنهن تي پنهنجي ڳالهه ڪرڻ آسان هوندي آهي پر ٻئي جي ڳالهه ٻُڌڻ مشڪل هوندي آ...“

اسان جون ڳالهيون هلنديون ئي رهيون. انهن ئي ڳالهين ۾ ڪلاڪ ڪن شهر ۾ ئي جاويد سان گڏ گذري ويو، پر ان سموري وقت دوران، ان عورت جون دردناڪ ليلائڻ واريون ڪيفيتون منهنجي اندر ۾ آنڌ مانڌ مچائينديون رهيون. الائي چو ان عورت جو درد مون کي پنهنجو درد محسوس ٿيندو رهيو. مون کي ڏاڍي الجهن ٿيڻ لڳي، نيٺ پوءِ ڪائنس موڪلائڻ لڳس. ”جاويد آئون هلان تو هاڻي!“

”چو يار.... ايترو جلدي.....!“ جاويد مون کي روڪيندي وراڻيو.

”بس يار....“ پر آئون رڪجي نہ سگهيس.

جاويد منهنجي منهن منجهان سمجهي ويو تہ منهنجي من ۾ اجا تائين انهي عورت واري آنڌ مانڌ گهتجي نہ سگهي آهي. هن جي سوچ بہ ساڳي ئي هئي يا شايد پهرين ڪان بہ ڪِري پئي هئي، جو هن موڪلائيندي مُشڪندي وراڻيو، ”ها ادا تون وجي شوق پورو ڪر.. ٻيلي اسان پاڻ غريب ماڻهو آهيون... هتي سڄو جڳ مسئلا ڪنيو وتي...! پاڻ تہ ڪنهن جو نيڪو ناهي ڪنيو ۽ نہ ئي ڪو پاڻ ڪي اليڪشن ۾ بيهڻو آهي جو پرايون پريشانيون پنهنجي مٿي تي ڪڻون!“

جاويد جي اهڙين ڳالهين جي ڪري منهنجي من ۾ هن جي لاءِ نفرت پيدا ٿي پئي. مون کي اهڙي دوستيءَ تي ڏاڍي شرمندگي ٿيڻ لڳي. مان بس جلد ئي اتان منهن ڪوجهو ڪري واپس روانو ٿيڻ لڳس. منهنجي ذهن تي صرف ۽ صرف اها عورت ئي سوار هئي. ان جي بيوسي ان جي لاچاري منهنجي اکين جي اڳيان ترورا ڏئي رهي هئي. مختلف رستن تي هلندي هلندي اوچتو چا ٿيو جو منهنجي نظر هڪڙي ايمبولينس تي پئي. ان ايمبولينس ۾ مون کي اها ئي عورت ڏسڻ ۾ آئي. هيڪر تہ مون کي ائين لڳو جيئن اهو رڳو منهنجي نظرن جو ڏوکو هو پر پوءِ مون کي پڪ ٿي تہ ان ايمبولينس ۾ اها ئي لاچار عورت هئي جيڪا پهرين منهنجي ۽ جاويد جي اڳيان ليلائي رهي هئي. آئون انهي ايمبولينس جي پُنيان پُنيان سڌو اسپتال تي وڃي پهتس. اسپتال ۾ مون ڏٺو تہ اها ئي عورت آپريشن ٿيٽر جي اڳيان بي حال ويٺي هئي. آئون شرمندگي ڪان ڪيس آٿت بہ ڏئي نہ سگهيس. بس چپ چاپ وڃي پاسي تي ٿي بيهي رهيس. ڪجهہ ئي دير ڪان پوءِ ڊاڪٽر ٻاهر نڪتو تہ مون هڪدم ڪانئس پڇيو، ”ڊاڪٽر صاحب چا ٿيو...؟“ مون سان گڏ اها عورت بہ ڊاڪٽر ڪي ڏونداڙڻ لڳي، ”ڊاڪٽر منهنجي ٻچڙي جي طبيعت...“

ڊاڪٽر ڪجهہ ڳالهائڻ چاهيو پر ان ڪان ئي اڳ ۾ مون کيس چيو، ”اوهان ٻُڌايو رڳو تہ ننڍڙي جي حياتي بچائڻ جي لاءِ چا گهرجي....؟ چا بہ ٿئي ڊاڪٽر.... ڪيترو بہ خرچ ٿيئي آئون پرڻ جي لاءِ تيار آهيان... اوهان رڳو ٻُڌايو ڊاڪٽر....“

”آءِ ايم سوري... ڪاش جيڪڏهن اوهان ڪجهہ دير پهرين پهچو ها تہ ڇوڪري جي زندگي بچي پوي ها پر...!!“

ڊاڪٽر جي انهي ڳالهہ سان ئي اها عورت دانهون ڪري پٽ تي ڪري پئي.

ندامت جا ڪڙا احساس منهنجي روح کي ڪوهيڙي جيان وڪوڙي ويا هئا، احساس جي انهي سيڪ تي منهنجي ڪيرين اکين مان پڇتاءُ جا لڙڪ بي اختيار وهڻ لڳا.

# فيس پڪچر

هن ڪمپيوٽر آن ڪيو. انٽرنيٽ connect ڪري فيس بوڪ ۾ پنهنجي اڪائونٽ ID کوليائين. ڪجهه نيون فرينڊشپ ريڪيوئسٽس قبول ڪندي ڪين ايڊ Add ڪيائين، باقي فالتو ريڪيوئسٽس کي رد ڪندي انهن کي پنهنجي وال تان هٽائي ڇڏيائين. ڪجهه نوٽيفيڪيشنس چيڪ ڪيائين ته چيٽ روم ۾ نياپن جي وٺ ٿي وئي. ”هيلو عيني..“ ”هاءِ جانو...“ ”هائو آر يو ڊيئر...؟“ هاڻي هڪڙي عيني پندرنهن ڄڻن جي سوالن جا ڇا جواب ڏئي...! هن بيزار ٿيندي چيٽ روم بند ڪري ڇڏيو. ڪجهه تصويرون ۽ شيئرنگس، وال تي چيڪ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي پروفائل تي Tag ٿيل تصويرن جو جائزو وٺڻ لڳي. مظهر حيات جون ٽيگ ڪيل تصويرون ڏسي خوشي محسوس ڪيائين. هميشه جيان اڄ به هن جي تصويرن منجهان ڪيس زندگي جي جيئڻ جي جهلڪ نظر اچي رهي هئي. هُو پنهنجي نالي جيان حياتيءَ جو مظهر بڻجي هن جي من ۾ هوريان هوريان جاءِ جوڙيندو ٿي ويو. هُو هر ڏهاڙي جيئڻ جي احساس سان پرپور هڪ خوبصورت تصوير عيني کي ٽيگ ڪندو هو، جنهن کي ڏسي هيءَ پريشاني جي ٻُٽڻ مان نڪري ايندي هئي. هُوءَ هميشه سخت دٻاءَ ۾ رهندي هئي. ڇاڪاڻ ته ساٽس لکيو ِ ڪا پلاڻي نه ڪئي هئي. ماءُ جي وفات کان پوءِ سندس والد ٻي شادي ڪري ڇڏي هئي. ماتيلي ماءُ جي روين ۾ ڪڏهن به هن شفقت محسوس نه ڪئي. پاڻ تان محرومي جو بار هلڪو ڪرڻ جي لاءِ پيار به ڪري ڏٺائين پر تنهن پيار منجهان به ڪو سُک پلئه نه پيس. اهڙين وارتائن کان پوءِ سندس جيئڻ ۽ رشتن تان ويساهه ئي کڄي ويو هو. پر اڄڪلهه مظهر حيات جي لاءِ هن جي من ۾ عجيب احساس ڪر موڙي اٿي پيا هيا.

فيس بوڪ تي هنن جي دوستي کي ڪجهه عرصو گذري چڪو هو پر اڃاتائين ڳالهه ٻولهه نه ٿي هئين. فقط تصويرن تي تاثرات ڏئي پنهنجا خيال اوريندا هئا. پر اڄ جيڪا تصوير مظهر کيس ٽيگ ڪئي هئي، تنهن کي ڏسي من چئي رهيو هئس ته، اڄ مظهر سان چيٽ ڪري ڏسي. هُو اجا اهو سوچي ئي رهي هئي ته ميسيج باڪس ۾ ڳاڙهي رنگ ۾ هڪ ’1‘ ظاهر ٿيو. هن ميسيج کوليو ته، مظهر پاران لکيل هو، ”خير ته آهي عيني...؟ اوهان پنهنجي ID کولي ۽ وري يڪدم بند ڪري ڇڏي... مون ته اوهان سان ڳالهائڻ ٿي چاهيو اڄ.....“

مظهر جو اهو ميسيج پڙهي دل ۾ خيال آيس، جيڪڏهن ان گهڙي آئون ڪهڙي به خواهش ڪريان ها ته اها ضرور پوري ٿي پوي ها، اها گهڙي قبوليت واري گهڙي هئي شايد... پر وري اهو سوچيائين ته هي به ته ڪا گهٽ ڳالهه نه هئي جو مظهر سان ڳالهائڻ جي خواهش ڪئي هئائين ۽ اها پوري ٿي رهي هئي. هڪدم چيٽ روم آن

ڪري مظهر ڪي نياپو لکي موڪليائين ته، ”بس .... فضول ماڻهن جي بڪواس ڪان بچڻ جي لاءِ آف لائين ٿي ويس توهان ٻڌايو. ڪيئن آهيو....؟ اڄ ڀلا اسان غريبن کي ياد ڪرڻ جو اوهان ڪيئن سوچيو...؟“

مظهر جواب ڏنو، ”نه نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ناهي، بس سوچيم ڳالهائي ڏسان... اوهان ته وڏا ماڻهو آهيو سو ياد ئي نه ڪيو سو مون ئي.... “

عيني جواب ڏنو، ”توهان جي وڏي مهرباني....“

مظهر اجا ميسيج لکي ئي رهيو هو ته عيني جو ٻيو ميسيج اچي ويس، ”توهان وڏي ڪمال جي شيءِ آهيو. هميشه پنهنجي تصويرن مان حوصلي، همت ۽ جيئڻ جو اتساهه ڏيندا آهيو....ايترا خوش به آهيو ڇا توهان..؟!“

مظهر اهو پڙهي ڪجهه گهڙيون سوچيو ۽ پوءِ جواب موڪليائين ته، ”زندگي جيئڻ جو ئي نالو آهي. دنيا جي سيني احساسن ڪان حسين احساس جيئڻ جو ئي آهي... جيڪو جيئڻ ڇاڏي ٿو، تنهن ڪان مايوسيون پري ڀڄنديون آهن....! خوش آهيان تڏهن ته جيئان پيو!“

هن جواب لکي موڪليو، ”واهه ...! ڏاڍو زبردست ...! پر يار اسان کي ته جيئڻ نٿو اچي...! پتو ناهي ڪيئن جيئبو آهي؟!“

مظهر اهو پڙهيو ته کيس عيني ڏاڍي معصوم لڳي. جواب لکي موڪليائين، ”شڪايت ڪرڻ ڇڏي ڏيو .... جيئڻ ازخود اچي ويندو!! شڪايتون وسوسا پيدا ڪنديون آهن، وسوسا ايمان ۽ اعتبار ڪسي وڃندا آهن، پوءِ ماڻهو جو جڏهن اعتبار کڄي ويندو آهي ته اهو الجهي پوندو آهي... جيئڻ توهان اڄ!“

مظهر جو اهو جواب پڙهي عيني لاجواب ٿي وئي. هوءَ ڪجهه سوچي ئي رهي هئي ته وٽس مظهر جو ٻيو ميسيج اچي ويو، جنهن ۾ هن سوال ڪيو ته، ”جي دل ۾ نه ڪيو ته مان اوهان ڪان هڪڙي ڳالهه پڇي سگهان ٿو؟“

عيني جلدي ۾ لکي موڪليو، ”جي جي.... پُڇو...“

مظهر کيس لکي موڪليو، ”اوهان واقعي به ڇوڪري آهيو يا هي ID جعلي آهي؟“

عيني تعجب ۾ پوندي جواب موڪليو، ”جي بلڪل... مون کي ڀلا ڪهڙي ضرورت پئي آهه ڪوڙي ID ناهڻ جي ...؟پر توهان کي شڪ ؟“

مظهر جواب لکي موڪليو، ”ها ٿورو گهڻو ته هيو، توهان ته ڄاڻندا ئي هوندا ته فيس بوڪ تي جعلي اڪائونٽ به جام نهيل آهن .... بس ان لاءِ پئي پڇيم ... پتو ناهي ڇو ماڻهو فيس بوڪ تي پنهنجي جنس بدلايو ڇڏين...!“

عيني جواب ٽائيپ ڪري موڪليو، ”شايد اهي پنهنجي مرضي ڪان بغير ئي دنيا ۾ جنمي پوندا آهن! ... نه ته هو به شايد عورت ٻڄي جمڻ پسند ڪن ها.... مرد هجڻ جي باوجود به زنانو مزاج ٿا رکن ... تڏهن ته عورتن جي نالن سان جعلي

اڪائونٽ ناهي جڳ کي وينا بيوقوف بڻائين...“ هُن چئي ته پنهنجي اندر جي باهه ٻاهر ڪڍي ڪئي. سندس ڳالهه مُشاهداتي هئي، هُو سوچڻ لڳو ته تيستائين ڪيس يقين ڏيارڻ جي لاءِ هن ميسيج ڪيو، ”توهان بي فڪر رهو، مان چوڪري ئي آهيان.“

مظهر اهو پڙهي جواب لکڻ ئي لڳو ته لائٽ هلي وئي ۽ رابطو ڪٽجي ويو. هُوءَ مظهر بابت پنهنجي ذهن ۾ خوبصورت خيال جوڙڻ لڳي، هن سان ٿيل مختصر گفتگو سندس من کي موهي وڌو هو.

ان ڪان پوءِ ٻه ڏينهن گذري ويا، عيني بار بار پنهنجي اڪائونٽ ID لاگ ان ڪئي پر مظهر حيات فيس بوڪ تي موجود نه هيو، نه ئي هن ڪا تصوير ٽيگ ڪئي هئي. هُن جي من ۾ ڪُٽَ وڌڻ لڳي هئي. آهستي آهستي هوءَ شدت سان مظهر جي ڪمي محسوس ڪرڻ لڳي هئي. ائين ئي هفتو گذري ويو هو. عيني هن جي وال پروفائل چيڪ ڪرڻ لڳي هئي، پر ڪيس مظهر پاران انهي هفتي جي ڪنهن به تاريخ تي ڪا به سرگرمي نظر نه آئي. هُوءَ پهريان ئي پنهنجي زندگي مان خفا هئي، فقط مظهر جي ساٿ ڪيس جيئڻ لاءِ اتساهيو هيو. تنهن جو به اوچتو فيس بوڪ تان غائب ٿي وڃڻ هن لاءِ وِهُه جو وٽو ثابت ٿيو هيو. بس هن تنگ ٿي نيٽ پڪو پهه ڪيو ته هاڻي مان ڪڏهن به فيس بوڪ استعمال نه ڪنديس. سڀ فراڊي آهن فيس بوڪ تي...! وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪرڻ وارا پتڪڙا ماڻهو...!! احساسن کان خالي ڪنڊرن جهڙا ...! وري رڪي رڪي من ۾ آيس ته نه نه سڀ ته هڪجهڙا ڪونه هوندا آهن...! عيني کي ڪوڙ سارا اهڙا خيال ايندا رهيا، پر پوءِ به ڪنهن پل ويني ويني هن جا هٿ حرڪت ۾ آيا ۽ هن فيس بوڪ تي پنهنجي ID کولي. ID کولينديئي هن جون اکيون اسڪرين تي اٽڪي رهجي ويون. اڄ مظهر پاران هڪ تصوير ٽيگ ٿيل هئي. مظهر پاران ٽيگ ٿيل تصوير ڏسي من سرهو ٿي ويس! تصوير به اهڙي دلڪش هئي، هڪ اهڙي سڪي ويل وڻ جي تصوير، جنهن جي سڪل ٽارين منجهان ٻيهر نوان ساوا ساوا گونچ ڦٽِي رهيا ...! وري به اهو ئي زندگي جي جيئڻ جو احساس...!

ڪجهه ئي گهڙين ۾ مظهر حيات چيٽ روم ۾ آن لائين ٿيو ته عيني ڪيس يڪدم شڪايتي نياپو لکي موڪليو، ”ڪٿ هيا اوهان..... پاڻ کي آخرسمجهو ڇا ٿا...؟!“

مظهر ڪيس جواب لکي موڪليو، ”متيءَ جي مُٺ ...! جنهن کي هٿ ۾ مضبوطيءَ سان جهليو اٿم ... .. !! جڳ ۾ هيس......!“

عيني کي اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نه آئي، جواب لکيائين، ”اهو ئي فلسفو...! ڇا پئي ڪيو هيترا ڏينهن...؟“

مظهر لکي موڪليو، ”جيئڻ جي لاءِ جاڪوڙ...! اهو هڪ ئي ڪم آهي مون تي .... بس جيئڻ!!!“

عيني جواب ٽائپ ڪري موڪليو، ”چو پلا ...؟ دنيا ۾ ٻيا ڪم ختم ٿي ويا آهن ڇا جو اوهان رڳو جيئڻ تي...!“

مظهر جواب لکي موڪليو، ”سڀ ڪم جيئڻ لاءِ ئي ڪبا آهن! پر مان فقط جيئڻ لاءِ جيئان پيو...!“

عيني کي وري بہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، سو هن موضوع ئي مٽائيندي ڪيس لکي موڪليو، ”يار اڄ ڏاڍي خوبصورت تصوير ٽيگ ڪئي اٿئو... “

مظهر جواب اماڻيو، ”جي مهرباني... اهو ئي هڪ وڻ... جنهن ۾ ٻيهر زندگي موٽي آئي.... هو ٻيهر سائو ٽيڻ لڳو آهي...!!“

عيني جواب ڏنو، ”جي بلڪل... ماشا الله اوهان جون تصويرون ڏاڍيون زبردست هونديون آهن .... پر يار مون کي سچي ۾ جيئڻ نٿو اچي! ... بس مون تہ هڪ دفعو ئي جي ڏنو هيو، جڏهن مون کي ڪنهن سان پيار ٿيو هو پر شادي ڪري ويتر پريشان ٿي پيس....!“

شادي واري لفظ تي الائي چو مظهر کي هلڪو جهٽڪو لڳو، سوال لکي موڪليائين، ”تہ اوهان شادي شده آهيو...؟“

عيني جواب لکي اماڻيو، ”جي ... پر هاڻي نہ گهرَ جي آهيان نہ وري گهر واري جي...!“

مظهر ڳالهہ کي پوري طرح سمجهڻ جي لاءِ سوال ٽائپ ڪري اماڻيو، ” Oh! Very sad! ...! جي جيڪڏهن اوهان ُبرو نہ سمجهو تہ ڇا مان اهو ڄاڻي سگهان ٿو تہ آخر چو اوهان سان....؟“

عيني جواب لکي موڪليو، ”جي.... ُبرو ڇا جو....! حقيقت ڪتي لڪائبي آهي ...؟ يونيورسٽي ۾ اسٽڊي دوران هڪ پروفيسر جي شخصيت مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو، بس ڪلي ڳالهايومانس ۽ نهي وياسين.... مان بہ چڪر ۾ اچي هن سان شادي ڪري ڇڏي.... عمر ۾ تہ ابو جيڏو هيو پر مان ڪليل دماغ تي پاڙي ان جي پرواهہ نہ ڪئي....“

مظهر سوال ٽائپ ڪري موڪليو، ”تہ پوءِ تہ توکي ان سان گڏ هئڻ گهرجي ها، ڏار چو...؟“

عيني جو جواب آيو، ”بس understanding نہ ٿي سگهي اسان ۾....!“

مظهر تجسس ۾ پوندي پڇيو، ”ڇا جي understanding? “

عيني جواب موڪليو، ”او ... سڀ اڄ ئي پڇي چپ ڪندا شايد .... بس پروفيسر صاحب ٻاهران جو شينهن ۽ اندر جو گدڙ هيو... ٽڪل هيو.... هميشہ گوڏا ڪوڙي ويهي رهندو هو....!“

مظهر کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي. جواب لکي موڪليائين، ”او ... مطلب تہ اڌ سفر ۾ ئي هٿ پٽي ڇڏيندو هو....!؟“

عيني جواب لکي اماڻيو، ”او.... اوهان ڪيترا ڪنا آهيو.... جي.... اوهان صحيح سمجهيو.... خالي ڏٻو هيو.....!“

مظهر جواب لکي موڪليو، ”اوهان ٻه ته سوچيندا ڪيو ... بس رڳو ظاهري ڏيکاءُ ڪي ڏسي اکن چڪن تي ويهنديون آهيو .... پوءِ جڏهن پيٽ نه ڀربو اٺئو تڏهن وري.....“

عيني جواب اماڻيو ”مظهر مان صفا اهڙي ٻه ناهيان... جو انهي مسئلي جي ڪري هن تان ڪک ڪٽان ... اصل مسئلو هيءُ هيو ته مان هن ڪان هضم نه ٿي سگهيس ... شرمندگي جي احساس ڪان بچڻ جي لاءِ بهانا ڪري مون ڪي پنهنجي وڏي زال جي منهن ۾ ڏنائين ... هن جي ذلت ۽ رويو مون ڪان برداشت نه ٿي سگهيو ۽ مون طلاق وٺي ڇڏي....!! منهنجي زندگي جو اهو وڏو الميو آهي ته مڙس جي گهر ۾ پهاڄ ۽ پيءُ جي گهر ۾ ماٽيلي ماءُ.... ائين سمجهو ته هڪ پاسي باهه ته ٻئي پاسي پاڻي!!“

مظهر جي اندر ۾ عيني جو ڏک لهي ويو، جواب لکي موڪليائين، ”او... ويري سيڊ .... ساري مون غلط پئي سمجهيو....!!“

عيني جواب ٽائپ ڪري موڪليو، ” ڪو مسئلو ناهي... هرڪو ائين ئي سمجهندو ... مردن جي معاشري ۾ زميني حقيقتون ڪير ٿو ڏسي...!؟ خير ان ڪي ڇڏيو... پر مظهر توهان وٽ ته جيئڻ جون ڪيترين ئي تصويرون آهن... توهان جون ڳالهيون ٻه جيئڻ جهڙي جوت رکن ٿيون.... توهان جهڙو حوصلي وارو ماڻهو مون ڪٿي ٻه ناهي ڏٺو...!“

مظهر جواب اماڻيو، ”جيئڻ ئي حوصلو آهي عيني ....!“

عيني طنز ۾ لکيو، ”جيئڻ.... جيئڻ ... جيئڻ ... فقط جيئڻ ئي اچي ٿو اوهان ڪي....!“

مظهر جو جواب آيس، ”بيو آهي ٻه ڇا دنيا ۾ جيئڻ ڪانسواءِ .... جيئڻ لاءِ ئي ماڻهو ماڻهو ڪي ماري ٿو... جيئڻ لاءِ ئي ان ڪي دفنائڻ لاءِ قبرون ڪٽي ٿو! .... سڀ ڪجهه جيئڻ سان ئي جڙيل آهي!“

عيني جواب ڏنو، ”جي بلڪل.... اوهان صحيح ٿا چئو....پر يار اوهان جون سڀ تصويرون ناياب آهن ... دل چاهي ٿي ته اوهان جي سڀني تصويرن جا پرنٽ ڪڍرائي پنهنجي ڪمري جي ڀتين تي سجائي ڇڏيان...!“

مظهر جواب اماڻيو، ”جي بلڪل سڀ تصويرون خوبصورت.... سواءِ منهنجي پنهنجي تصوير جي.... !!“

عيني جلدي ۾ لکي موڪليو:

”او سنو ٿيو اوهان ياد ڏياريو.... پليز اوهان پنهنجي ذاتي تصوير پروفائل تي رکو نه ... چوڪري ته ناهيو جو پاڻ ڪي لڪايو پيا....!“

مظهر جي من ۾ درد دکي اٿيو، ”ساري...! مان فيس بوڪ تي جيئڻ جون تصويرون رکندو آهيان.... منهنجي تصويرن منجهان زندگي صبح جي پهر جيان جرڪندي نظر ايندي آهي..... جڏهن ته منهنجي فيس پڪچر (چهري جي تصوير) ان جي ُ لٽ آهه .... مان نٽو رکي سگهان....!“

عيني کي يقين نه آيو، ”نا ممڪن ... جنهن ماڻهو وٽ زندگي جون ايڏيون تصويرون هجن، جنهن ماڻهو جي عزم ۾ جيئڻ هجي، جنهن ماڻهو جي تصويرن ۾ زندگي محبوب کان وڌيڪ وڻندڙ هجي. اهو ماڻهو منهنجي خيال ۾ تمام حسين ئي هوندو!! اصل زندگي ته ان جي چهري مان ئي نظر ايندي!“

مظهر جواب موڪليو، ”عيني، اوهان وري به غلط فهمي جو شڪار ٿي رهيون آهيو.... اها حقيقت آهي ته زندگي جي باري ۾ منهنجو هر تصور ڪنوارو آهي... منهنجي اکين ۾ جياپو جرڪي ٿو... منهنجي هر تصوير ۾ جيئڻ ليئا پائي ٿو.... منهنجي سوچ سمجهه، عقل ۽ شعور ۾ به زندگي آهي.... پر منهنجي رت ۾ موت پنهنجو زهر پري ڇڏيو آهه...!! منهنجي چهري مان به موت تو نظر اچي.... هڪ ناسور جنهن منهنجي چهري جي هڪ پاسي جو نقشو ئي بدلائي ڇڏيو آهي... ماڻهو پنهنجا چهرا پاڻ وٽائڻ لاءِ سجائي نڪرندا آهن.... جڏهن ته مان ذڪار ۽ نفرت کان بچڻ جي لاءِ پنهنجو چهرو ڪپڙي ۾ لڪائي ٻاهر نڪرندو آهيان....! عيني، مان پنهنجي اهڙي Face-Picture فيس بوڪ تي رکي ماڻهن جي ذهن ۾ خوف نٽو پري سگهان.... بس مان اهو چاهيان ٿو ته هر ماڻهو جي من ۾ جيئڻ جو خوبصورت احساس هجي... اعتبار ڪيو ته مون کي به جياپي سان پيار آهي پر منهنجي مقدر ۾....!“

مظهر اهو سڀ ڪجهه لکي آف لائن ٿي ويو... عيني جي اکڙين منجهان اشڪباري جاري ٿي ويئي، جڻ مظهر جي ڪهاڻي پڙهي سندس روح ريزه ريزه ٿي ويو. ڪيس ڪينسر ۾ ورتل مظهر جو زندگي تي ويساهه، جيئڻ سان پيار ، جڻ همت ڏيڻ لڳي ٿو. هوءَ سوچي ٿي، مظهر جو فيس (چهرو) پل ڪينسر بگاڙيو هجي، پر پوءِ به مُصيبت هن کان حوصلو کسي نه سگهي آهي.... هو بهادر آهي.... اهڙا ماڻهو واقعي به حياتي جو مظهر هوندا آهن، جن جي اندر ۾ موت پناهه وٺيو وينو هوندو آهه ۽ هُو جيئڻ جون ڳالهيون پيا ڪندا آهن...!!

# چُتِل تير

ھُو چوڌري عنايت جي بنگلي تي چوڌري سان حساب ڪتاب مڪمل ڪري تڙ تڪڙ ۾ ٻاھر نڪتو. چوڌري عنايت جو ڊفينس ڪراچي ۾ شاندار بنگلو آھي. پاڻ تقريبن ڪراچي ۾ ئي ھوندو آھي، جڏھن تہ سندس ڪاروبار جو چار ڪافي علائقن ۾ وچايل آھي. ھي بہ ڳوٺ ۾ سندس مرغي شيڊز جو منشي آھي، ھر مھيني اچي چوڌري سان حساب ڪتاب ڪندو آھي. ھن ڪان اڳ ھن ڪافي وقت حجامڪو ڪم ڪيو، وڏن وڏن گڙينگ سينن جا مٿا ڪوڙيائين، ڪي ڪي معتبر تہ ڪيس پنھنجي اوطاق تي گھرائي بہ حجامت ڪرائيندا ھئا. مطلب تہ ڏنڍي جي حوالي سان چڱو موچارو نالو ھئس. جانورن جي بيمارين تي بہ عبور حاصل ھئس. ڍور ڪي اھڙو تہ ديسي ڊوز ڏيندو ھو جو ھلي ڇُري!! ڳالھائڻ جون تہ پيٽ ۾ ُ ليون ھيس. شروع ٿيو تہ مجال آھي جو ڪيس ڪو ُپڇي!! نہ ُٻڌ نہ مڃ سُنھري اصول ھئس، ھڪ تڪيہ ڪلام ھئس، ڳالھہ ڳالھہ تي چوندو ھو، ”ھن ڪي ڪھڙي خبر....!! مون ڪان پڇ نہ!!“ مطلب تہ ھي عقل جو ڪل ۽ باقي جڳ ردن جو وڳ...! جيڪو بہ ڳالھہ ڪندو ھو تہ ھي يڪدم پنھنجي ڪئنچي جھڙي زبان سان ان جي ڳالھہ ڪپي پنھنجي وينو ڪندو ھيو. اھا عادت ھڪ دفعو ان وقت ڳچي ۾ پئجي ويس جڏھن شھر ۾ واپاري ايسوسيئيشن جي صدر جي دوڪان ڪي ڪاٺ لڳو ھو. صوبيدار ڪافي شڪي ماڻھو گرفتار ڪيا ھيا پر انھن موچڙن ڪائڻ جي باوجود بہ چوري پڌري نہ ڪئي ھئي. صوبيدار ھُن وٽ ڏاڙھي ۽ وار نھرائڻ آيو ۽ اھو سُر ڪنيائين ، ”يار ڪافي لوفر پڪڙيا اٿئون پر ڪاٺ ھڻڻ جي سچي نہ پيا ڪن ...! .پتو ناھي تہ ڪنھن ڏوڙ منھن ۾ وڌي آھي..... اسان تہ سيٺ مان قاسي ويا آھيون!!“

صوبيدار زماني جو ماڻھو ھو ۽ ٻيو تہ ظاھر آھي تہ پوليس وارو ھو سو تڙ تڙ جو پاٽي پيتل ھئس، ھُن ڪٽي ڳالھہ چوري ۽ ھِن ڪٽي ڦاٽ ڪاڏو! ”اڙي سائين انھن ڪي ڪھڙي خبر ...! مون ڪان ُپڇ نہ ...! !“

اوجھري نہ گوشت، پوليس نہ دوست! سو جيڪا ڦوڪ ڇڏيائين. سا ڳچي ۾ ئي پئجي ويس. صوبيدار ڪٽي سوگھو ڪيس، اھڙو ھٿ جو پاٽي ڏنائينس جو ھمراھہ پچاڙي قرآن ڪٽي جان ڇڏائي! صوبيدار اھڙي تہ حجامت ڪئي ھيس جو ٻين جا مٿا ڪوڙڻ تان ھٿ ڪٽي ويو، ۽ دوڪان ڪي ئي تالو ھڻي ڇڏيائين. چار ايڪڙ ذاتي زمين ھيس، چوڌري عنايت سان ُپراڻي رھائي ھيس، تنھن ڪي منٿ ڪيائين تہ چوڌري عنايت وٺائنس زمين مقاطعي ۾ وني ان ۾ مرغين جا شيڊ لڳائي ڪيس ئي منشي

ٻڌائي ڇڏيو. تنهن ڪان پوءِ ته مُڙس جي اصل لٽ پئي لڳندي هئي. ٿنن ۾ هيو. لوڙهه ته خير پهرين به نه هيس، چاڪاڻ ته پُٽ ماستر هيس، جڏهن ته زالهنس به گهر ۾ دوڪان هنيو هيس، جنهن ۾ ميڪ اپ جو سامان، چوڙيون، پونيون، سڳيون، ڪوڙا زيور ۽ ٻيا به ڪافي زائفائن جي استعمال جا وڙ رڪيل هئا. سندس زال مُڙسن جو مٽ هئي. اڪيلي ڪراچي حيدرآباد خريداري ڪرڻ هلي ويندي هئي. لندا بازار، چاڪيواڙا، بولٽن مارڪيٽ، بابر مارڪيٽ توڙي صدر ته ڪراچي ۾ هن جي لاءِ ڪا ڳالهه ئي نه هئي. جڏهن ته هي مُڙس وري ڄائي ڄم ڪان خفتي! جي پڇيس ڪڪڙ جو ته اصل ڪڪڙ جي ٻِڻ ٻُٽياد مان نڪري ويندو هيو. جي موسم اچي مسافر پکين جي شڪار جي ته همراهه جا مارين تان ائين پيا ڦيرا پوندا هئا ڄڻ سيئي هن جي خرچ تي شڪار ڪندا هجن! عمر جي لحاظ کان سٺ سالن کي رسڻ وارو هيو. پر پوءِ به پاڻ تي پيري جي پاڇي کي به برداشت نه ڪندو هو. مس وارن مان اڇاڻ نظر ايندي هئي ته يڪدم ڪيس جي پوچي ڏئي ڇڏيندو هيو. نراڙ مٿان ڪُسي ويل وارن سبب ظاهر ٿيل ٽڪڻ کي ٽِڪن واري ٽوپي سان لڪائيندو هيو. هميشه ڳلو کولي سينو تاڻي هلندو هيو. ڳليءَ ۾ جيڪڏهن ڪا اڪيلي زائفان منهن ۾ پوندي هيس ته اصل مائي جي ڪڍ لڳي پوندو هو. جيستائين زائفان پنهنجي دڳ نه رسي، تيستائين هي وائڙي ڪڪڙ وانگر ٻي وقتائتيون ٻانگون ڏيندي، ڪنگهندي، اونن ۾ ٽِڪندي پويان لڳو ايندو هو. اسپتالن، مُسافرخانن ۽ بس اسٽاپن تان جيستائين پيرو نه پڇيندو هو، تيستائين ڪاڏو هضم نه ٿيندو هئس. مطلب ته وڏي ڪِٽ هيو!

پاڻ ٽيڪسي پڪڙي اچي لي مارڪيٽ بس اسٽاپ پهتو. ساڻس ولو به گڏ هيو، ڪڪڙين جي بيمارين جو ڄاڻو هيو. ملازم طور شيدُ تي هن سان گڏ ڪم ڪندو هو. ولو شريف ماڻهو هو سو ڪم سان ڪم رکندو هو. پر جڏهن ڪان هِن سان ياري ٿيس ته هِن سان گڏجي شهر جي منائي چکڻ لڳو هو. هاڻي سندس شرافتون فقط وڃي علامتون رهيون هيون. هي اسٽاپ تي بيٺل بس تي وڃي پوئين گيٽ تان چڙهيا، هونئن به شريف النفس ماڻهو هميشه پوئين گيٽ مان ايندا آهن، اها ٻي ڳالهه آهي ته رڙهي وڃي اڳين سيٽن تي ويهندا آهن. بس ۾ اجان رش ڪانه هئي، هي اڳيان وڏي وڃي ليڊيز سيٽ جي پويان ويٺا. ولو جي نظر اڳين سيٽ تي پيئي. آهستي وراڻيائين، "بخشو! اڳين سيٽ تي ماڻهو ته ڪو نواب ويٺو آهي ...! . او هو . ...سبحان تنهنجي صاحبي!!" بخشو اڳيان نظر ڊوڙائي، نقاب ۾ ويڙهيل ڇوڪري پُنيري ويٺي هئي. هنن ۽ هُن جي درميان، وچين سيٽ جو ويڇو هيو، جنهن تي هڪ نوجوان ڇوڪرو ويٺو هيو. اهو ڇوڪرو هنن جي اک جو ڪندو ثابت ٿيو. بخشو مٿس نظر وجهي خار سان وراڻيو، "ها ولو... ماڻهو ته واقعي ڪو ڊول آهه... پر يار هي آفت هن سيٽ تان اٿي ته ڪو بلو ڪيونس...!" ولو وراڻيو، "ساهه نه وڃنئي... ڪيان ٿو

جڳاڙ...! تون رڳو نئون نئون ڪر تہ مار پويس سمجهي تہ تون بيمار آهين...! دم آهي توکي!“

بخشو ولو جي ٽل تي ڪنگهڻ شروع ڪيو. ولو سيٽ تان اٿي اڳين سيٽ تي وينل نوجوان کي عاجزي سان منٿ ڪئي، ”اڙي پُٽ، وڙ ڪر، مون سان هي جهونو بيمار گڏ آهي....گرمي سبب ساهہ پيو مُنجهيس... تون اٿي پوئين سيٽ تي ويهہ.... هي دري واري سيٽ اسان کي ڏي... مولا اجر ڏيندو تو کي پُٽ!“

ولو چاٽي هڻڻ جو ماهر هيو سو نوجوان جو اهڙو تہ ترورتائين جو ڳُهو نهہ پهہ اٿي ويو ۽ هي سرها ٿي اچي اڳين سيٽ تي ويٺا. هاڻي بس جون سيٽون پرجي چڪيون هيون. ماڻهو سيٽن نہ هئڻ سبب بيهڻ لڳا. بخشو اڳين سيٽ تي پويان ٽنگون آهليندي ماڻهن کي اک ۾ جهليندي آهستي وراڻيو، ”ولو.... ماشاالله ... ڇوري ڪونهي .... نيرڳي آهي نيرڳي ...! پاڻ واري ڏبي ۾ جي قاسي تہ اهڙا چوڪا چڪايونس...اهڙو داڻو پاڻي ڏيونس جو اصل پيٽ مان هيرا نڪرنس هيرا....!“

ولو وراڻيو، ”ها وڏا اصيل آهي اصيل ....! پُٽ مان ئي لڳي پيو تہ ڪو ٻُنيادي نسل آهہ...!“

بخشو وراڻيو، ”ها ولو .... پيسان جو چهرو تہ غضب جو هوندو ...! لئونڙو هٽي تہ ڪو اک سان ڪرنٽ هٽي دل تي اثر ڪيونس...!“

هن جي ڪن تي هنن جي گفتگو پيئي. اڪيلائي جو احساس ڪيس وڌيڪ گهبراهٽ ڏيڻ لڳو. پر هوءَ خاموشي سان ذلت برداشت ڪرڻ لڳي. پري بس ۾ ڳالهہ ڪري هن پاڻ کي رسوا ڪرائڻ نٿي گهريو. بخشو هن جي خاموشي کي راضپو سمجهي وڌيڪ داءُ هڻڻ لڳو، ”يار ولو لڳي تو تہ.... !“

ولو سندس ڳالهہ ڪٽيندي وراڻيو، ”ها وڏا توٽل فِٽ آهہ.... ها بابل... جنهن سج اڀرندي تئو نہ ڏيڪاريو سو لهندي تورئي ڏيکاريندو ...! هجيس وٽ ها تہ ضرور پُڇ پُڇ ڪري ها ... لڳي تو تہ راضي آهہ ... مُڙسي ڪري ڳالهائينس تہ هلي ڪٽي هٿ ڪوسا ڪيون ... ڪافي ڏينهن ٿيا آهن ... ڪچو گوشت کاڌي...“

ولو ڳالهائي رهيو هو، تيستائين بخشو جي نظراڳين در مان بس ۾ داخل ٿيندڙ پنهنجي زال تي پيئي، هٿن ۾ سامان سان پريل شاپر هيس چڙهندي ئي هُن بخشو کي تڪي ورتو هيو. بخشو سجو هيسجي ويو هو. پوڙهائپ ۾ جيڪا مستي چڙهي هيس، سا پڳهر تي لهڻ لڳي هيس. هوءَ سڌو اچي اڳين سيٽ تي وينل

چوڪري سان گڏجي ويهي رهي! ولو هن کي پريشان ڏسي وراڻيو، ”چا ٿيو بخشو...؟ پاڻي تي وئين چا...؟ اڙي مُڙس ٿي... چئينس چريا ... موقعو آهه. ...!!“

ولو کي ته ڪا خبر هئي ئي ڪانه، سو هن ائين سمجهيو ته اڳين سيٽ تي نئين عورت اجنبي آهي.

بخشو جي چپن تي ماٺ جي مهر لڳي چڪي هئي. هن جي ذهن ۾ هاڻي فقط اهو هو ته چوڪري ڪٿي زالهنس کي ڪجهه چئي نه ...! هن اهو ئي سوچيو پئي ته زالهنس هن ڏانهن ڪنڌ ڦيرائي وراڻيو، ”بخشو تون سيٽ وٽ آيو هئين چا...؟“
اهو ٻڌي ولو صفا وائڙو ٿي ويو. بخشو اجا ڀڙڪ ڪانه ڀولي ته سندس زال جي پر ۾ وينل اها چوڪري ڪنڌ ڦيري وراڻيو، ”چ چ چا...چا .... چا ... چا ...! ابو توهين !!“
هُو پنهنجي پڳهر ۾ پاڻ ٻڏي ويو ۽ ضمير ۽ ماٺيپي جي سنگباري ۾ جڻ سنگسار ٿي پيو!

# اوسيئڙي ۾ جُڙيل آس

نو مهينا اڳ هُن ملهار سان لائون لڌيون هيون ته ڇڻ من مُرڪي پيو هئس. ڪچو گهر، ٿانون سان سينگاريل پٽ تي ٽاڪ، ڪٽ تي هٿ سان ٺاهيل خوبصورت رلين جي سونهن ۽ انهن رلين ۾ رلي ملي جڏهن هنن هڪٻئي جو واس ورتو ته زندگي ۾ سرور پرجي ويو هئن. پر هاڻي انهن گهڙين جي تصور ڪيس نانگن جيان ڪکيو ٿي. لهندڙ سج ڪي ڏسي سوچيندي هئي ته ’ڪاش! ملهار سان ڪٽو منهنجي حياتي جو سج به لهي وڃي ها!‘

لائون لهڻ کان پوءِ ميلاپ جي مُسرتن جي مئه جا خمار اڃا من تان لٿا نه هئن، ته ملهار کي ناڪئي نياپو موڪليو ته، ٻوار چڙهي آيو آهي، تنهن ڪري سياٽي سمنڊ ۾ هوڙا هاڪاريندا سين. اها خبر جڏهن هِن جي ڪنن تي پيئي ته جيءُ جهري پيس. سوچيائين مان وِنگ ٻنجي پنهنجي ملهار جي پيرن ۾ پيهي ڪيس وڃڻ کان روڪي ڇڏيان! ڇاڪاڻ ته مون هُن مان اڃا آس به پوري نه پلي آهي! وڇوڙي جي جڏهن رات ٿي هئي ته ان رات ڳوٺ جا ماڻهو ته ننڊ جي پاڪرن ۾ هيا. ملهار ڪٽ تي هن جي گوڏن تي پنهنجو مٿو رکي سڌو آهليل هو. هُوءَ ڪيس مٿي تي هلڪا زور ڏيئي رهي هئي. ملهار سندس هٿن کي پنهنجي هٿن ۾ وٺي وراڻيو هو، ”سڄڻ من ته توکان پل به پري رهڻ نٿو گهري! پر پيٽ جي لاءِ وقتي دورين جا ڏنپ ته سهڻا پوندا نه ...!“

هن ڪجهه به نه ڪڇيو هيو، چهري تي اداسي وڏيڪ نمايان ٿي پيئي هيس. دل پرجي پيئي هيس. ملهار سندس اهڙي حالت ڏسي اٿي وينو، چيائين، ”پاڳل! ڇري آهين ڇا...؟ صفا هانءُ هاري وڌو اٿئي...!!“

هن وراڻيو، ”ملهار من مڃي ئي نٿو ته توکي ڇڏيان...!! وڙ ڪر... هن جوار تي نه وڃ ....!اڳيان ڪڏهن به نه جهليندس توکي وڃڻ کان....!!“

ملهار آهستگي سان هن کي سمجهائيندي وراڻيو، ”هن تنهنجي روڪ تان صدقي ...! ٻيڙي ڏٽي موڪل نه ڏيندو ...! جي ڍر ڪري وينس ته عذر ڪري ڪڍي ڇڏيندو ...! ۽ پاڳل آئون ڪو پرديس ٿورئي پيو وڃان... ڪجهه ڏينهن جي ته ڳالهه آهه... جلدي موٽي ايندس گهر... ۽ ڇري اوسيئڙي ۾ ئي قرب سوايو ٿيندو آهه... ۽ ماڻهو جو ٻي ماڻهو جي نگاهه ۾ قدر به وڌندو آهه....“

”مکڻ نه هڻ ملهار...!“ پاڳل نڙڪ وراڻيو، ”منيون ڳالهيون ڪري من کي نه وندرائي... بس دل چوي ٿي هن واري نه وڃ ...! باقي اوسيئڙو پيٽ ٿوري پريندو ... برهه جي ٻُک کي هئڻ ئي ماٺو ڪندو آهه مٺا ... سچ پڇين ته تن تي اهڙو اکر هلايو اٿئي جو من ڪٽ لڳي ئي ڪانه ٿو... اڄ پوتي تي آر ويٺي ڪيم. خيالن ۾ تون هئين ... پتو ئي نه پيو تيسين آر جي سُئي آڱر ۾ ٽنبجي ويئي ...! الا ڏاڍو سور ٿيو

پر پوءِ بہ منو لڳو ...! چاڪاڻ تہ توکي ياد ڪندي پرايو هئم... ماسي ڏاڍا پوڳ ڪيا... لڄي ٿي ڪوني ۾ وجي لڪيس...!"

ملهار جلدي ۾ سندس آڱر پڪڙي زبان جو چهاءُ ڏنو، سڄي جسم ۾ سرور محسوس ڪندي خوشي مان وراڻيائين، "جي سائين زخمن تي تو اهڙا پها رکڻ شروع ڪيا تہ آئون روز ڪا نہ ڪا چوٽ کايو ويٺي هونديس..."

"..... " ملهار مُرڪي پيو، "پاڳل آهين چا مني ...!؟ پوءِ پلا مون کي سياٽي درياهہ تي وڃڻ جي اجازت آهہ ڪہ نہ؟" ٿڌو ساهہ پريندي وراڻيائين، "من تہ نٿو مڃي... پر پلا پلي وڃج ... پر ڏس ... سگهو ورج!"

ملهار کيس پنهنجي ٻانهن ۾ پريندي وراڻيو، "جي منهنجا سائين ... جلد ورندس...تمام جلد...هڙو قرب ڇڏي وڃڻ منهنجي لاءِ بہ وِهہ جو ڍڪ نڙي تان هيٺ لاهڻ جي برابر آهہ مني ...! جلد ايندس..."

هن بہ پنهنجي ٻک ۾ ملهار کي زور سان ورتو هيو، چاتين جي چهاءُ سان جسم ۾ لرزش پيدا ٿي هين، ھُو ٻئي هڪٻئي جي وجود ۾ وڃائجي ويا هيا، نيهن جي مينهن جي مٽ ۾ مست ٿي ويا هيا.

صبح ٿيو هيو، ٻُوناٽا رڃ ڪلهن تي ڪري سمنڊ ڏي سنيري گهران موڪلائي نڪتا هيا، ھُن ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي هن کي ڀَل ڀُرهاتي پائي موڪلايو هيو. پاڳل ڏاڍي اداس هئي، من تہ گهريو هيس تہ روئي منٿ ايلاز ڪري ملهار کي روکي وڏان پر ھُو بہ ٻين جيان ٻک جو پرم رکڻ لاءِ سمنڊ جو سينو چيري منجهانئس داٽو پاٽي حاصل ڪرڻ لاءِ مڇي ۽ جهينگن جو شڪار ڪرڻ لاءِ وجي رهيو هو، تنهن ڪري ملهار کي وڌيڪ روڪڻ لاءِ تنگ ڪرڻ ھُن مناسب نہ سمجهيو. بس ڪوني جي ڪنڊ ۾ پوتي ٻُوڙهن سان پاٽي ڪئي هئائين. روئيندي روئيندي ڪنهن پل من ڪچو ٿي پيو هيس، بي سڪائي جي ڊوڙ سيني تي پانئي هئائين. منهن پوتي جي پلاند سان اگهي ٻاهر دلي مان پاٽي جو گلاس پيتائين تہ ُلتي ڇڏائجي ويس. ملهار جي ماءُ پرولي پيجي اچي واڏايون ڏنس تہ، "تو ۾ ملهار جو رت جمي چڪو آهہ!" اهو ٻڌي ڏکن وارا ٻُوڙها خوشي ۾ بدلجي ويا... سوچيائين، اهو لقاءُ جيڪر ملهار جي مانڌان ٿي ها تہ هو ڪيڏو نہ خوش ٿئي ها تہ اسان جي گهر ۾ بہ هڪ ننڍڙو مهمان ايندو! تنهن کان پوءِ پڳيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳي، چاڪاڻ تہ پڳيءَ جي وقت پاٽي لهي ويندو آهہ، تنهن ڪري شڪار نہ ٿيندو آهہ، سو گهاتو گهر موٽي ايندا آهن. هاٽي تہ وقت جي گذرڻ بہ هن سان ويل ڪيا هيا. وڏا اوسيئڙي جا ڪات ڪاٽڻ لڳي.

تنهن کان پوءِ هڪ اهڙي رات آئي هئي، جڏهن سيئي اگهور ننڊ ۾ ستل هيا تہ اوچتو سمنڊ ۾ چاڙهہ ٿيو، هوائون وڏڻ لڳيون. وڏندي وڏندي هوائن زوردار طوفان جي شڪل اختيار ڪري ورتي. پوءِ تہ چوڏو چوڏي پيڙو نہ رهيو! گهرن جون ڇتيون ُڏڻ لڳيون. پتين جي ٻانٽ ۾ جهونا جهونيون ڦاسڻ لڳا، سمنڊ پنهنجي ڪنارن کان

نڪري راڪاس جيان ڳوٺن ۾ منهن ڪيو. پاڻي وٺن جيتري اوچائي تي چڙهي ڳوٺ ٻوڙڻ لڳو. ماڻهن جي وات ۾ ٻچا اچي ويا. پڇڻ جو ڪو گس نه رهيو. هر هنڌان رڳو ريهون، ڪيڪون، دانهون، آهون ۽ رڙيون ڪوڪون تي ٻڌڻ ۾ آيون! پر سڀ هوائن جي آوازن ۾ دفن ٿيندا ويا. اهڙي دهشت ۽ خوف ۾ پاڳل جو وجود ملهار جا گس تڪڻ لڳو. ڊپ جي دوڏ سندس من چيپاٽڻ لڳي. پورن ٻن ڏينهن جي قيامتِ صغرا ڪان پوءِ لاڙ پٽ تي موت پنهنجا پاچا ڇڏڻ لڳو. انهن قيامت جهڙين گهڙين ۾ چڙواڳ هوائن نه فقط سندس حال جهڙي ڪچي جهوپڙي کي پٽ ڪيو هو پر گڏ سندن اميدن، خوشين ۽ خوابن کي به ڪنهن ڪمزور وڻ جيان ڏوٽي پٽ ڪيو هو. هن به ٻين جيان ٽريڪٽر جي ٽالين ۽ گاڏين ۾ سمنڊ ڪان ڪچي ايندڙ لاشن ۾ دل تي پٿر رکي پنهنجو وڙ ملهار ڳولهيو هو. نه فقط ايترو پر هن ساحلي پٽي تي وٽن ۾ ٽنگيل لاشن ۾ به ڏسي پنهنجي گم ٿي ويل گهاٽو جو چهرو سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس ڪٿان به پنهنجي لوئي جي ضامن ملهار جو منهنڙو نظر نه آيو هو. هن ڪيئي واٽون واجهايون هيون پر ڪٿان به ور نه ورڀو هئس. بس هڪ ڳولا جو سلسلو شروع ڪيو هئائين، جنهن جي سفر هن جي ڪمزور وجود جو رت چوسڻ شروع ڪيو هو. فراق جي نهائين ۾ پچي نڪر ٿيڻ لڳي هئي، پچندي لڇندي ڪامندي نون مهينن جي درد جو سفر ڪاٽيو هئائين ته سندن مُرشد جو ميلو چڙهي آيو هو. ڳوٺ ۾ طويل سوڳ ڪان پوءِ هلڪي خوشي جي احساس ڪر ڪنيا هئا، توڙي جو ماڻهن وٽ ڪجهه به نه هو، هر گهر مان ڪو نه ڪو سمنڊ جي لهرن جو ڪاچ ٻنجي چڪو هو، هر ڪنهنجي درد جو پنهنجو هڪ داستان هو، پر تنهن هوندي به انهن درد جي احساس کي ميٽڻ جي خاطر ۽ خاص ڪري ننڍڙن ٻارن جي ڪچڙن ذهنن مان خوف ڪڍڻ لاءِ هر ماڻهو پنهنجا ٻار وٺي ميلي ڏانهن وڃي رهيو هو. ڳوٺ ۾ ڪنهن قدر درد جو احساس ڪجهه گهٽ ٿي نظر آيو پر پنهنجي ڳوناٺن جي چهرن تي ظاهر ٿيندڙ خوشي ڏسي پاڳل جي من ۾ ويتر ماتم مچي پيو هو. نو مهينا اڳ لهرن جي نظر ٿي ويل ملهار جو منهنڙو سندس اکين جي اڳيان ترورا ڏيڻ لڳو هو. ياد جي آيل اهڙي جهونڪي سان سندس سيني ۾ ملهار جون ساروڻيون وڪري پيون هيون. اهي پل جڏهن ڪيس ڏينيوئن جيان ڏنگڻ لڳا، تڏهن ملهار کي من اندر ۾ ڏوراپا ڏيندي وراڻيو، "جيڪڏهن منا هڪڙي گهڙي به منهنجو چيو ڪري هن پيري رکجي پوين ها ته شايد اڄ مون کي ايترا عذاب سهڻا نه پون ها ...! پر... من وري به چوي ٿو تون ايندين... تو موٽي اچڻ جو انجام جو ڏنو هو...تون ورڻو آهين ملهار ... ها، تون مرڻو ناهين ملهار...! تون ورڻو آهين...!" دماغ چڪرائجي ويو هئس اکين منجهان ڳوڙهن جي لار شروع ٿي ويس. رئي جي پلئه سان اکيون اگهي وري وراڻيائين، "هي به ڪهڙو ميلو ٿيندو...من اڪيلي جو ڪهڙو ميلو...! ميلا ته تڏهن ٿيندا آهن، جڏهن

جانب جيءَ جي اوڏا هوندا آهن ...! تڏهن ئي اکين سان اکين جيُ لڄ اجهائبي آهي...!!“

بس ائين ئي پيڙائن جو سمنڊ جهاڳيندي جهاڳيندي ڪنهن پل اک لڳي تي وجيس...لاشعور جي پٽن تي روح کي پٽڪندي محسوس ڪيو هئائين. خوابن جي رُج مان ملهار کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي تي...مهينن کان سڪايل سندس روح کي جڻ ڪا آٿت تي ملي ... ملهار ڏانهنس ڊڪندو تو اچي، جڻ چوندو تو اچي، ”اچان پيو ياڳل...مون واعدو ڪيو هو ورڻ جو، سو اهو واعدو اڄ آئون پارڻ پيو اچان ياڳل ... مان اچان پيو مني...!!“

اوچتو ئي اوچتو انهن کي لمحن ۾ سور جي شدت کان ڪيس جاڳ تي پوي تي. دانهون ڪري تي تہ سسٽس بہ اٿي تي پوي. سس ڪيس ڏسندي ئي سمجهي وڃي تي ۽ جلدي جلدي ۾ ڳوٺ جي دائي ناني جندو ڏانهن ماٺهو ڊوڙائي، پاڻ اچي ڪيس سنڀالي تي. دائي اچي تي ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ هن جي دانهن منجهان ئي هڪ ننڍڙي زندگي جون دانهون بہ اٿي تيون پون. جڻ اهي خاموشي جي جمود کي توڙين تيون. هي هوش مس تي سنڀالي تہ دائي ڪيس چوي تي، ”هُ بهو ملهار پاڻ موٽي آيو اٿئي چوڪري...! توکي مبارڪون هجن...!“

اهو ٻڌي ياڳل ڏک ۽ سرهائي جي گڏيل ڪيفيت سان ننڍڙي ملهار کي پنهنجي ڇاتي سان لڳائي تي چڏي، ۽ دل ئي دل ۾ وراڻي تي، ”ملهار واقعي تون موٽي آئين...واقعي تو پنهنجو واعدو پاڙيو آهي جانب ... واقعي محبتون مرنديون ناهن ... تون ناهين مئو ملهار...تون ناهين مئو. ... !“

(مئي 1999ع ۾ جاتي ۽ بدين جي ساحلي پٽي ۾ آيل سامونڊي طوفان جي پس منظر ۾ لکيل)

# چتو

شهر ۾ ڄڻ ته ڪو آدم خور ڪاهي پيو هو. بازار ۾ سڄ اچي واسو ڪيو هو. فقط مين روڊ تي ڪجهه دوڪان کليل هئا. گهٽين ۾ ته هلندي به خوف ٿي ٿيو، چاڪاڻ ته گهٽيون سُڃيون سُڃيون هيون. سُڃائي به ايتري قدر جو پنهنجي پاڇي کان به لڳ ٿي ڪانڊاريا! نه ته رات جي وقت گهٽيون ۽ چونڪ وسندا هئا. گهٽين ۾ ته ڪرڪيٽ جا ميلا مچندا هئا. آئسڪريم ۽ پوپ ڪارن جون ريڙهيون به رات جو دير تائين پيون گهٽين جو گشت ڪنديون هيون. ڄڻ رات جاڳي اٿندي هئي. بازار ۾، هوٽلن تي پتن راند تي شوقينن جا انبوهه لڳا پيا هوندا هئا. ڪيڏڻ وارن کان ڏسڻ وارن ۾ دلچسپي گهٽي لڳندي هئي. مطلب ته ننڍڙو شهر به رونقن جي ڪري وڏن شهرن جو مٽ پيو لڳندو هو، پر اڄ ته انهي ئي شهر ۾ هلندي به ساهه ۾ ٿي سوڙهه ٿي! شهر کي ان وقت خوف ورائي ويو، جنهن وقت اهو ٻُڌ هليو ته، ڪو ڳوناٺو چتو ٿي پيو آهه! جنهن کي به ڏسي ٿو ان تي حملو ڪري ٿو ڇڏي! حملي بعد وري اهو ماڻهو به چتو ٿيو پوي ...! تنهن ڪري ماڻهن چتي ٿيڻ کان بچڻ جي لاءِ گهرن ۾ پناهه ورتي، درن کي اندران کان تالا هڻي ڇڏيا هئا. فقط ڪجهه سر ڦرين شهر جي پچر ڪو نه ڇڏي هئي. اهي چونڪن تي ميڙا ڪيو ويٺا هئا. تڏهن به احتياطن، وٽن هٿن ۾ لٺيون ۽ ڪهاڙيون هيون.

ٻُ ٽيئي شاهي بازار وٽي اچي رهيا هئا ته چونڪ تي ويٺل هڪڙي همراهه ڦوڪ ڏني، "ادا فون آئي آهي ته چتو وڏيري ڦتن وارو ڳوٺ ڇڏي آيو آهي. ڪنهن کان جهلجي ئي نٿو ... باقي ماڻهو پويان ڪاهيو ٿا اچينس...!!"

ٻي وراڻيو، "ها ادا، ماڻهو جهڙي شيءِ ائين ته ڪونه ماري ڇڏيندا!"

ٽورو اڳتي اچن ٿا، مڪي مسجد جي در اڳيان تبصرو هلي پيو.

" ادا چتو وڏيري مُراد جي ڳوٺ ۾ ڪاهي پيو، هڪ ٻُڍڙي کي ڪٽي سوگهو ڪيائين ته ڳوناٺن مڙئي مُڙسي ڪري ٻُڍڙي جو ساهه بچايو!" منهنجائن هڪڙي خوف وچان وراڻيو.

"ته پوءِ ٻُڍڙي کي ڪاڏو هوندائين، اها به ٿي چتي...! مولا بچائج ... اجا هڪ نه پڪڙيو تيسين ٻي ....!"

ٻئي ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي دلاسو ڏنو، "نه ڙي نه ...! مائي کي اجا سوگهو ڪيائين ته ڳوناٺن ٻُنن واري ڪهاڙي وهائي ڪڍيس. ...چتو ڇڏائي منهن واهه ڪري ڀڳو!!"

هڪڙي ٻئي وراڻيو، "ته ادا ان کي سوگهو ڇو نه ڪيائون؟.... جهلي ٻڌنس ها ... !!"

”ڪيئن جهلنس ها... ؟يار ھُو چتو هو ... خبر اٿئي اهڙي ماڻهو ۾ ڍھوٽي سگھ هوندي آهه ... جوش ۾ جو هوندو آهه ... ڪوشش ته قابو ڪرڻ جي ڪئي هوندن پر بابا اهڙو ماڻهو ڏاڍو...!!“

هي سڄي شهر جو جائزو وٺندا اچي دبئي چونڪ تي پهتا. اتي ماڻهن ۾ وري بي ڳالهه، مطلب ته جيترا وات اوتريون ڳالهيون پئي ماڻهن ڪھڙيون!

”ادا چتو ڪمدار جمعي جي گهر جي پرسان وڏيري دودي جي ڪمند ۾ گهڙي ويو آهه، ڳوناٽا گهيرو ڪيو بيٺا اٿس...رڳو نڪري ته پڪڙنس ...!“

ٻئي پڇيو، ”ادا چتو ته واهن ۾ هوندو آهه سو ڪمند ۾ ڪيئن ويهندو؟!“

جواب مليس، ”ادا چتو ٽڪي پيو هوندو، سو ساهي پٽڻ جي لاءِ ويهي رهيو هوندو ... !“

حيرت منجهان ٻيهر وراڻيائين، ”اڇا ته يعني چتا ٽڪندا به آهن ...!“

جواب مليس، ”نه نه ٽڪندا ناهن.... اڙي يوڪ مشينيون به ٽڪجي گرم ٿي ويندئون آهن.... هي ته وري به ماڻهو جهڙي شيءِ آهه ... .!“

هي سڀني جون اهي ڳالهيون ڪنائيندا سڌو اچي آڪاش ڪولڊ ڊرنڪس تي وينا. اتي شهر جا ڪجهه سُلجهيل نوجوان گفتگو ڪري رهيا هئا. هي ٿيئي اها گفتگو ڏيان سان ٻُڌڻ لڳا، ”يار ايڊمنسٽريٽر کي چيو هو سين ته شهر ۾ ڳوٺن ۾ بيماري وارن ڪتن جو آزار ٿي پيو آهه، ٻيو ته چؤ وايا به لڳن پيا، ڪتا چتا به ٿين پيا، تنهن ڪري اهڙن ڪتن کي زهر ڏئي ماريو وڃي ته جيئن ماڻهن جو تحفظ يقيني ٿئي!“

ٻي وراڻيو، ”ها جاويد صحيح ٿو چوين، پهرين ته ڳلي ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ڪتو هوندو هو...هاڻي ته گهٽي گهٽي ۾ چار پنج ڪتا اهڙا ئي آهن ... سو به ناسور وارا ... !“

جاويد وراڻيو، ”يار ناسور وارن ڪتن سان گڏ چتپڻ جي وبا ڦهليل آهي، هي چتو به ڪنهن اهڙي ڪتي جو ڏاڙهيل آهي...!“

ٻئي وراڻيو، ”ها يار، الله سٽائي ڪندو.... هلو ته هلون ... متان پاڻ به ڪٿان پتجي نه وڃون!“ نوجوان اتي هليا ويا.

ٻيرو هنن ٿنهي جي اڳيان بوتلون رکي ٿو، زاهد بوتل مان سرڪ ڀري وراڻيو، ”يار چا ٿيندو پاڻ جي ماڻهن جو؟“

نعيم وراڻيو، ”ٿيندو وري چا ...! بس سندن حال ڏسي لڳي ٿو خدا ئي حافظ اٿن ...! همت واري وائي ته سندن وات تي وري ئي نٿي ...! بي دل ... ٻُزدل ... هول ... وهم ... افواهه!!“

ساگر وراڻيو، ”پر هن ۾ ته ڪا وهم جي ڳالهه ڪونهي ... اهو دور گذري ويو جڏهن گهوڙي ويامندي هئي ته افواهه يا ڪوڙ ڦهلائيندا هئا.... هاڻي ڪميونيڪيشن

تيز آھه ... ماڻھو جڳ جھان جي اٿل پٿل کان پل پل واقف ٿا رھن...دنيا گلوبل وليج بڻجي چڪي آھي ھاڻي ...!!"

نعيم طنزيہ لھجي ۾ وراڻيو، "دنيا ھوندي... پر پاڻ اجا گلوبل نہ پرُگلو واري وليج ۾ رھون ٿا، جتي جھالت جو راڄ آھه ... اڄ بہ ڳوٺن ۾ مائرون ٻارڙن کي حوصلن ۽ ھمتن واري لولي ڏيڻ بدران گدڙن جو خوف ڏياري سنجھي مھل سمھاريو ڇڏين...جيڪي ٻچا پينگھي ۾ ئي خوف ۽ حراس واريون ڳالھيون ٻڌي وڏا ٿيندا سي ويچارا سڄي ڄمار ڏڄندا ئي رھندا... ھاڻي تہ ٻارن کي ٻنڌڻ ۾ ئي دودي، دولھه ۽ ھوشو ھيمون جا قصا ٻڌائي وڏو ڪرڻ جي گھرج آھه يار ... !"

زاھد وراڻيو، "ڇڏ نعيم يار مايوسي واريون خبرون ڪرڻ... جذباتي نہ ٿي ..."

نعيم وراڻيو، "يار مان جذباتي ناھيان...ڏس تون بہ سنڌن پار...ھوش عقل جي ڳالھه آھه، ھڪ ماڻھو اتفاقي طور تي ڪنٽرول مان نڪري ويو آھه تہ ڪيس سوگھو ڪن ...!"

ساگر وراڻيو، "ڪيئن سوگھو ٿيندو ...؟ ھن ۾ تہ جوش ۽ طاقت..."

"ڏوڙ جي طاقت!" نعيم ساگر جي ڳالھه ڪٽيندي وراڻيو، "ٻڌو نہ ھيئي ... چيائون پئي تہ چتي جي پويان ماڻھو لنيون ۽ ڪھاڙيون ڪنيو اچن... مطلب تہ ھو لنين ۽ ڪھاڙين جي ٿھاءُ تي پڳو آھه...ھاڻي ٿورو ڳالھه تي غور تہ ڪريو...جي جيءَ جي نہ ھجيس ھا تہ پڇي ڪيئن ... ؟ ھو مسڪين تہ ساھه بچائڻ جي لاءِ منھن واھه ڪري پڳو آھه.... ٻڌايو ھاڻي تہ چتو ڪير...؟ ھِي يا ھُو!!"

ساگر پنھنجي ڳالھه جي دفاع ۾ چيو، "اڙي مٺي جا سور، جڏھن ڪو چتو ٿيندو آھه تڏھن ھن جو جيڏانھن ڪنڌ ھوندو آھه تيڏانھن پنڌ ...! مطلب تہ نڪ جي سڌائي ھن جي لاءِ قطب مينار ھوندو آھه ... بس ڳِگون ڳاڙيندو پاڻ کي پٽيندو پڄندو ايندو آھه ... ھو بہ اھڙي رُخ ۾ پيو اچي...!"

ساگر جي اھا ڳالھه نعيم کي قائل ڪري نہ سگھي، چپ رھڻ کي بھتر سمجھيائين. زاھد وراڻيو، "ھا يار صحيح پيو چوين پر ھڪڙي ماڻھو جي ڪري سڄو شھر حراسجي ويو آھه، گڏجي ڪجھه ڪري پئي سگھيا ... !"

نعيم ٻيھر وراڻيو، "پتو ناھي ڪھڙي ھوا گھلي آھه جو ڪنھن بہ مشن تي گڏجڻ خواب ٿي ويو آھه... ھڪڙا وحشت ۾ تہ ٻيا دھشت ۾ ...! ٽيان وري پاڻ جي ھمراھن وانگر. ... وجود جي بچاءُ جي خوف ۾... بس انفراديت ئي انفراديت... .!"

زاھد وراڻيو، "ھا نعيم! واقعي ھي وقت مڙي مُٺ ٽيڻ جو آھه... ھميشہ اجتماعي ويڙھه ئي جابرن جا حوصلا پست ڪندي آھي.... سين کي انفراديت جو جمود ٽوڙي اجتماعي جاکوڙ ڪرڻ گھرجي ....!"

ساگر وراڻيو، "يار ھلو دير پئي ٿيئي ... لفظن جي مينھن سان چمن سائو ڪونہ ٿيندو... مالھي ٿيڻو پوندو.... مالھي...!!"

ساگر بل ادا ڪيو، ٻيهر شهر وٽي گهرن ڏانهن موٽڻ لڳا، شهر ۾ پهرين ڪان بہ وڏيڪ سُڃ ٿي ويئي هئي. شهر ڇڏي ٻُلي ۾ آيا تہ نعيم کي ڪال آئي، اٽينڊ ڪيائين، ”جي جي... مان نعيم! ... جي ها جمن ... ڇا ٿيو هن کي.... او نو. ... ويري سيڊ!!“

نعيم جي چهري جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو. سندس اکين مان ڏک جهاتيون پائي ٻاهر نڪرڻ لڳو. هُو تجسس ۾ پئجي ويا، پر اصل ڳالهہ جو پتو نہ هين، تنهن ڪري ڪا بہ اڳرائي نہ ڪيائون. نعيم ڪال آف ڪري هيانو ڏاريندڙ لهجي ۾ وراڻيو، ”يار.... يار جُمن کي بہ چِتي ڏاڙهي وڌو!!“ هنن کي خوف ورائي ويو، ساگر پڇيو، ”يار جمن ڪهڙو؟“

نعيم جواب ڏنو، ”يار هُو جا آهہ ماسي جينو ... جيڪا اسان جي گهر پورهيو ڪندي آهہ.... تنهن جو اڪيلو پُٽ جمن...! ڪٿيءَ لهڻ ڪان پوءِ ماسي سندس هٿن تي ميندي رکڻ جي سنبت پئي ڪئي ... تنهن کي .... تنهن کي!!“

هنن کي حيرت ٿي، پڇيائون، ”پر يار ماسي جينو جو پُٽ جمن تہ ڪراچي ۾ ڪاٽن فيڪٽري ۾ ڪم ڪندو آهہ... !“

نعيم وراڻيو، ”ها يار جمن کي ڪراچي ۾ ئي چِتي ڏاڙهيو آهي...پتو تہ هوندئي تہ هتي ٽارگيٽ ڪلنگ يعني چِتِڻ جا چؤ وايا لڳندا رهندا آهن... جڏهن اهڙيون هوائون گهلنديون آهن تڏهن اڪثر جانورن ۾ چِتِڻ جو واسراءَ پکڙبو آهہ ۽ پوءِ اهي چِتا ٿي انسانن تيُ لري پوندا آهن ...! اڄ ڪلهہ اهڙا واءَ هر وقت هتي لڳن ٿا...۽ روئڻ اهو آهہ تہ هتي اهو واسراءَ جانورن بدران...!“ نعيم چپ ٿي ويو.

جمن جي قتل جي آگاهي جڏهن ماسي جينو کي ملي تہ هُو هوش و حواس وڃائي ويٺي! پيريءَ جو سهارو ڇڄڻ تي مت ئي ڇڏائجي ويس. هن جيڪا دانهن ڪئي هئي، تنهن تي قدرت بہ آهون پريون هونديون. زاروزار روئي پٿون پاراتا ڏيڻ لڳي. هونئن بہ اپرو ماڻهو ان ڪان وڌ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿو سگهي ...! سندس اجڙيل جهولي جو حساب ڪير ڏيندو ...؟ هونئن بہ مسڪين جي ٻار جو قتل سندس نراڙ جي لڪيي جو ليڪ ئي پانئبو آهي ...! هي تہ وري بہ ڪراچي جي ڳلي ۾ ڪلور ٿيو هو، سو تنهن جي ڪل ڪنهن کي؟ مورڙو تہ ناهي رهيو مياڻ ۾ ... جو پنهنجا پائر مانگر جي وات مان ورائي ...! ٻئي ڏينهن مٽي ويئي مٽي سان ملي. ماسي جون اميدون ۽ خواب سندس وانگي بيواهہ ٿي ويا.

هُو قبرستان ۾ هئا، تدفين ٿي ويئي هئي تہ ڪانڏين مان هڪ کي ڪال آئي، ”چِتي کي پوليس پڪڙي ٺاڻي تي ڪٺي آئي آهہ!“

اهو ٻڌي ماڻهن ۾ جڻ دليري ۽ خوشي موٽي آئي. سڀني ٺاڻي ڏانهن رخ ڪيو. هي بہ قبرستان ڇڏي ٺاڻي ڏانهن وريا.

نعيم هلندي هلندي افسوس وچان وراڻيو، ”مون کي ته اهو ارمان آهي ته ماسي جو ڇا ٿيندو ...!؟ يار! هن جي حالت ڏسي مون کي ته خوف پيو ٿئي ته ڪٿي هُو دماغي توازن نه وڃائي ويهي! هن سان وڏو ويل ٿي ويو آهي يار!“

ساگر ٿڌو ساهه ڀريندي ڳالهه اڳتي وڌائي، ”ها يار! ڏاڍو ڏکيو آهي ... جوان پُٽ جي وڇوڙي جا سور سهڻ ...! قاتلن جي ڪنن تي جونءِ ئي نٿي سُري! گهرن جا گهر ٽارگيٽ ڪري ماريا اٿن! بس ڇتا ٿا ٿي پون ته روڄن تي نڪري ٿا اچن ...! پوءِ ... !!“

ساگر ڳالهائيندي ڳالهائيندي چپ ٿي ويو، ڄڻ سندس لفظ ئي کٽي ويا!

زاهد وراڻيو، ”ڇڏ نادان اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ ...! ڪٿ جمن جيان تون به ڏاڙهجي نه وڃين!“

نعيم وراڻيو، ”بچيل ڪهڙا آهيون...؟اسان جا سينا، خوشيون، مرڪون، احساس، جذبا سڀ ڪجهه ته ڏاڙهجي چڪا آهن ...! بس جند ئي بچي آهي، سورن سهڻ جي لاءِ ...! ساگر تون هڪڙي ڳالهه ته ٻڌاءِ هوشيار آهين.“

ساگر پريشان ٿي ويو، اندازو هئس ته نعيم جو سوال رواجي نه هوندو، دل جهلي چيائين، ” جي جي ..... پُڇ نعيم!“

نعيم وراڻيو، ”يار ڪتا ڇتا ٿين ته فائر ڪرڻ انسان جي وس جي ڳالهه آهه ... پر هي جيڪي ماڻهو ڇتا ٿي روڄن تي اچي ماڻهن کي ڏاڙهين ٿا ... تن کي ڇا؟“

ساگر وراڻيو، ”ته پوءِ قانون ڇا کي چئبو آهه؟ ٿاڻا ڪورٽون ئي ته آهن انهن ڏوهارين لاءِ!“

نعيم جي چهري تي طنزيه مرڪ تري آئي، ”هون! ... مون کي پڪ هئي ته منهنجي انهي سوال جو تون اهو روايتي ئي جواب ڏيندين ...! اهڙا ڪيترائي سوال آهن، جن جو جواب ڏيڻ کان پهرين چپن تي چُپ جي مهر لڳي ويندي آهي ...! ۽ انهي چُپ ئي سڄي سماج کي گونگو ڪري ڇڏيو آهي ...! اسان جي خاموشي ئي ماڻهن کي سمهڻ جي سُتي ڏني آهي...! پنهنجي آئيندي جو جيڪڏهن ذرو به الڪو اٿئو ته پوءِ اهو روايتي جمود ٽوڙيو پليز ...! سوالن جا اصلي جواب ڏيڻ جي جرئت ڪريو! ... دودي جا وارث آهيو ته انهي جو ڀرم به رکو ...! ٻاڙي نه ٿيو ...! اوهان جي انهي مات جي ئي ڪري دشمن اسان کي ڪمزور ۽ ڳيدي سمجهي بار بار ڪڪيو آهي!“

نعيم جڻ پنهنجن لفظن سان ساگر کي ڏنگي ٿو، جڻ هر ڳالهه جو ذميوار رڳو ساگر ئي هجي!

ساگر وراڻيو، ”سوري يار...! جي ويساهه ڪرين ته ضمير جي جهنجهوڙ منهنجي تن من ۾ آهه، پر يار مسڪين ماڻهو آهيون، نه چاهيندي به ڊڄون ٿا!“

هُو ڳالهائيندي ڳالهائيندي ٽاڻي تي پهچي ويا! ماڻهن جا اتي انبوهه لڳا پيا هئا. وڏا وڏا ٿهڪ ۽ تبصرا روان دوان هئا. ڄڻ ڪا فتح ٿي هُين. هُو ٽاڻي اندر داخل ٿيا ته اتي هڪ همراهه بيحال وينو هو. لٿا ليڙون ليڙون، وارن ۾ مٽي، چهري، ٽنگن ۽

چاتي تي زخم ۽ رت هئس. گهٻراهٽ ۾ غرق هو. چڻ سڄي شهر جو خوف هن جي اندر هو! حالت مان چريو پئي محسوس ٿيو. هنن هڪ سپاهي کان تفصيل ورتو ته ڪين پتو پيو ته هُو دماغي مريض آهي. دماغ تي چرپائپ جو دورو چڙهيس ته هڪ اڌ ماڻهو سان اٽڪيو ته هراس ڦهلجي ويو. ائين ئي هي ماڻهن جي خوف کان ۽ ماڻهو هن جي خوف کان پڄي رهيا هئا. هي ٿاڻي مان ٻاهر آيا. نعيم اچرج ۾ پوندي وراڻيو، "هي اهو ئي ٿيو نه؟.... !"

هنن پڇيو، "ڇا ٿيو ....؟؟"

نعيم جذباتي ٿيندي وراڻيو، "اسان هميشه اصل خطرن کان بي نياز ٿي پنهنجي اندر جي گيدي جي چڪر ۾ اچي پاڻ کان هيٺن تي ُلرون ڪندا آهيون.... جيڪي معاشري ۾ اصل چتا هوندا آهن، تن سان اڪيون اکين ۾ ملائي ڳالهائڻ جي جرئت به نه ڪندا آهيون ...! تيستائين، جيستائين هُو تڏو ئي تيل ڪري هليا ويندا آهن ...! اسان هميشه مرڻ تي روئڻ ئي سکيو آهه، پر مارڻ واري جي ڳچي ۾ ڳٽ وجهڻ جي همت نه ڪئي آهه ...! باقي ههڙا ابوجهه ماڻهو، جيڪي اسان جي روين جو شڪار ٿي بيوس ٿي وڃن ٿا، تن مان پنهنجي مڙسي جون سڀ ڪسرون ڪڍندا آهيون.... اجان به ... ها اجان به ُمنجهندا رهياسين ته اصل چتا هڪ ڏينهن هڪ هڪ ڪري اسان سين ڪي ڏاڙهي ڇڏيندا ... اسان جي وجود ۾ زهر پرچي ويندو ۽ اسان سڀ چتا ٿي ويندا سين ... چتا!!!"

نعيم جون اکيون ڳاڙهيون ٿي وڃن ٿيون، سندس لوڻن مان نڪاءُ نڪرن ٿا، متو چڪرائجيس ٿو. اکين مان ُلڙڪ وهي ٿا پونس! هُو ٿاڻي جي ٻاهران فوٽ پاٿ تي ڪنڌ لاڙي ويهي ٿو رهي!

ساگر ۽ زاهد جي اکين ۾ به ڳوڙها تري ٿا اچن! ساگر نعيم جي ڪلهي تي هٿ رکي ڏک ۽ جذبات مان وراڻيو، "ها نعيم! تو صحيح چيو ...! هن ته ابوجهه کي اسان جي چتپڻ ڏاڙهيو آهه پر اصل چتو ته اهو هيو، جنهن جمن کي ڏاڙهيو ...! پتو ناهي يار.... اجا به ڪيترين ماسي جينو جهڙين مسڪين ۽ بيواهين جي اميدن کي ُهو ڪفن اوڍائيندا....!؟"

هنن جي اکڙين مان بيوسي جا ڳوڙها وڏيڪ وهن ٿا. سندن من ۾ پيڙائن جا ڪورا دکن ٿا ...! من اندر ۾ مزاحمت ۽ بيوسي جي سوچن جي ٻاهه ۾ ڇڻ پڇڻ لڳن ٿا ... !!

# پاڳ اياڳ

آفيس مان فارغ ٿي گهر ڏانهن موٽي رهيو هئس، اجا رستي ۾ هئس ته پويان سڏ ٿيو. آواز ٻڌل ٿي محسوس ٿيو، جيئن ئي پويان مڙي ڏٺم ته اچرج وچان ڪن ئي ڪڙا ٿي ويا. ڇاڪاڻ ته هوءَ زيب هئي، جنهن منهنجي پيار کي ٺُڪرائي ڇڏيو هو. هوءَ ڏيئي هڪ اجنبي جو گهر وسايو هو. هن جو نالو زيبو هو، پر مان کيس زيب چوڻ پسند ڪندو هئس. زيب سان منهنجو مڱڻو به ٿيل هو، اسان گڏجي نرسنگ ڪورس به ڪيو هو. پر تنهن هوندي به هن محبوب سان پيار جو پيچ پاتو هو. مون هن کي پنهنجي زندگي کان به وڌ چاهيو هو. هن جي تصوير هر وقت منهنجي تصور ۾ هوندي هئي. پر هن کي شايد منهنجي اکين ۾ پنهنجي پيار جا اهي عڪس نظر نه آيا. ڇاڪاڻ جو هُن شارٽ ڪٽ برگر بواءِ محبوب سان پيار جو پيچ اڙايو هو: محبوب به اسان سان گڏ هاسپٽل ۾ نرسينگ جي سکيا وٺندو هو: ڪا به چوڪري ڦاسائي کيس پرپوز ڪرڻ، هُن جي ڏائي هٿ جي راند هئي! سندس گهر وارن جي سخت مخالفت جي باوجود به هوءَ محبوب کان دامن ڇڏائي نه سگهي هئي. هونئن به دل ۾ ويڙهل ڪي دل مان ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪرڻ به ڏکيو هوندو آهي. هن جي مائٽن مون کي به چيو هو ته تون زبردستي هن تي دٻاءُ وجهي به ساڻس نڪاح ڪر، پر مون ائين ڪرڻ نٿي چاهيو. مون کين جواب ڏيئي ڇڏيو. منهنجي ذهن تي انهي ڳالهه به دستڪ ڏني ته اهڙي چوڪري، جيڪا چاهيندي ڪنهن ٻئي کي هجي، سا منهنجي چاهڻ سان منهنجي نٿي ٿي سگهي. منهنجو هن سان لانئون لهڻ وارو عمل اسان ٻنهي جي لاءِ هاجيڪار ٿي سگهي ٿو. ممڪن آهي ته اڳتي هلي هُو مون کي ڪو نقصان پهچائي يا پاڻ کو انتهائي قدم کڻي وجهي! اهڙيون ئي ڳالهيون سوچي مون هن سان نڪاح جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو. باقي ساڻس ڪيل پيار کي هڪ طرفي محبت سمجهي کيس وسارڻ جون ڪوششون ڪرڻ لڳس.

اجا ٿورو ئي وقت گذريو هو، تيستائين، هوءَ گهر وارن جي اکين ۾ سرمو وجهي محبوب سان فرار ٿي ويئي. ان ڏينهن کان پوءِ سندس مائٽن جي دل ۾ هن جي لاءِ زهر پرجي ويو. هنن ساڻس هر قسم جو لڳ لاڳاپو ختم ڪري ڇڏيو.

ڪافي ڏينهن کان پوءِ اڄ جڏهن مون کي پويان "مشتاق!" چئي سڏ ڪيو ته دل جي عجيب ڪيفيت ٿي ويئي. دل چاهيو ته ساڻس ڳالهائڻ بنا ئي هليو وڃان پر وري سوچيم ته مون زندگي ۾ هن کي چاهيو آهي ... ضروري ته ناهي جنهن کي چاهجي تنهن کي حاصل به ڪجي! اها ته پاڳ اياڳ جي ڳالهه آهي....مون اجان سوچيو ئي پئي ته هوءَ منهنجي پويان ويجهو آئي، هوءَ ڏاڍي دل شڪسته پئي لڳي. سندس چهري تي چانيل مايوسين جي ريکائن مان اهو ٿي محسوس ٿيو ته هوءَ ڪنهن

مصيبت جي ذبڻ ۾ قاتل آهي، ۽ سندس اندر ۾ ڪا باهه ٻري رهي آهي. هن ٻيهر ڳالهائي خاموشيءَ جو بند ٽوڙيو، ”مشتاق...!

هن جي ڳالهائڻ سان منهنجي جسم جا وار ايا تي ويا. هوءَ مون آڏو بيهي مون ۾ گهورڻ لڳي. آئون بہ نماڻائي سان هن سان نيڻ ملائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. هن وري وراڻيو، ”چو مشتاق ... مون سان بہ اڪر ڳالهائڻ پسند نہ ڪندين چا ... ؟ نيڪ آهي، شايد آئون ان جي لائق نہ رهي آهيان ...!“ هوءَ وڃڻ لڳي. ڪجهه فاصلو اڳيان ويئي تيسين مون دل تي پٿر رکي هن کي سڏ ڪيو، ”زيب ... !“

هُو بيهي رهي، مون وٽس ويجهو وڃي حال احوال ورتو، ”چو زيب ... تون هتي ائين اڪيلي... تو سان هُو تنهنجو...!“ زيب منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، ”چا ڪيان مشتاق...! مون جنهن تي ڀروسو ڪيو ... پنهنجا رشتا ناتا نڪرائي ڇڏيم، اڄ انهي محبوب منهنجي اعتماد جو خون ڪري ڇڏيو ... هن مون کي ... !“ هن ڪان وڌيڪ ڳالهايو نہ ٿيو. اڪيون لڙڪن سان ڀرجي ويس، مون ڪيس آٿت ڏيندي چيو، ”زيب. ... تون اڄ تہ گهر هلون ... ! هتي چوواٽي تي بيهڻ نيڪ ناهي ... ممڪن آهي تہ ڀاڻ لاءِ ڪو تماشو جڙي پوي ...! اچ شاٻس...!“

هن گهٻراهٽ وچان وراڻيو، ”مشتاق، منهنجو توسان گهر هلڻ نيڪ ناهي... مون تہ اڳ ئي پنهنجي ناداني جي ڪري ورڻ جون سڀ واهون ختم ڪري ڇڏيون آهن... منهنجي گهر هلڻ سان ممڪن آهي تنهنجي لاءِ ڪو ڏچو ڪڙو ٿي پوي...!!“

مون زيب تي زور ڀريندي وراڻيو، ”تون هل زيب...الله مدد ڪندو ... جيڪو ٿيندو تنهن کي پُڇي پونداسين ... هل ... .!“

زيب کي پنهنجي گهر وٺي آيس. هن تي جيئن ئي گهر وارن جي نظر پئي تہ مچرجي پيا! تعجب ۽ ڪاوڙ جا گڏيل تاثر ڇڏي رهيا هئا. مون اجان ڪجهه بہ نہ وراڻيو، تيسين بابا ڪاوڙ وچان اڳتي وڌي وراڻيو، ”چورا ... هي ڪهڙي ٻاراڻي آهي... هن شامت کي ڀاڻ سان گڏ وٺي آيو آهين! جنهن جي غليظ حرڪت جي ڪري اسان ڪنڌ مٿي ڪٽي هلڻ جي لائق بہ نہ رهيا آهيون ...! هن ڇوريءَ اسان کي بڇڙو ڪيو .... خوار ڪيو... تنهن کي وٺي آيو آهين هتي ... هن ئي ڪم ظرف ڇوري جي ڪري اسان جا سالن جا رشتا ... !“

مون بابا کي ماٺ ڪرائڻ جي لاءِ منٿون ڪندي ڪيس سمجهائيندي چيو، ”نہ بابا ... نہ ..! اوهان تہ گهٽ ۾ گهٽ ائين نہ چئو ...! زيب جيڪو ڪيو، اهو هن جي لکيي جو ليک هو...هي تہ عورت هئي، پر اهڙن معاملن ۾ تہ چڱن ڀلن جا پير ڇڏائجي ويندا آهن ... هاڻي هن کي احساس ٿيو آهي ... هي پنهنجي غلطي تي پشيمان آهي ... !!“

امان جذبات ۾ وراڻيو، ”غلطي تي پشيمان آهي ... اڙي ڇورا اڇي قسمت هٿ ڪيا اٿئي ... هن ڏائڻ کي تہ گهٽو ڏئي مارڻ گهرجي! ڪني آڱر وڍي پلي ...! هن کي هتان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪر... نہ تہ ڳاٽو پيچي ڇڏيندي سانس!“

”زيب منهنجي مڱ هئي، ...هن جيڪو ڪجهہ ڪيو، تنهن ۾ منهنجي قصوروار آهي...آئون ڪيس پنهنجو ڏوهہ بخش ڪيان ٿو...اڄ هن تي ڏکيو وقت آهي...!“ مون چيو.

بابا جذباتي ٿيندي وراڻيو، ”ڏکيو وقت آهي.... !! پلي لوڙي .... هن پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪهاڙو هنيو آهي!! تنهن ۾ پاڻ جو ڇا وڃي!؟ ... پل خبر پويس تہ گهران نڪري وڃڻ واري ڇوڪري جو ڇا حشر ٿيندو آهي!!“

زيب مسلسل بابا ۽ امان پاران ملندڙ طعنن سبب ذهني اذيت سهي رهي هئي. هوءَ ويچاري ويچاري پئي لڳي. هن جي مايوسي ۽ نراسائي مون کان برداشت نہ پئي ٿي. مون آخر مزاحمت ڪندي وراڻيو، ”امان هاڻي خدا جي واسطي زبان جا تير هڻڻ بند بہ ڪيو...زيبو خراب هئي يا آهي...اوهان ڇا بہ سمجهو ...! پر هي مون لاءِ پوتر آهي. ...اوهان کان جيڪڏهن هي برداشت نٿي ٿئي تہ پوءِ مان هن کي هتان وٺي ٿو وڃان ... اچ زيب!“ مون زيب کي ٻانهن مان جهلي اڳيان وک وڌائي تہ پويان بابا مون کي سڏي وڏي واڪ چوڻ لڳو تہ، ”ءِ ٻڌ مشتاق ...! . تو جيڪڏهن هن ڇوري جي لاءِ گهر ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو آهي تہ.... پوءِ منهنجو فيصلو بہ ٻڌي ڇڏ ... .! اڄ کان پوءِ تنهنجو بہ اسان سان ڪو بہ ناتو نہ رهندو ...! . پنهنجي وچ ۾ جيئري مئي جا بند هوندا!!“

مون نرم ٿيندي ڌيرج مان وراڻيو، ”بابا توهان اجايا جذباتي پيا ٿيو. ... دل ۾ نفرت جو ٻج پوکڻ بند بہ ڪيو ... انهن نفرتن اسان جي وجود کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي ...! اڄ آئون جيڪو ڪجهہ ڪري رهيو آهيان سو حوس جو نتيجو ناهي ...! ڪنهن جي زندگي جي ٻيڙي کي ٻڏڻ کان بچائي ڪناري لڳائڻ جي ڪوشش ٿو ڪيان ...! اهو منهنجو فيصلو جذباتي نہ پر سوچيل سمجهيل آهي ... باقي رشتا ناتا ٽٽڻ جا نہ هوندا آهن ... مان رشتن جي ڪچي ڌاڳن هئڻ واري فلسفي کي نٿو مڃان!“

آئون زيبو کي پاڻ سان گڏ وٺي شهر آيس. شهر اسان جي ڳوٺ کان اٺ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. شهر ۾ اسان جا ويجها مائٽ رهن ٿا. اتي ڪيس وٺي آيس. انهن کي سچي حقيقت کان آگاهہ ڪري وٽن ڪجهہ ڏينهن رهڻ جي لاءِ ڪين آماده ڪيم. هنن اسان کي هڪ ڪمرو خالي ڪري ڏنو. مون زيبو کي چيو، ”زيب، هتي بي فڪر ٿي رهہ! جيسين آئون ڪنهن ٻئي هنڌ انتظام ڪيان. ”

زيب وراڻيو، ”پر مشتاق توکي منهنجي ڪري پنهنجي مائٽن سان اهڙو ورتاءُ نہ ڪرڻ گهرجي ها ...! منهنجي خاطر تو پنهنجي رت جي رشتن کي ... ؟!“ زيب جي

انهي ڳالهه مون کي پنهنجي دل جي ڳالهه ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. مون ٽٽو ساهه کڻندي وراڻيو، ”ڪاش زيب ...! اسان جيڪو ڪجهه چئون ٿا، ان تي پاڻ به پورو لهڻ جي ڪوشش ڪيون ...! الائي چو اسان قول ۽ فعل ۾ تضاد کان بچي نٿا سگهون!“
هن کي منهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، هن پڇيو، ”اهو تون ڇا پيو چوين مشتاق! مون کي تنهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي!“
مون وراڻيو، ”اهو ئي ته مسئلو آهي اسان سان...جو اسان کي پنهنجي ڳالهه سمجهڻ ۾ به وقت لڳندو آهي ... زيب تو ائين ٿي چيو نه ته مان تنهنجي ڪري پنهنجا مائٽ ۽ عزيز نه ڇڏيان ها!“
هن هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو، ”جي جي ....!“
”ته پوءِ ڇا تو به اها ڳالهه سوچي هئي ...!؟ جڏهن تو محبوب جي ڪري سيني رشتن ناتن کي ٺڪرائي هن جو دامن پڪڙيو هو ...! “
هُوءَ پنهنجي ئي ڳالهه ۾ پاڻ پڪڙجي پئي. وٽس لفظ ئي کٽي ويا... حوصلو هاري ويني، سندس اکڙين مان لڙڪن جو مينهن وسڻ لڳو.
مون کيس دلاسو ڏيندي چيو، ”اڙي چري تون روئي وينينءَ ...! نه روءِ ... زيب تون يقين ڪر...انهي ڳالهه جي ورجاءُ ڪرڻ جو مقصد تنهنجي دل آزاري ڪرڻ نه هو...! بلڪِ توکي ٿورو احساس ... !“
هن کي هتي رهڻ دوران هفتو گذري ويو. ان دوران منهنجي دل تان اهي سيئي نفرتون ڌوپجي ويون ... جيڪي فطري طور هن جي محبوب سان فرار ٿي وڃڻ سبب منهنجي دل ۾ پيدا ٿي پيون هيون. هي وري مون لاءِ اها ئي زيب ٿي وئي، جيڪا ڪالهه هئي. منهنجي نيڻن ۾ بيهر هن جي پيار جا خواب لهڻ شروع ٿين ٿا. مون تي وري چاهتن جا سلسلا مهربان ٿي پون ٿا. آئون هن جي ويجهو ٿيڻ جون ڪوششون ڪيان ٿو، پر هوءَ بهانا بنائي مون کان پري رهڻ جا جتن ڪري ٿي. مون محسوس ڪيو ته هُوءَ گهر ۾ وڃايل وڃايل رهندي هئي. سندس پريشاني جو سبب شايد محبوب هو، جنهن کيس تازو دربدر ڪري رسوائين جي پاتال پيڙو ڪري ڇڏيو هو، سندس ڪارڻ ئي هي مشڪلاتن جي ڌٻڻ ۾ ڦاسي پيئي هئي. مون پنهنجي پاران پوري ڪوشش ڪئي ته هُوءَ خوش رهي، پنهنجو ماضي وساري منهنجو دامن پڪڙي ته جيئن منهنجي ساٻيان ڪان رهجي ويل سپني کي تڪميل ملي، پر نه ڄاڻ ڇو هُوءَ مون کان پري رهڻ جون ڪوششون ڪندي رهندي هئي. مون محسوس ڪيو ته پاڻ کي مون وٽ امانت ڀانئي ٿي.
اڄ مون پڪو پهه ڪيو ته مان هن سان دل جي ڳالهه ڪندس ته مان ساٽس شادي ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو. خدشن جي باوجود به مون کي يقين هو ته هو مون کي هاڪاري موٽ ڏيندي، ڇاڪاڻ ته گهران نڪري ويل عورت جو آخري ڏڍ سندس ور ئي

هوندو آهي، پر جيڪڏهن اهو به ان عورت جي لاءِ چپر ڇانو نه رهي ته پوءِ اها عورت دنيا جي سفر ۾ اڪيلي ۽ بي سهاري ٿي پوندي آهي. اهو ته وري به زيب جو نصيب ڀلو هو جو ڪيس مون جهڙي مجنون جي عاشقي عطا ٿي هئي. گهر آيس ته هوءَ ڪٽ تي وينل هئي. شايد سوچن ۾ هئي، مون کي اوچتو ڏسي ڇرڪ ڀري اٿي. مون ڪيس ويهڻ جي لاءِ چيو، سندس چهري تي مايوسي ۽ نراسائي جون ريکائون جهاتيون پائي رهيون هيون. مون وٽانئس سبب معلوم ڪرڻ لاءِ پڇيو، ”زيب.. . .! اڄ تون تمام گهڻي پشيمان پئي لڳين.... هن اداسي جو ڪارڻ؟؟!“

هن نه چاهيندي به چهري تي مرڪ سجائيندي وراڻيو، ”نه مشتاق، اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي... بس ائين ئي مڙيئي اڪيلي اڪيلي ويني هيس. ...!“

مون ڪجهه دير ماٺ رهي ماحول ناهي وراڻيو، ”زيب مون هڪ فيصلو ڪيو آهي...!“

”ڇا جو فيصلو...؟“ زيب گهبرائيندي وراڻيو، ”خير ته آهي مشتاق؟“

”ها ها خير آهي، اهڙي ڪا ڳالهه ناهي زيب ... .!“

”ته پوءِ...؟“

ڪجهه ترسي چيم، ”بس هڪڙي ڳالهه، جيڪا امنگ بڻجي دل جي ويران رڻ تي آبادي جا آثار ۽ امڪان ڏيڻ لڳي آهي... بس هڪڙو سپنو ... “ مان رڪجي ويس.

”تون ڳجهارتن ڪان هٽي ڳالهه ڪر مشتاق،“ زيب تجسس مان وراڻيو، ”کولي ڳالهه ٻڌاءِ.“

”زيب... !!“

”ها ها چئو ... نيڪ آهي تون جيڪڏهن نٿو ٻڌائي سگهين ته پوءِ ڀهريان منهنجو فيصلو ... !“

مون کي پڪ ٿي ويئي ته زيب منهنجي ڳالهه سمجهي ويئي، شايد هن کي منهنجي اکين ۾ پنهنجي پيار جا ڏيئا ٻرندي نظر اچي ويا. منهنجي دل بيقرار ٿي وئي. مان خوشي وچان اڏڻ لڳس.

مون هن کي چيو، ”ها... ها ... زيب ٻڌاءِ... مون کي خوشي ٿيندي.“

زيب وراڻيو، ”مشتاق، مان محبوب ڏي واپس وڃڻ ٿي چاهيان!. . .!“ اهو ٻڌي مون کي عجب لڳو. منهنجي خوشي اڏامي ويئي، مان ڪجهه ڳالهائي ئي نه سگهيس، زيب وراڻيو، ”هن کان دور رهي اڄ مون کي اهو احساس ٿيو آهي ته جنهن ڳالهه تان اسان جي وچ ۾ تڪرار پيدا ٿيو هو، تنهن ۾ محبوب جو نه پر منهنجو ئي قصور هو. مون کي پنهنجي جذباتي فيصلي تي اڄ ڏاڍو پڇتاءُ ٿي رهيو آهي. مون کي ننڍڙي غلطفهمي کي سبب بنائي هن کي ڇڏي اچڻ نه گهرجي ها!“ هن چيو، ”مشتاق، آئون محبوب ڏي واپس ٿي وڃان، مان هن کي منٿون ڪري مڃائي وٺنديس ... مون کي پنهنجي پيار تي پورو ڀروسو آهي ته هو مون سان پرچي پوندو ۽ اسان جو جهان

اجڙڻ کان بچي پوندو...! مشتاق تنهنجي وڏي مهرباني جو تو منهنجو ساٿ ڏنو، اهو مون تي تنهنجو سدا احسان رهندو ... مان وڃان ٿي مشتاق ...!“

هن جي اها ڳالهه مون تي قيامت برپا ڪرڻ لڳي، منهنجي محبت جو بتيلو ڍهڻ لڳو. جڻ ڏينهن جا تارا ڏسڻ لڳس. زبان ڪجهه به ڪچڻ کان نابري واري ڇڏي هئي. هوءَ منهنجي اکين جي آڏو وڃي رهي هئي، پر آئون چاهيندي به روڪي نه پئي سگهيس. هن جو بيهر مون کي ائين ڇڏي وڃڻ وارو عمل به منهنجي اندر بغاوت جي باهه پڙڪائڻ لڳو. هن جي واپسي واري قدم مون کي جهوري چور ڪري ڇڏيو. وري به ذهن دل تي ضبط جون ڪوششون ڪرڻ لڳو. منهنجي دل ۾ انهي احساس جنم وٺڻ شروع ڪيو ته شايد زيب منهنجو نصيب ئي نه هئي. مون جيڪو ڪجهه به هن جي حاصلات جي لاءِ سوچيو هو سو فقط دل جا جذبات هئا. اها چاهت جي چريائپ ئي هئي جنهن مون کي خيالي پلاءُ پچائڻ تي مجبور ڪيو هو.

سڀ ڳالهيون درگذر ڪري مان گهر موٽي آيس. پنهنجي مائٽن کان معافي وٺي کين پرچائي ورتم. سندن ئي مرضي جو احترام ڪندي شادي ڪري ڇڏيم. وقت گذرڻ سان گڏ زندگي ۾ پڻ ڪافي تبديليون اينديون رهيون. ڪافي ڏينهن کان پوءِ مان ۽ منهنجي گهر واري پڪنڪ تي ڪلفٽن گهمڻ آياسين. سي ويو تي گهمندي گهمندي منهنجي نظر اوچتو محبوب تي پيئي. ساڻس گڏ هڪڙي خوبصورت ناري هئي. ٻئي هڪٻئي ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺي رهيا هئا. آئون حيرت ۾ اچي ويس، چاڪاڻ ته محبوب سان گڏ ته زيب کي هئڻ کپندو هو. سندس جاءِ تي ٻي ڇوڪري کي ڏٺم ته دل ۾ هزار گمان جنم وٺڻ لڳا. زيب ته ان ڏينهن محبوب ڏي ئي ورڻ جي ڳالهه ڪئي هئي، پوءِ هي ٻي ڇوڪري....!!؟ سوچيم ته محبوب کان پڇڻ گهرجي. اهڙو خيال دل ۾ رکي پنهنجي گهر واري کي هڪ پاسي بيهاري هنن ڏانهن وڃڻ لڳس. هو مون کان ڪجهه فاصلي تي هئا. مون محبوب کي سڏ ڪيو، ”محبوب ... محبوب!“ پر هو منهنجي سڏ ٻڌڻ جي باوجود به رڪيو ئي ڪونه ۽ هليو ويو. پڪ ٿيم ته زيب ان ڏينهن مون سان ڊرامو رچائي ڪنهن ٻئي پار هلي ويئي هوندي! هن کان اها ڳالهه ڏني ڪانه ٿي ٿي ته مان سندس جي ڪري پنهنجي مائٽن کان جدا ٿيان. هن جو قد منهنجي نظرن ۾ اوچو ٿيڻ لڳو. اچانڪ هن جي لاءِ دل ۾ احترام جا گلاب ٽڙڻ لڳا. مان هن جي تلاش جي جستجو ۾ لڳي ويس، پر هوءَ مون کي ڪٿي نه نظر نه آئي. نه ڄاڻ ڪهڙو پار وسائڻ لڳي هئي. مون هن کي ڪافي وقت تلاش ڪيو، نيٺ همت هاري وينس. ڪجهه عرصي کان پوءِ مان شهر جي هڪ ميٽرنٽي هوم ۾ موجود هئس، منهنجي گهر واري اميد سان هئي، سا اتي داخل هئي. مان ليبر وارڊ جي گيٽ تي پريشان حال وينو هئس، تيستائين مون کي پويان سڏ ٿيو، ”هيلو پليز...اوهان کي مبارڪ ... “

اهو ٻڌي مون ڇهري جو رخ هن ڏانهن موڙيو تہ هوءَ ڪجھ چوڻ کان رڪجي ويئي. مون وراڻيو، ”زيب تون!!!!“

”ها مان مشتاق ... توکي مبارڪ هجي ...! رب توهان کي چنڊ جهڙو پٽ عطا ڪيو آهي!“

مون کي پنهنجي پٽ جي جنم کان وڌيڪ هن سان ملڻ جي خوشي ٿي. ڪائنس وڌيڪ حال احوال پڇڻ جي لاءِ مخاطب ٿيندي چيومانس، ”پر زيب ... تون هتي!!! تو تہ چيو هو تہ محبوب ڏي واپس ٿي وڃان...پر محبوب تہ. . .!“

ڪجھ پل اڳ هن جي ڇهري تي مون کي مُبارڪون ڏيڻ ويل جيڪا مرڪ ظاهر ٿي هئي سا هڪدم ختم ٿي ويئي. ڇهرو ڦِڪو ٿي ويس ۽ روئڻھارڪي ٿي ليبر روم ۾ هلي وئي.

# اوندهہ

ٻوٽا هميشہ منهنجي دلچسپي جو مرڪز رهيا آهن، سائنسي لحاظ کان انساني حياتيات کي آڪسيجن ڏيئي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪن ٿا، پر منهنجو ان حقيقت سان ڪو بہ تعلق ناهي. بس مون کي هر طرف ساوڪ پسڻ جي آنڌمانڌ رهندي آهي، ساوڪ کي مان پنهنجي نيڻن جو نور سمجهندو آهيان. حقيقت ۾ فطرت جي وڏي حسناڪي وڻن ٽڻن ۽ پکي پکڻن ۾ ئي آهي. جيڪڏهن اهي ڌرتي تي نہ هجن ها تہ منهنجي خيال ۾ هتي هر طرف سڃ ۽ رڃ جو واسو هجي ها! ٻار ننڍپڻ کان گليلن سان پکي مارين، ينيورين ۽ پوپٽن جا پر ڪٽي کين معذور بڻائين، پر مان ننڍي هوندي کان ئي انهن حرڪتن کان پاسو ڪندو رهيو آهيان. مان ننڍي هوندي کان ئي وڻن ٽڻن جي آبياري ڪندو رهيو آهيان. هن وقت جڏهن گهرن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ وڻ نظر اچي ٿو، تنهن وقت بہ منهنجي گهر جي اڱيان پويان مختلف گل ٻوٽا بيٺل آهن. گهاٽن وڻن جي ڪري هوا لڳڻ سان گهر ۾ پنن جا ڍير لڳي ويندا آهن، ڪچري ٻهارڻ وقت ست سُريون ٻڌٽيون پونديون آهن. پر اهو سڀ ڪجهہ آئون هڪ ڪن مان ٻڌي ۽ ٻئي منجهان ڪڍي ڇڏيندو آهيان.

مان مارڪيٽ مان سبزي وٺي گهر اچي رهيو هئس تہ گهر ٻاهران ڪنهن وڻ جي ڪهاڙي سان واڍي جي آواز اچي ڪنن جا تاڪ ڪڙڪايا! اهو آواز ٻڌندي ئي منهنجو پارو مٿي چڙهي آيو. اندازو ٿي ويو تہ پڪ سان گهر وارن جو مارو سريل جي وڻ تي آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن کي هميشہ گهر ۾ انهي وڻ جي هجڻ تي اعتراض رهيو آهي. هنن دل ۾ ان وڻ بابت ڪيترائي وهم سانڍي رکيا آهن، پر جيڪو وڻ جو دشمن، سو تہ ڄڻ منهنجو دشمن! مان ڊوڙي گهر پهتس تہ واقعي رمون سريل جي وڻ کي وڍي رهيو هو. هن ڪجهہ ٿار وڍي بہ ورتا هئا. مون ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿيندي چيو، ”اڙي رمون! ڪتي جا پچ! تنهنجي اها مجال جو تون منهنجي وڻن کي قتل ... لهہ وڻ تان تہ تو جيڏو مان ٿيان!!“

رمون منهنجي للڪار تي خوف ۾ ونجي ويو. هن ڪهاڙي روڪي ڇڏي، تيستائين مون واري سوٽ وراڻيو، ”اڙي رمون، وارو ڪر وڻ وڍ ...! هن نياڳي کي تہ گهر تي ڪانگ ئي ويهارڻا آهن ... ان وڻ جي ڪري ماڻس مئي ... ڪاڪو بہ ويو ... گهر ۾ ڪلفت جو راڄ!!“

اجان سوٽ جي ڳالهہ پوري ئي نٿي تہ ماسي بہ ميدان تي لهي آئي! ”ها ها! هي سڀئي شامتون اسان هن چنڊي جي ڪري ئي پوڳيون ويٺا آهيون!. . ... هن جي آڱوٺي ۾ سور ...! ويل ۾ تہ اسين ويچارا!“

مون کي هنن جي سوچ تي تعجب ٿيو. هنن جي اکين ۾ وهم جو ڪارو پاٽي پرجي چڪو هو، جنهن جي سبب ڪين حقيقت جي روشني نظر نه پئي آئي. مون کين قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”اي ماسي خدا جي واسطي هوش ڪريو! پٽرن جي دور مان نڪرو ...! هي وڻ آهه ڪا بيماري ناهي جو امان ۽ ڪاڪا کي قبرن ڏي گهلي ويو. وڻ ته فطرت دوست هوندا آهن، اهي ته اسان جي فائدي جي لاءِ هوندا آهن ماسي!“

مون واري ڳالهه تي ماما پان واري گرڙي ٻاهر ڦٽي ڪندي ڪاوڙ مان مون کي چوڻ لڳو، ”هي ڪو عام وڻ ناهي! سريل آهي، هي وڻ گهر ۾ لڳائڻ گناهه آهي! هي وڻ رڳو مسجدن ۽ مزارن ۾ ٺيندو آهي! گهر ۾ پوکڻ سان ان ۾ جن ڀوت اچي پناهه وٺندا آهن. پوءِ انهن جو آزار گهر وارن تي!“

ٿوري دير جي لاءِ ته ماما مون کي پاڻ کجيءَ جو جن محسوس ٿيو، پر اڄ آئون به عامل بڻجي جن ڀڄائڻ جا جتن ڪرڻ لڳس، ”ماما پليز! ڇڏيو اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ! وڻ ته انسانن جي لاءِ فطرت جو حسين شاهڪار تحفو آهن! جيڪڏهن گهر ۾ انهن جو لڳائڻ گناهه هجي ها ته پوءِ ته منهنجي خيال ۾ انهن جو سلو ڦٽڻ ڪان اڳ ئي مٽي ۾ سڙي مٽي ٿي وڃي ها! هونئن به دنيا ۾ ڪا به شيءِ فطرت جي ابتڙ پيدا نه ٿيندي آهي! هر شيءِ ۾ قدرت جي حڪمت جو ڪو نه ڪو راز لڪل هوندو آهي، هي به ... .!!“

ماسي منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، ”تون پڙهيو آهين، ڪڙهيو ناهين! ٺلهي پڙهائي تنهنجي مت ئي ڪسي ڇڏي آهي! اسان کي فقط اها خبر آهي ته هي وڻ پاڪ آهي ۽ هي رڳو مسجدن ۽ مزارن ۾ ئي سنو لڳندو آهي، گهر ۾ نه!!“

ماسي جي ڳالهه مون کي مضبوط دليل ڏئي ورتو سو چيم، ”ماسي پاڪ آهي ته پوءِ پاڪ شيءِ کي وڍي جو ٿا پنهنجي قيامت ڪاري ڪريو! بس هاڻي ته جام وڏو ٿي ويو آهي، سڪڻ لڳو آهي، پاڻهي ئي سڙي ويندو، اوهان ڇو ٿا اجايو پاپ ڪٽو!؟“

هو سڀ وائڙا ٿي ويا، ڪين منهنجي سوچ ۾ صدين جو ويڇو پئي لڳو. هو سيئي مون ۾ ائين گهوري گهوري ڏسي رهيا هئا، ڄڻ مان ماڻهو نه پر ڪو روبوٽ يا اجا به ڪا ٻي مخلوق هجان! ماما وراڻيو، ”تو ته ڪافر اسان غريبن کي شامت ۾ وجهي ڇڏيو آهي! بس الله خير ڪري پر ڏسجان تنهنجي پڇاڙي چڱي ڪا نه ٿيندي ...! ٻيو ته نهيو هاڻي ته روز رات جو هن تي چٻرا به اچي ويهن ٿا ...! چٻرن جتي به ٿاڪ ڪيا سي جايون ئي ويران ٿي ويون، تباهه برباد ٿي ويون ... چٻرا ته قبرستانن جي نشاني آهن نياڳا!“

سڀ مون تي ڦوڪجي روانا ٿي ويا. رمون به توبهه توبهه ڪري ڪهاڙي ڪلهي تي ڪري خالي موٽي ويو. مان سريل جا وڍيل ٽار ڏسي اداس ٿي ويس، مون کي ائين لڳو ڄڻ هنن وڻ جون ٽاريون نه پر منهنجيون ٻانهون ڪپيون هجن!

هڪ دفعو ماسي مون کي زبردستي مرشد سائين صالح بابا جي آستاني تي ونئي ويئي هئي. سائين کي چيائينس، ”سائين هن ڇوڪري جو ڪو بلو ڪر، ڪو ڏاڍو ڦيٽو ڪرينس ... ايمان تي اصل ڪٽ چڙهي ويئي اٿس!“

صالح بابا ورندي ۾ وراڻيو، ”هن جي ايمان ۾ نه ڦيرو آهي ئي پر مون کي نه هن جي رت ۾ به شڪ تو لڳي مائي!“

ماسي صالح بابا جي رومال ۾ ويڙهيل گار سمجهي نه سگهي پر منهنجو رت گرم ٿي ويو، پگهر ۾ شل ٿي ويس. ڏاڙهي ۾ اچا ڏسي ڪاوڙ پي ويس نه ته اصل نه مڙان ها! ... بس اهي ڏينهن ٿيا، وري صالح بابا واري مريديءَ تي ئي بند ڏيئي ڇڏيم.

ڪافي ڏينهن گهارڻ کان پوءِ هڪ سماجي تنظيم ۾ سوشل موبلائيزر طور ڪم ڪرڻ جو اتفاق ٿيو ته فيلڊ ورڪ جي مستين ۾ گم ٿي ويس. گهر به مهيني ۾ هڪ دفعو اچڻ ٿيندو هو، تنهن ڪري منهنجي سنياليل وٽن جا پن پيلا ٿيڻ لڳا.... ڳڻ نه نڪرڻ سبب ۽ پاڻي پيو وقت تي نه ملڻ جي ڪري وٽن ۾ اڃي بي وقتائتي خزان واسو ڪيو. منجهائن ساوڪ سڪڻ لڳي. موڪل تي آيس ته انهن جي اجڙيل حالت ڏسي منهنجو من ملول ٿي پيو.

منجهند جو وقت هو، گرمي ۾ جڻ ڳيرا ٿي ڪريا! مان روم ۾ ئي ستل هئس سو بجلي ويئي ته ڪپڙا پگهر ۾ پاڻي ٿيڻ لڳا. گرمي دماغ تي چڙهي ته جاڳ ٿي پئي. هوا کائڻ جي لاءِ گهر جي پوئين در مان اکيون مهٽي ٻاهر نڪتس ته منهنجي نظر وڃي سريل جي وڻ تي پيئي. اچرج ۾ منهنجو هوش وڃائجڻ لڳو. ڇا ڏسان ته هڪ جوان ڇوڪري سريل جي وڻ کي ڀڪ وجهيو بار بار پئي چوي ته، ”منهنجو بخار تون ٻڌ! تنهنجو ڇوڏو مان ٻڌان ٿي!“

جمعون کهاڙي سان ڇوڏو لاهي رهيو آهي، مان انهن ڏانهن وڃڻ لڳس ته ماسي جي نظر مون تي پئي، هوءَ مون ڏانهن وڌي آئي ۽ مون کي ٻانهن کان پڪڙي گهر اندر وٺي ويئي! مون پڇيس، ”ماسي هي سڀ ڇا آهي؟ هوءَ ڇوڪري وڻ کي ڀاڪر ڇو وجهيو بيٺي آهي؟؟!“

ماسي چالاڪي سان وراڻيو، ”پٽ پاڻ جو وڻ ڪرامت وارو آهي، هن جو ڇوڏو تعويذ ڪري ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ سان پراڻي کان پراڻو بخار ڇڏيو وڃي! ماڻهن کي هي وڏو فائدو پيو ڏئي!“

مون کي ماسي جي انهي ڳالهه تي حيرت وٺي ويئي. وڏو ٽهڪ ڏيندي وراڻيم، ”ماسي ڇو اڃي مت مُنجهي آهي اوهان جي؟؟ ...! اوهان به..!“

هن اکيون ٽيڙيون ڪندي وراڻيو، ”اڙي آهستي ڳالهاءِ اڏ مغزي ۽ پوڪ ماڻهن کي پاڻ دعوت ڏئي ڪونه گهرايو آهي، هنن کي ٻڪي ملي ٿي تڏهن تا اچن. اشارو تو ٿين ۽ تون مانڙي ڪري ويهه ...! ماڻهن کي جيڪڏهن ائين ئي شفا ملندي رهي ته پاڻ به هڪ ڏينهن ساوا ٿي ويندا سين!“

ماسي جون ڳالهيون ٻڌي سوچيم، ”ماسي کي جيڪڏهن صالح بابا جي آستاني تي خليفو ڪري ويهاري ڇڏجي ته پوءِ صالح بابا به مارڪيٽ ۾ اهم عامل جو مقام حاصل ڪري جهازن جا سفر ڪري! مون ماسي کي چيو، ”ماسي وٽن جا چوڏا ٻڌڻ سان تا بخار چڙهين! اوهان به اچي بتال تيا آهيو! هنن کي چئو ته هتي اهڙي مقصد جي لاءِ نه اچن! هي ته دوکو آهي ۽ ڪنهن کي دوکي ۾ رکن وڏو ڏوهه آهي ماسي!“

ماسي ڏمرجي پئي. اکين ۾ ڳاڙهاڻ لهي آيس. مون تي چوهه چنڊبندي وراٽيائين، ”هاٽي چپ ڪر چرياڻ! اسان ماٺهن کي گهرائي دوکو نه پيا ڏيون، هُو پنهنجي مرضي سان اچن تا. ڪين هي وڻ فيض پيو ڏئي ۽ ڏئي به سگهي ٿو، هي پاڪ جو آهي!“

مون کي پڪ ٿي وئي ته پهريان هنن جي اکين ۾ وهم جو ڪارو پاٽي هو ۽ هاٽي هنن جي پيٽ پلجنڊڙ ٻک جي ڪوئن کي سٽيو گرهه نظر آيو آهي. مون چيو، ”ماسي هاٽي وڻ پاڪ هجي يا نه پر مان هن کي وڍرائي ئي ساهه ڪٽندس! جيڪا شيءِ جنهن مقصد جي لاءِ هجي، ان کي انهي حد تائين ئي استعمال ڪرڻ گهرجي. مون ته هي چانو ۽ خوبصورتي جي لاءِ پوکيو هو پر ماٺهو ته هن کي الاءِ ڇا سمجهي وينا آهن!“

ماما چني ۾ ڪٽ تي ليٽيل هو، سو منهنجي ڳالهه ٻڌي مچرجي پيو ۽ ٽپ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ وراٽيو، ”هاٽي جي وڻ وڍڻ جي ڳالهه به ڪئي اٿئي ته وڻ کان اڳي تون وڍيل هوندين! هتي رهڻو هجئي ته خاموش ٿي رهه! باقي ڳالهه ڳالهه تي پنهنجي پروفيسري نه هلائيندو ڪر! تو ئي ڪالهه اها وڪالت پئي ڪئي نه ته هي وڻ پاڪ آهي! هن کي وڍي پنهنجي قيامت ڪاري نه ڪيو!. . .پوءِ اڄ وري ڇا ... !!؟“

هنن کي مون جنهن دليل جي دم سان سريل جي وڻ وڍڻ واري ضد تان لاٿو هو. تنهن ئي دليل سان هنن مون کي ڪُنائي ڇڏيو، تن جي ذهن کي ٻيهر سندن پراٽي سوچ موٽائي ڏئي قائل ڪرڻ منهنجي وس کان مٿي هو!

# ڇوٽڪارو

هن کي جيئن ئي آفيس ۾ فون ذريعي نياپو مليو ته اوهان جي ماءُ ڳڻتي جوڳي حالت ۾ آهي، ترت پهچو! تيئن ئي هي آفيس ڇڏي شهر جا ڪشادا روڊ لتاڙي تڙ تڪڙ ۾ گهر ڏي وري رهي هئي. ڪيس اهو خوف هيو ته ڪٿي سندس ماءُ کي هارٽ اٽيڪ نه ٿي پيو هجي! ڇاڪاڻ ته ڪجهه ڏينهن کان سندس ماءُ جو بلڊ پريشر نارمل نه پئي رهيو. آخر هوءَ دل تي ڪيئي هول کڻي گهر پهتي. پر ڪيس گهر ۾ ڪو به نظر نه آيو. پاڙي مان معلوم ٿيس ته ڪيس سندس پيءُ اسپتال کڻائي ويو آهي. هن اجا اسپتال جو رخ ڪرڻ جي لاءِ رڪشو پئي پڪڙيو ته ٿيستائين سندس سماعتن تي ايمبولينس جي سائرن جا آواز اچي پهتا. سائرن جو آواز سڻڻ شرط ڏڪاري ٿي ويئي. اهو ئي ٿيو، جنهن جو خوف هو! هن کي ڊاڪٽرن اڳ ۾ ئي خبردار ڪيو هو ته جيڪڏهن انهي مريض کي هاڻي اتفاقن هارٽ اٽيڪ ٿيو ته شايد اهو سندس زندگي لاءِ هاڃيڪار ٿي پوي!

سندس والد لاش کڻائي گهر آيو. هي دل شڪسته ٿي ويئي...روئڻ لڳي.... تون ايترو جلد ڪيڏانهن هلي وئين...مون کي اڪيلو ڇڏي.... مان هاڻي تنهنجي بغير ڪيئن جيئنديس...امان!!

’بس ڌي ... اهو ئي لکيو هو ... بس تنهنجي ماءُ جو هن دنيا مان داڻو پاڻي کٽو، سو تڏهن رب ڪيس...هاڻي گهڻو روئي ميت جو روح نه رنجاءِ...‘

دلاسا ... آٿتون ... .

هوءَ وڏيڪ روئڻ لڳي، لاش جو ڪفن دفن ٿي ويو ... هوءَ روئندي رهجي ويئي.

ماءُ جي وفات کان پوءِ هاڻي گهر ۾ فقط هيءَ ۽ سندس پيءُ بچن ٿا. هن جي والده جي وفات کان پوءِ سندس سيئي خواب لحظي منجهه لڙهي ويا هئا. اها هن جي ماءُ ئي هئي جيڪا هن جو آسرو هئي. ڇاڪاڻ ته سندس پيءُ جي مرضي سان هن جو مڱڻو ڳوٺ ۾ ٿيل هو، پر هن ۽ سندس ماءُ جي مخالفت سبب هن جي اتي شادي نه پئي ٿي سگهي. جنهن گهر ۾ هن جو مڱڻو ٿيل هو، اهي سندس والد جا ويجها عزيز هئا پر هنن جو گذر سفر اوکو هيو. سندن گهر جي ڪمائي جو ذريعو چرس ۽ ڪچي شراب وڪڻڻ تي هو. هيءُ شهر جي ڪاليج ۾ جونيئر ڪلرڪ هئي. ذهني طور تي باشعور ۽ روشن خيال هئي. هن نٿي چاهيو ته هوءَ ان گهر ۾ ڪنوار ٿي وڃي، جنهن گهر ۾ بقا کي زهر ڏيڻ جو ڪاروبار هلندو هجي! هن جي والده ۽ هن پاران، طعنن ۽ بيعزتين بعد سندس پيءُ جا عزيز هنن کان ڪاوڙجي ويا هئا، پر اڄ سندس ماءُ جي وفات هنن کي ٻيهر ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيو.

هاڻي هوءَ جنهن وقت آفيس ويندي هئي، تنهن وقت پڙس ۽ هنن جي وچ ۾ رهاڻيون وڌنديون ويون، چاڪاڻ ته هنن جي وچ ۾ جيڪا ديوار هئي، سان هن ماءُ جي وفات جي ڪري ڍهي ويئي هئي. ان ڏينهن هوءَ آفيس وڃڻ جي تياري ڪري رهي هئي ته ڪيس پڙس سڏ ڪيو، "ڌيءُ بختاور... منهنجي امان بختاور...!"

هن کي پڙس جو منو لهجو مصنوعي لڳو، ڪيس پڙس جي سڏ مان مٺي زهر جا تاثر محسوس ٿيا پر هن وراڻيو، "جي بابا ... !"

"پٽ تو سان هڪڙو ڪم ... !"

"جي ٻڌايو بابا...!"

هن جو پيءُ پنهنجي چهري تي شفقت سجائي وراڻيو، "ڌس ڌيءُ بختاور...منهنجي ڌي به تون ته منهنجو پٽ به تون!! سو امان هاڻي مون کي تنهنجي ڪمائي هضم نٿي ٿئي ...! آئون چاهيان ٿو ته هاڻي تنهنجي شادي ڪري ڇڏيان!"

هن وراڻيو، "بابا! ان ۾ جلدي ناهي ڪرڻي، باقي اوهان کي منهنجي ڪمائي چو نٿي هضم ٿئي ... اڳ ته اوهان ڪڏهن اهڙو ذڪر..!!"

"ڌيءُ انهي ڪري جو تون نياڻي آهين!" هن سندس ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، "سو نياڻين جو ڪمائڻ سٺو ناهي!"

هن ڪجهه مزاحمتي انداز ۾ وراڻيو، "پر بابا اوهان ٿورو اڳ ته ائين پئي چيو نه ته آئون اوهان جي ڌيءَ به آهيان ته پٽ به ... ٻي ڳالهه ته آئون پابندي سان پنهنجي ديوٽي ڪيان ٿي...حق حلال جي ڪمائي آهي...اهو ته ڪو غلط ڪم ڪو نه ڪيو اٿم، جنهن سبب اوهان پريشان ٿا ٿيو!"

پڙس وراڻيو، "ڇڏي ڌي گهڻين ڳالهين کي! پڙهيل لکيل آهين تنهن ڪري توسان ڳالهين ۾ پُڄي ڪو نه سگهندس!. . .ڌس بختاور، جنهن چوڪري جي تون مگ آهين سو ڏاڍو سهڻو سيبتو آهي...تنهنجو جوڙ آهي. اڳ ۾ به تو ۽ ماڻهين مرحوم هنن سان بدسلوڪي ڪئي، پر ڌس هو ويچارا اهو به درگذر ڪري ويا، بس رڳو تنهنجي مرضي ... !"

هن ٻنهي هٿن جون تريون مهٽيندي ڏاڍي افسوس سان وراڻيو، "واهه بابا واهه ... هيروئن جو ڏنڌو ڪرڻ وارن کي اوهان شريف ماڻهو پيا ڪوٺيو ... حيرت آهه اوهان جي سوچ تي ...! باقي منهنجي مرضي جاڻڻ ٿا چاهيو ته مان مرندي مري ويندي پر انهي سان شادي نه ڪنديس!"

پڙس تپي باهه ٿي ويو، ڌمڪي ڏيندي وراڻيائين، "شادي ته تنهنجي هر حال ۾ ٿيندي ۽ انهي ئي گهر ۾ ٿيندي ...! چاڪاڻ ته آئون هنن کي زبان ڏيئي چڪو آهيان هاڻي...!"

بختاور جو ڪڙڪ لهجو پڙس کي وڌيڪ تلخ ڪري ٿو. هُو مٿس وڌيڪ دٻاءُ وجهندي وراڻي ٿو، "تنهنجي انڪار سان مڱڻي ڪانه ٽٽي پوندي! ... تون قانوني

طرح هن جي امانت آهين! ۽ هو توکي هتان وٺي وڃڻ جو پورو پورو حق رکن ٿا ...! ٻي ڳالهه ته هاڻي گهٽي زبان هڻڻ ڇڏي ڏي! منهنجي نرمي جو گهڻو ناجائز فائدو نه وٺ!“

هوءَ روئڻهارڪي ٿي وجي ٿي، روئندي روئندي وراڻي ٿي، ”بابا اوهين منهنجا مائٽ آهيو ... مائٽ ته ڇپر ڇانو هوندا آهن ... آسرو هوندا آهن بابا ...! اوهين ڇو ڪاسائي بڻجي ٿا منهنجو سر اڏيءَ تي رکي قلم ڪرڻ چاهيو...؟ بابا خدا جي واسطي مڙي وڃو!“

هوءَ گهڻو ئي واويلا ڪري ٿي، پر پٿس تي ان جو ڪو به اثر نٿو ٿئي! هوءَ آفيس ڏي اچي ٿي، آفيس جي ڪم ڪار ۾ دل ئي نٿي لڳيس، هن کي بيچين ڏسي هيڊ ڪلرڪ پڇي ٿو، ”بختاور اڄ توکي ڇا ٿيو آهي!؟ ڪجهه عجيب عجيب پئي لڳين ... منهنجو مطلب پريشان ... اپ سيٽ!“

هن چيو، ”زاهد خير آهي مڙئي ...“

زاهد نه مڃيو، ”ڇا خير آهي مڙئي ... مون کي به خبر پوي ته اها گلن جهڙي مهڪندڙ بختاور، جيڪا سڄي آفيس کي پنهنجي ٽهڪن سان مهڪائيندي هئي ... سا ڪنهن ڪومايل مکڙي جيان اڄ مرجهايل ڇو ...؟“

”زاهد بابا! مون کي جيئري دفن ڪرڻ چاهي ٿو! هو منهنجي شادي هيروئن جي واپاري سان ڪرائڻ ٿو چاهي...! آئون جيئري دفن ٿيڻ نٿي چاهيان زاهد!“ هوءَ يڪساهي ۾ اهو سڀ ڪجهه چئي ويئي. زاهد کي اهو سڀ ڪجهه ٻڌائي جڻ پنهنجي دل تان اڌ بار هلڪو ڪري ڇڏيائين. زاهد ڪيس صلاح ڏيندي وراڻيو، ”بختاور ڏس تون پنهنجي ڪنهن ويجهي عزيز سان رابطو ڪري ان تي مزاحمت جي ڪوشش ڪر!“

بختاور ٿڌو ساهه کڻي وراڻيو، ”اهو ئي ته وڏو مسئلو آهي جو منهنجو ڪو به ڏٽي سائين ڪونهي ...! هڪڙي امان هئي، جنهن جي مزاحمت سبب هيستائين بچندي رهيس، پر هن جي وفات ڪان پوءِ ته هاڻي آئون بلڪل اڪيلي ۽ ننڌڪي ٻڄي ويئي آهيان زاهد!“

زاهد دل تي قابو ڪندي وراڻيو، ”بختاور... تون جيڪڏهن مون کي غلط نه سمجهين ته مان هڪڙي صلاح ڏيان...؟!“

”زاهد، مون تو کي رازدار سمجهي دل جا درد سُڻايا آهن ... .تنهنجي صلاح کي آئون غلط نه سمجهنديس ... تون ٻڌاءِ!“

ڏس بختاور....“ هن وراڻيو، ”توکي جيڪڏهن منهنجو سهارو...!“

”زاهد مون تنهنجو مطلب نه سمجهيو ... “ بختاور اچرج مان وراڻيو.

زاهد دل جهلي وراڻيو، ”بختاور آئون توکي شادي جي آفر ڪيان ٿو ... تون تون مون تي ڀروسو ڪر ... مان ڪنهن به ناري جي گهران نڪرڻ جو حامي ناهيان، پر

تو بابت زميني حقيقتون ئي ڪجهه اهڙيون آهن ...! جي تون چاهين ته مان تو سان ڪورٽ ميرج...!"

بختاور وراڻيو، "زاهد تنهنجي مهرباني پر آئون اجا ذهني طرح ڪنهن به فيصلي ڪرڻ جي حق ۾ نه آهيان!"

زاهد وراڻيو، "بختاور مون توکي همدرد سمجهي آڇ ڪئي... وڌيڪ تنهنجي مرضي!"

هوءَ آفيس جو ٽائيم پورو ڪري گهر ڏانهن موٽي ٽي. گهر جي اندر ڳالهيون هلي رهيون آهن. هوءَ در وٽ بيهي ڳالهين کي ڪن ڏئي ٿي. سنڌس والد سان ڪو همراهه مخاطب آهي، "پوءِ ادا بخشو ڪا تاريخ ڏيو ... ته بختاور ۽ قمر جي شادي ڪيون ...! ٻارن جي عمر پئي ڪري....!"

"ادا مننار، بختاور اوهان جي امانت آهي ... ڪا به تاريخ طئه ڪري اوهان ڪيس وٺي وڃو..." بختاور جو والد وراڻي ٿو.

مننار ٿو چوي، "بخشو! هڪڙي ڳالهه توکان پڇڻي هئي ته ڇا بختاور ان تي راضي آهي يا نه؟!"

بخشو وراڻيو، "ابا منهنجي ڌيءُ هجي ها ته مون تي وجي ها ... بس جهڙي ماڻس هئي، تهڙي آهي پاڻ!"

اهو ٻڌي مننار تعجب مان پڇيو، "مون تنهنجو مطلب نه سمجهيو!"

"منهنجو مطلب اهو آهي ته مننار ... مون واري زال جي اڳ شادي ٿيل هئي ... سنڌس مڙس جي وفات کان پوءِ مون ساڻس شادي ڪئي ... سو هي بختاور منهنجي زال جي پهرين ور مان آهي ... هونئن به جهڙو رت هوندو، تهڙو اثر ڏيکاريندو!"

بختاور اهو سڀ ڪجهه ٻڌي جڻ پنهنجو دامن مصيبت مان ڇڏائي وٺي ٿي. هوءَ پٽس جي ناٽڪي ۽ پاپي رشتي جي زنجير مان ڇٽي پوي ٿي، ڪيس ڇوٽڪارو ملي پوي ٿو.

هوءَ اتان ئي واپس وري زاهد جي گهر اچي ٿي! در کڙڪائي ٿي ته زاهد ٻاهر اچي ٿو، "بختاور ... خير ته آهي ...؟ اچو اندر...!"

هن اندر داخل ٿيندي وراڻيو، "زاهد...! مون کي تنهنجي آفر قبول آهي...!"

۽ پوءِ ٻئي ڄڻا رڪشا ۾ ويهي ڪورٽ ڏي روانا ٿي وڃن ٿا!

# فتح

اڄ ھُو اھا مومل ماڙي رھيو ھو، جنھن جي ماڻن ھن جي من کي موھي ڪيس چاھتن جا حسين سلسلا ارپيا ھئا، ۽ جنھن جي حاصلات ئي ھن جي زندگي جو واحد مقصد بڻجي ويو ھو. اھا رات خالي نہ ھئي، جيڪا ھن انھي مومل جي سوچن ۾ جاڳي نہ گذاري ھجي! پر روبينہ جي دل جي ڪنھن بہ ڪنڊ ۾ ھن بابت ڪو غور ويچار نہ ھيو. ھي فقط انھي اميد جي آڌار تي ھن کي چاھيندو ھو تہ، سچي دل سان جيڪو ڪجھہ بہ گھريو ويندو آھي، سو خدا پاڪ پنھنجي ٻانھي کي ضرور عطا ڪندو آھي. ھن کي اھا پڪ ھئي تہ، رب پاڪ جي ھڪ ڏينھن مون تي عطا ٿي پوندي ۽ روبي ھڪ ڏينھن ضرور مون کي چاھڻ لڳندي، اڄ ڀلي ھن جون اکيون مون کي ڏسڻ پسند نہ بہ ڪن، پر سياڻي ضرور ھن جا نيڻ منھنجا رستا نھاريندا! ھن اھو ڀلي پَٽ پانيو ٿي تہ، وقت ۽ حالتون ھميشہ ھڪ جھڙيون نہ رھنديون آھن. وقت مون تي بہ ضرور مھربان ٿيندو ۽ ھڪ ڏينھن حالتون منھنجي حق ۾ ٿي وينديون.

اڄ جڏھن روبينہ ۽ ھن جا وجود، ملن جي سيني رسمن مان آجا ٿي سينگاريل ڪمري ۾ ھڪ ٽيڻ وارا ھئا، تڏھن ھن جي دل ۾ ڪجھہ انا پيدا ٿيڻ لڳي ھئي، جنھن جو سبب اھو ھو جو ھن جڏھن روبي سان چاھت جو اظھار ڪيو ھو، تڏھن روبينہ ھن کي نڪرائي اھو اظھار ڪيو تہ مان ڪنھن ٻئي جي دل ۾ رھان ٿي ۽ منھنجي من جو مھمان بہ اھو ئي آھي. روبي رشتي ۾ ھن جي ماسات ھئي پر ھُوءَ پنھنجي ڪلاس ميٽ جبار جي گھورن جي گھايل ھئي. ان وقت ھن اھو ٿي پانيو تہ ڀل روبي جبار کي چاھي پر ھن جو ان سان رشتو نٿو ٿي سگھي، چاڪاڻ تہ جبار غير آھي ۽ سندن رت وارو ناھي! سندن خاندان ۾ اڳ ڪڏھن بہ برادري کان ٻاھر رشتو ناھي ٿيو، پر روبي جي مائٽن، روبي کي پنھنجي زندگي سان وابستہ ھر فيصلو پاڻ ڪرڻ جو اختيار ڏئي ڇڏيو ھو. ھن بہ ضرورت کان وڌيڪ ملليل آزادي جي باوجود بہ ڪو اھڙو قدم نہ کنيو ھو، جنھن سان مائٽن جي ساک خراب ٿئي. ھُوءَ مائٽن جي ھر پروسي تي پوري لٿي ھئي.

روبي جي مائٽن جي اھڙي مرضي جو جڏھن ھن کي پتو پيو تہ ھي ڏاڍو دل شڪستہ ٿي پيو ھو. ھن کي پنھنجي پيار جو ڏيئو اجھامندي محسوس ٿيو ھو. پر وري بہ ھن کي اھا اميد ھئي تہ فيصلو ھڪ ڏينھن ھن جي ئي حق ۾ ٿيندو. اجا روبي ۽ جبار جي رشتي جي ڳالھہ ٻولھہ شروع ٿي تہ اوچتو جبار بيمار ٿي پيو، ڊاڪٽرن سندس مائٽن کي اھو مشورو ڏنو تہ ڪيس ڪنھن اسپيشلسٽ سرجن کي ڏيکاريو. چيڪ اپ ۽ ٽيسٽن کان پوءِ ڊاڪٽرن اھا نشاندھي ڪئي تہ جبار بلڊ ڪينسر جو شڪار ٿي چڪو آھي. اھا خبر جڏھن روبي کي پيئي تہ ھُوءَ حال وڃائي ويٺي! پر پوءِ

۽ هن ڪجهه ضبط کان ڪم ورتو، هن سوچيو ته هي وقت امتحان جو آهي، هن وقت جبار کي آٿتون گهربل آهن. اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن مان ۾ صبر جو دامن هٿان وڃائينديس ته جبار جي ماندي من کي ڪير آٿتون ڏيندو؟! هي جبار وٽ اسپتال جي وارڊ ۾ موجود هئي. جبار نراسائي منجهان وراڻيو، ”روبينه ...! مون ته زندگي پر تنهنجي زلفن جو اسير ٿي رهڻ جا خواب لڌا هئا ... پر روبي... نه ڄاڻ ڪنهن ويري جي نظر.... اسان جي انهن خوابن جي ساڀيان...!“ هن جي اکين جا بند ڀڄي پيا، رت روئڻ لڳو. روبينه سندس لڙڪ اگهندي ڪيس آٿت ڏيڻ لڳي، ”جبار... دل نه هار... خدا پاڪ ڪندو سٺائي ٿيندي...اسان جا خواب، خواب نه رهندا.... ضرور ساڀيائون لهندا جبار...!! دل وڏي ڪر چريا ...! خدا پاڪ سٺائي ڪندو!“ حالانڪِ اندر هن جو ۾ وڍيل هو، پر هن پنهنجي دل تي پٿر رکي اهو سڀ جبار سان اوريو. جبار ورندي ۾ چيو، ”روبي مان ڪيئن پنهنجي دل کي سمجهايان.... منهنجي دل ۾ منهنجو قاتل پناهه وٺيون وينو آهه ۽ مان همت ڌاريان!!؟ ... اهو ڪيئن ممڪن آهه مون لاءِ؟!!“

روبي وراڻيو، ”چريا مايوس ٿي وئين ...! اسان جو رب پاڪ وڏو ٻاجهه ڀريو آهي...هُو ضرور توتي مهر ڪندو ... مون کي اميد آهي ته اهو اسان کي مايوس نه ڪندو... هي وقتي آزمائش جلدي ختم ٿي ويندي...اسان ٻيهر خوشي جا گيت ڳائينداسين چريا! ...! . تون رڳو پنهنجي روح کي رتو ڇاڻ نه ڪر ... تون رڳو حوصلو ڌار ... !!“ روبي جي انهن حوصلي وارين ڳالهين هن جي جسم ۾ ساهه وجهي ڇڏيو، هن جيڪو پنهنجو جسم ڪجهه ڏينهن کان لاش ڀانيو هو، سو ڪيس جاندار محسوس ٿيڻ لڳو. هن جي من ۾ جيئڻ جو اتساهه پيدا ٿيڻ لڳو. هن اهو سمجهوتو ڪري ڇڏيو ته هر چيز کي فنا ٿيڻو آهي، سو جو نه فنا ٿيڻ کان اڳ اهڙو ڪردار ادا ڪري وڃجي، جو ڪڏهن فنا نه ٿئي! اهو هميشه امر رهي! هن اهو فيصلو ڪري ڇڏيو ته هاڻي جيڪي ۾ دنيا ۾ ڏينهن گهاربا سي خوشيون ورهائيندي گهاربا...!!

جبار جي بيماري سبب هن جي مڱڻي رڪجي ويئي. هڪ ڏينهن اسلم موقعو ڏسي روبي کي چيو، ”روبينه تون ويساهه ڪر... مان توکي بيحد چاهيان ٿو ... تون اعتبار ڪر ... تنهنجي چاهت منهنجي تن من تي حاوي ٿي وئي آهي ...! مان تو بن پاڻ کي اڌورو ڀانيان ٿو.“ روبي ڪيس جواب ڏيندي چيو، ”پر اسلم، منهنجي دل ۾ تنهنجي لاءِ ڪي ۾ اهڙا احساس نه آهن ... مان ته تو کي فقط ماسي جو پٽ اسلم سمجهان ٿي! ٻي ڳالهه ته توکي اهو ۾ پتو هئڻ گهرجي ته مان فقط ۽ فقط جبار جي آهيان ...! اجا ۾ جيڪڏهن تون مون بن پاڻ کي اڌورو پائين ٿو ته ... پوءِ مان ۾ تو کي اهو ٻڌائي ڇڏيان ٿي ته، مان ۾ پاڻ کي جبار بنا ٻي جان سمجهان ٿي، هن جي نانءُ سان ئي منهنجو تن من جُڙيل آهي ...!“ اهو ٻڌي اسلم وراڻيو، ”چري ته ناهين ...! تون هڪ اهڙي ماڻهو بنا پاڻ کي اڌورو ٿي پائين ... جنهن کان ڀاڳ جي ديوي رُٺل آهي

...! جيڪو ويچارو خود اڌورو آهي... چڏ چري... پنهنجي خوبصورت زندگي کي اهڙي لاچار ماڻهو جي پويان ....!!؟“

هن کي اسلم جون اهڙيون ڳالهيون زهر پريل لڳيون، سندس خبرن مان ڪيس حسد جو تاثر محسوس ٿيو، جبار بابت هن کان اهڙيون ڳالهيون برداشت نہ ٿيون ۽ هن ڪاوڙ ۾ اسلم جي ڳالهہ ڪٽي وراڻيو، ”چپ ڪر اسلم! تون ٿيندو ڪير آهين، جبار جي پاڇ تان مذاق ڪرڻ وارو...! جبار تي جيڪو ڪجهہ بہ گذري رهيو آ، سو مان پاڻ تي محسوس ڪري رهي آهيان ...! مون هن کي سچي دل سان چاهيو آهي ...! منهنجي من جو مالڪ هُو آهي ...! هُو جيئن بہ آهي...جنهن بہ حال ۾ آهي، مون کي قبول آهي... ان تي توکي تڪليف نہ ٿيڻ گهرجي ....۽ بي ڳالهہ بہ تون ڪن ڪولي ٻڌي چڏ تہ اسان جي اهڙي پيار کي موت چا مات ڏيندو چريا...!!“

هُوءَ اهو سڀ ڪجهہ چئي هلي ويئي، پر اسلم تي ان جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو، هن سوچيو تہ پلي اڄ روبي جبار جي عشق ۾ اڪيون پوري منهنجي محبت ڏي گهور نہ ڪري، پر هن کي هڪ ڏينهن مون ڏي ئي اچڻو آهي. جبار کي بلڊ ڪينسر هئڻ جي خبر ٻڌڻ کان پوءِ اسلم کي هاڻي اها پڪ ٿي ويئي تہ هاڻي روبي جو ۽ منهنجو ملڻ اٽلر آهي! هي روبينہ جي چاهت ۾ ايترو تہ گم ٿي ويو جو ڪيس اها ڳالهہ ذهن ۾ ئي نہ رهي تہ محبتون ئي قربانيون گهرنديون آهن، محبوب جي خوشي ئي سچي عاشق جي خواب جي اصل ساپيان هوندي آهي. پر محبت جي اصل فلسفي جو شعور هن جي ذهن ۾ نہ هو. هن جي سوچ جو محور فقط ۽ فقط روبي جي حاصلات تائين ئي رهيو!

جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن تيئن ڪينسر جو آدمخور جبار جي جسم کي غنيمت جو مال سمجهي کائڻ لڳو. دوائون بي اثر ثابت ٿيڻ لڳيون. دعائن بہ ڪو فائدو نہ پئي ڏنو، جيئن ڏينهن گذرندا ويا، تيئن هن جو جسم ڪمزور ٿيندو ويو. چهري جو رنگ هيڊو ٿي ويو هئس، اکيون اندر پئجي ويون هئس. هر ڏينهن، هر گهڙي هن جي لاءِ باعثِ عذاب بنجي ويئي هئي. ڪيترين ئي تڪليفن ڏسڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن اهڙو بہ آيو، جنهن ڏينهن هن جي جسم مان روح جو پکي اڏامي ٿي ويو ۽ ڪيس هر مصيبت مان آزادي پئي ملي! اهو صدمو روبي ۽ جبار جي والدين جي لاءِ ڪنهن قيامت کان گهٽ ڪونہ هو، پر جبار جي بيماري دوران ان کي مشڪل حالت ۾ ڏسي هنن اهو صدمو برداشت ڪرڻ لاءِ پهرين ئي ذهن ناهي چڏيو هو.

جبار جي وفات کان پوءِ روبي ويڳاڻي بنجي ويئي هئي. سندس خوشين پري زندگي کي جڻ نظر لڳي وئي هئي. سندس زندگي جا سڀ رنگ، بي رنگ ٿي پيا هئا. اداسي سندس دل ۾ ديرو ڄمائي ويهي رهي. هن جي اها حالت سندس پيءُ کان برداشت نہ پئي ٿي، جبار جي وفات کي تقريبن ڏيڍ مهينو گذري چڪو هو. هن کي ڪجهہ هوش ۾ ڏسي ڪيس پيءُ چيو، ”ڌي! جڏهن کان جبار هي جهان چڏي ويو

آهي...تڏهن ڪان تون نراس آهين... ڏي تنهنجي پريشاني فطري عمل آهي...پر ڏي ان جو اهو نہ مقصد ڪونهي تہ تون جيئڻ تان ئي هٿ ڪڻي ويهين...!!؟“

روبي ٿڌو ساهہ ڪڻي وراڻيو، ”بابا مان جيئان تہ پئي ...!“

پيءُ وراڻيو، ”ڌيءُ اهو ڪهڙو ڍنگ آهي جيئڻ جو ... ؟! دنيا جي تہ هر شيءِ تان روح ڪڻي ويني آهين ...! ڌيءُ هڪ ڳالهہ ٻڌ...! هي دنيا فاني آهي، جنهن جو بہ جيترو داڻو پاڻي هن جهان ۾ هوندو ... سو حاصل ڪري هڪ ڏينهن تہ هوندئي ئي هن پار ويندو، ماڻهو تہ ويچارو دنيا ۾ مهمان وانگر هوندو آهي ... ۽ مهمان سان گڏ ٻيو تورئي ويندو آهي، ڌيءُ هن پوڙهي پيءُ جي هڪڙي التجا آهي جي پوري ڪرين تہ مان ڪيان...!“

هن وراڻيو، ”بابا. . .التجا ... سا بہ مون آڏو ...! ائين نہ چئو.... توهان حڪم ڪيو...سڄي زندگي اوهان منهنجا ناز ڪنيا آهن.... مان ڇا توهان جي ڳالهہ ڪان ٻاهر ويندس...؟!!“

پٽس وراڻيو، ”ڌيءُ مان سمجهان ٿو تہ اهو تنهنجي لاءِ مشڪل هوندو ... پر جي تو منهنجي فيصلي کي مانُ ڏنو تہ تنهنجا لک ٿورا...! ڌيءُ مان چاهيان ٿو تہ تون اسلم جي شريڪِ حيات ٿيئن ... ھُو سنو ڇوڪرو آهي...وڏي ڳالهہ تہ پنهنجو آهي... پٽ جي اڄ جبار حيات هجي ها تہ اسان اوهان جي وچ ۾ ديوار نہ ٻڻجون ها پوءِ پل ھُو ڏاريو ئي سهي ...! پر هاڻي تون اسان جي مرضي رک ڌيءَ!“

پٽس جي ڳالهہ جاري هئي. هن جي گهايل من کي ڳالهہ ويتر گهائي وڌو، پر پٽس جي فيصلي کان انڪار بہ هن جي لاءِ مشڪل ٿي پيو هو. بس هن اهو زهر جو ڍُڪ ڍوڙهو ڳيهي ورتو ۽ اسلم سان مائٽن جي مرضي موجب لائون لهڻ لاءِ ها ڪري ڇڏي.

اسلم سجايل ڪمري ۾ داخل ٿيندي، دروازو اندران بند ڪيو. روبي پلنگ تي وينل هئي. سندس چهري تي گهونگهٽ هو. ڪمرو مڪمل سجايل هو. درين تي لڳل پردن تي خوشبودار پرفيوم اسپري ٿيل هو، جنهن جي هڳاءُ روح کي ڏاڍي تسڪين ٿي ڏني! هي پلنگ تي روبي جي سامهون ويهي سندس چهري تان گهونگهٽ هٽائڻ لڳو. روبي هن ڏي نظر نہ ڪئي، ڏاريائپ جو احساس ڏيارڻ لڳي. هن وراڻيو، ”ڪيئن پيا محسوس ڪريو اڄ...“ سوال ڪان پوءِ ڪجهہ ساعتون خاموش رهيو، روبي ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هن ٻيهر خاموشي ٽوڙي وراڻيو، ”ڪا رنجش آهي ڇا جانِ من ... بهرحال... ڇا بہ محسوس ڪيو ... پر مان ڏاڍو خوش آهيان پنهنجي فتح تي ... ! روبي جنهن ڏينهن ڪان تو منهنجي دل چورائي هئي، ان ڏينهن ڪان اڄ ڏينهن تائين مون انتظار جا وڏا ڪاٽ ڪٽيا آهن ... تنهنجي حاصلات مون کي پاڳل بڻائي ڇڏيو هو ... تنهنجي سڪ ۾ مون ڪيئي راتيون تارن سان ڳالهيون ڪندي جاڳي گذاريون هيون. گهڙي گهڙي تنهنجي ياد جي سيلاب ۾ پاڻ کي ٻُڏندي پانيو هئم ... پر توکي ان جو ڪو بہ احساس نہ ٿيو ... روبي مون توکي پنهنجي دل جو حال بہ ڏنو،

تڏهن بہ توکي منهنجي حال تي ڪو بہ رحم نہ آيو ... هڪ ڏاريي ڪاڻ منهنجو پيار ٽڏي هلي وئينءِ ... ! پر مون ان جي باوجود بہ توکي چاهيو ... چاڪاڻ تہ فتح حاصل ڪرڻ جي لاءِ شڪستون کائڻ بہ ضروري هونديون آهن ... جيڪو مزو شڪست کان پوءِ واري فتح ۾ هوندو آهي، سو چري فقط فتح ۾ ناهي هوندو ... شڪست کانسواءِ فتح جي اهميت بہ ڪهڙي آهہ ... روبي وقتي شڪستن مون کي مايوس نہ ڪيو.... بي ڳالهہ تہ مون کي جنهن مات پئي ڏني، سا ڪا غير نہ پر منهنجي پنهنجي روبي هئي ... ۽ پنهنجن هٿان هارائڻ جي اهميت بہ چا آهي...؟ پر اڄ مان ڏاڍو خوش آهيان ... پنهنجي فتح تي... تنهنجي حاصلات تي ...!!"

اسلم وڏا ٽهڪ ڏئي ٿو، روبي جي حاصلات جي خوشي هن کي غرور ۾ غرق ڪري ٿي ڇڏي ... سندس ڳالهيون روبي کي پريشان ڪن ٿيون. من اندر باهہ جا ڪورا دکي ٿا پونس ... صبر جو دامن وٺائنس ڇڏائجي وڃي ٿو، وڄ جيان اسلم تي ڪڙڪي ٿي پوي، "واهہ اسلم واهہ ... مون تہ پانيو هو تہ تون منهنجو سچو چاهيندڙ هوندين ... پر تون تہ پيار ۾ فتح ۽ شڪست جو ڪاتو لڳائي رهيو آهين ...! تو سمجهيو آهي تہ مون روبيءَ کي حاصل ڪري وڏو تير هنيو آهي...فتح ڪئي اٿم ...! ڪيڏو نہ احمق آهين ... جسم جي حاصلات سان روح ڳنڍجي نٿا سگهن چريا...! مون بابا جي ڳالهہ کي اهميت ڏئي اهو سمجهوتو ڪرڻ پئي چاهيو تہ مان هاڻي نئين سِر اسلم سان جيون گهاريندس ... ماضي جون سيئي يادون من اندر ۾ دفن ڪري ڇڏينديس... پر تو تہ منهنجي رتو چاڻ روح کي ويتر رتو رت ڪري ڇڏيو ... تو تہ مون کي بيهر ماضي ڏي ڌڪي ڇڏيو ... مون کي توسان ملي اڄ اها خبر پئجي ويئي تہ جنهن اسلم مون کي چاهيو هيو، تنهن منهنجي حاصلات کي پنهنجي انا جو مسئلو بڻائي ڇڏيو هو ... تو روحاني تسڪين کان وڌيڪ جسماني بک کي پنهنجي توانائي سمجهي هئي ... . هاڻي جڏهن مان سيئي رسمون ُڪري تنهنجي بنجي وئي آهيان ... تڏهن توکي اهو چٽو ٿي پڌايان تہ تون فقط روبي جو جسم ئي فتح ڪري سگهيو آهين، روح نہ!!!"

اسلم حيران اکين سان ڪيس ڏسندو رهيو ۽ روبي ڳوڙهن سان پريل اکيون بند ڪري ڇڏيون.

# سبب

اج جڏهن مون مشاعري ۾ پنهنجو غزل پيش ڪيو ته ڪنهن به واهه واهه نه ڪئي، مورڳو سيني جا منهن اٿلي پيا! ڄڻ مون ڪو شعر نه پڙهيو هجي، پر هنن جو ڪو ڏڱو ڏور چوري ڪيو هجي! مشاعرو پنهنجي اختتام تي پهتو، سڀ ڪو پنهنجي سنگت سان غير رسمي ڪچهري ۾ لڳي ويو. مان به پنهنجي ٻن شاعر دوستن ضمير شاهه ۽ دانش نواز سان ڳالهين ۾ لڳي ويس. ضمير شاهه مون سان مخاطب ٿيندي وراڻيو، "يار ڪامران! تو اڄ به اهائي پراڻي شاعري پڙهي... دوست ڪجهه نئون به لکندو ڪر... شاعري ۾ نواڻ ۽ فڪريءَ ڏام به آڻ ... رڳو محبوب جا ڳل ڪم نه ايندئي ... يار ناراض نه ٿج ...! دوست آهين تڏهن توسان روبرو سچيون ڳالهيون ڪيون ٿا. اج جي دور جي مناسبت سان لکندو ڪر... پرڏيهي ادب جو مطالعو ڪر ته خبر پوئي ته هي وقت پاڻ ڪان ڪهڙيون تخليقون پيو گهري ...!؟ پنهنجي نوجوانن جون به رچنائون پڙهه ته هو ڪيترو نه خوبصورت نموني سان پنهنجي تخليق ۾ فڪري نواڻ آڻي رهيا آهن ... هن دور جي شاعري ۾ تخيل هجي، استعارا هجن، جدت هجي! الڳ پنهنجو اسلوب هجي ...! شاعري مان دقيانوسي ڪلچر ختم ٿي چڪو آهي!" شاهه پنهنجي ڳالهين سان مون کي لاجواب ڪري ڇڏيو، مون وٽ پنهنجي دفاع ڪرڻ جي لاءِ لفظ ئي نه هئا، پنهنجي ڪلام جي باري ۾ سوچيم ته مون کي واقعي به پنهنجا خيال ٻين جي پيٽ ۾ ڏاڏا ڇسا ڇسا محسوس ٿيا.

رات ٿي ته مان، دانش ۽ شاهه معمول موجب هوٽل تي چانهه پيئڻ آيا سين. مون سوچي اهو طئه ڪيو هو ته مان اج انهن کان صلاح وٺندس ته شاعري ۾ نواڻ آڻڻ جي لاءِ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اهو ڪهڙو نسخو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ رواني ۽ نکار آڻي سگهي ٿو!؟ ڪچهري هلي رهي هئي پر مان اپ سيٽ ٿي وينل هئس. دانش وراڻيو، "يار ڪامران الجهيل پيو لڳين ... خير ته آهي؟ ... يا شاهه واري ڳالهه مائينڊ ڪئي اٿئي؟ ... جو ائين اجهاٽو اجهاٽو ... نه ڪل نه خوشي...! نه گفتو نه گفتار!"

"نه يار.. شاهه واري ڳالهه ته مون لاءِ مشعل راهه بڻي آهي..." مون چيو.

شاهه مون تي طنز ڪندي وراڻيو، "ته پوءِ هاٽي ڇهري تي مُرڪ به آڻ ... تنهنجي منهن مان ته ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪا وزارت ڪسجي ويئي اٿئي!" شاهه جي انهي ڳالهه تي ٿنهي کان ٽهڪ نڪري ويو. مون سنجيده ٿيندي وراڻيو، "يار آئون اهو ٿو سوچيان ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي!؟"

دانش منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، ”توکي قبرون کوٽڻ گهرجن ... تون دنيا جو ناميارو گورڪن ٿي سگهين ٿو ... گورڪن ٿي وئين ته پوءِ محقق ٿيڻ ۾ به ڪا دير نه لڳندئي ...! باقي تنهنجي شاعر ٿيڻ جا چانس تمام گهٽ آهن!“

دانش جي ڳالهه مون کي چيڙائي وڌو، مون جذباتي ٿيندي وراڻيو، ”يار اوهين دوست آهيو ... يا دشمن؟پنهنجي منهن بس چالو ٿي پوندا آهيو ته بند ٿيڻ جو نالو ئي نه وٺندا آهيو... باقي ڪنهن سنگت ۾ سنجيده ٿي اوهان کان صلاح ورتي ته اوهان استيشن ئي ٻيِ ڪٽندا آهيو ... پوءِ شاعر نه پر مشڪرا پيا لڳندا آهيو...!“ مون مٿان منهن چاڙهي خاموشي اختيار ڪري ورتي، شاد وراڻيو، ”يار دنيا ۾ مذاق مشڪري ڪانسواءِ ٻيو خوش ٿيڻ جي لاءِ رهيو ئي ڇاهي ... پاڻ دوست آهيون ... هڪٻئي جي برداشت نه ڪنداسين ته پوءِ...!“ مون وراڻيو، ”بس شاد ... سوري يار مون اهو پئي پڇڻ چاهيو ته بهتر شاعري ڪرڻ جي لاءِ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي...؟ مان ڇا ڪيان جو منهنجي شاعري به اوهان جي شاعري جهڙي....“

شاد منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، ”يار ڪامران ڪنهن جي ذات سان ريس نه ڪرڻ گهرجي ... پر ان تي ته رشڪ ڪرڻ گهرجي ... باقي تنهنجي سوال جو جواب اهو ئي آهي ته پيڙا ئي جاندار تخليق کي جنم ڏيندي آهي ... لفظ ذهن مان پچي نڪرندا آهن...!“

مون وراڻيو، ”واهه ڙي شاد واهه ... عقل جو اڪابر آهين اڪابر ... ماٿهو جو مٿو ڪا چلهه يا ڀٽي آهي جو لفظ ان مان پچي نڪرندا آهن...؟ تون به عجيب خبرون ڪرڻ لڳو آهين ... !“

دانش وراڻيو، ”عشق ناهي راند ... خبر ڪاڻ ڪان پڇ ...! شاد تون به هن ڪر مغز سان پيو مٿو هڻين ...! هن کي ڪهڙي ڪل غمِ جانان ۽ غمِ دوران جي؟!“ شاد ٻيهر مون کي سمجهائيندي چيو، ”يار ڪامران شاعري ڪرڻ جي لاءِ درد ضروري آهي ... سوز کان سواءِ ڪا به سريلي سٽ تخليق ڪرڻ ممڪن ناهي...! مان اهو مڃان ٿو ته تون شاعر آهين پر تون عاشق ناهين ... تو نه ئي ڪنهن جي زلفن جو واس ورتو آهي، نه پيٽ بکين ديس واسين جي انگ اگهاڙن ٻچن جي درد ۽ بيوسي جو مشاهدو ماڻيو اٿئي ... تو اڃا ڪارو ڪاري جي شڪار ٿيل ٻڄندڙ سنڌ جي ناري جي چيخ به ناهي ٻڌي!“ شاد جي ڳالهه اڃا پوري نه ٿي هئي جو دانش وراڻيو، ”باقاعده شاعر ٿيڻو اٿئي ته پوءِ پهرين وڃي عشق جا چاليها پچاءِ ... باقي گهر ويٺي هٿ تري تي ڪجهه به نه ملندئي ... جڏهن عشق ڪندين تڏهن ئي توکي فطرت جو هر رنگ موهيندو ... اها ڳالهه ته ٻڌي هوندئي ته هر عاشق شاعر ناهي هوندو، پر هر شاعر عاشق ضرور هوندو آهي! محبوب جي شباب تي نه لکي سگهين ... ته وڃي سنڌ واسين جي مسئلن تي قلم کي جنبش ۾ آڻ ... انهن جي درد کي پنهنجي قلم جي زبان ڏي...!“

شاد وراڻيو، ”ڪامران، اها صلاح لک جي اٿئي... پر يار آهين ... تنهنڪري تو کي مفت ۾ ڏيون ٿا ... وڃي انهي تي عمل ڪر...!“

مون کي شاد ۽ دانش جون ڳالهيون دل سان لڳيون، سوچيم ته زندگي ۾ اهو به تجربو ڪري ڏسجي، سو مان به دل هٿن ۾ ڪٽي خريدار کي ڳولڻ لڳس. گهڻين ڳامن تي گهڻا ئي گذر ڪيم پر ڪٿان به ڪا موٽ نه ملي. مايوس ٿي اڪيلو رهڻ لڳس، اڪيلو جو ٿيس ته مون کي اڪيلائي جو به عجيب مزو محسوس ٿيڻ لڳو. هڪ ڏينهن شهر جي پبلڪ پارڪ تي وينو هئس. ذهن گردش ۾ هو ته دنيا دردن سان پري پئي آهي، پر الائي جي چو مون کي ڪنهن جو غم نظر نٿو اچي! اها شايد منهنجي نظر جي ڪمزوري آهي جو مان هڪ حساس شعبي سان وابسته هجڻ جي باوجود به ڪنهنجي پيڙا محسوس ڪري نٿو سگهان ...! يا ته وري مان خوش آهيان، تنهنڪري مون کي سڄو جهان خوش ٿو نظر اچي! مان اڃا انهن ئي سوچن ۾ هئس جو موبائل جي رنگ ٽيون سوچن جي سلسلي کي ختم ڪيو. هڪ ڪان پوءِ ٻي، بس اهڙي طرح ڪالن جي برسات ٿي وئي! نئون نمبر هو سو مان ڪجهه پريشان ٿي ويس. نيٺ آخر تنگ ٿي اهو نمبر جڏهن مون ڊائل ڪيو ته ڪال اٽينڊ ئي نه ٿي. منهنجي ذهن ۾ ان بابت ڪيئي تاثر پيدا ٿيڻ لڳا ته مان ته ڪنهن کي مس ڪال ڪونه ڏيان ته پوءِ اهو ڪير آهي؟ ... جيڪو مون کي بار بار ائين تنگ ڪري رهيو آهي ... آخر بيزار ٿي فون ئي آف ڪري ڇڏيم. سڄو ڏينهن انهن مس ڪالن بابت سوچيندي گذري ويو. پي سي اوز تان به ساڳيو نمبر ملايم، پر هن ڪال نه اٽينڊ ڪرڻ جو شايد قسم کڻي ڇڏيو هو. ڪافي ڏينهن ڪان پوءِ دوستن سان ڪچهري ڪرڻ وينس، ڪچهري ڪان فارغ ٿي جڏهن گهر جو رُخ ڪيم ته وري ڪال آئي. سوچيم ته او ڪي ڪري نيڪ ناڪ ڪري ڇڏ پٺيندوسانس، پر اوڪي ڪري اڃان هيلو ڪيم ته چوڪري جو آواز آيو، آواز نه هو ڄڻ ڪوئل جي ڪوڪار هئي، هن جي انداز بيان منهنجي حواسن تي جادو طاري ڪري ڇڏيو. هن وراڻيو، ”هيلو سر ... مان ثمرين پئي عرض ڪيان... اڳين ڏينهن وارين مس ڪالن تي معافي جي طلبگار آهيان ... اميد ته سر اوهان مون کي معاف ڪري ڇڏيو هوندو...اصل ۾ چاهي ته مان اوهان جي فين آهيان سر...توهان جي شاعري مون کي جنون جي حد تائين پسند آهي ... مان مختلف رسالن ۾ اوهان کي پڙهندي آهيان ... اوهان جي پيٽ ۾ بيا شاعر ته رڳو لباڙ هڻندا وتن سر ... ” هوءَ مسلسل ڳالهائيندي وئي ۽ مان ٻڌندو رهيس ... منهنجي دل تيزي سان ڌڙڪڻ لڳي. چاڪاڻ ته هوءَ منهنجي زندگي ۾ پهرين چوڪري هئي، جنهن مون سان ائين بي تڪلف ٿي ڳالهايو هو. هن جي ڳالهه جاري هئي، ”سوري سر ... مون ته يڪو تقرير شروع ڪري ڇڏي ... اوهان کي ته ڳالهائڻ جو موقعو ئي نه ڏنم ... توهين به ته ڪجهه ٻڌايو سر...“

مون اجان ڳالهائڻ جي ئي ڪئي جو وري ڪال ئي ڪٽجي ويئي. شايد هن وٽ بيلينس ئي ختم ٿي ويو، مون وٽ به بيلينس نه هو جو ڪال ڪيانس ها. هن جو آواز منهنجي جذبن تي جادو هلائڻ ۾ ڪامياب ويو. مون تي عجيب ڪيفيتون طاري ٿيڻ لڳيون. نه ڄاڻ ڪير هئي...ڪٿي جي هئي...هن ڪيئن نه منهنجي شاعري جي واکاڻ پئي ڪئي. پر منهنجي تر وارن شاعرن ڪي ته منهنجي شاعري وٽي ئي ڪانهي! ها، وڏن واقعي سچ چيو آهي ته پنهنجن وٽ قدر هوندو ئي ناهي! واقعي به مان باقائده شاعر آهيان ... شاعر به اهڙو جو اصل سنڌ جو چوٽون پايو...! اڄ ته خوشي مان اصل ماني به ڪانه وٽيم. سڄي رات هن بابت سوچيندي جاڳي گذاري ڇڏيم... صبح ٿيو ته سڄو ڏينهن هن جي ڪال جو انتظار رهيو، پر ڪال نه آئي. سوچيم ته مان ئي ڪال ڪري وٺانس، پر وري اهو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيم، متان هوءَ ائين نه سمجهي ويهي ته صفا ڪو واتڙي قسم جو شاعر آهي ...! ڪلي ڳالهايوسين ته نهي وياسين...! شام ٿي ته درياهه جو ڪنارو وٺي وڃي ويهي رهيو هئس. درياهه جي ٻئي ڪناري تي وٽڪار ۾ وينل پکي پنهنجي ٻولين سان ماحول کي موسيقي فراهم ڪري رهيا هئا. سوچيم ته ههڙي شاعراڻي ماحول ۾ جي هن جي ڪال اچي وڃي ته ست خير ٿي پون ... پر اهي سيئي خيال منهنجي ذهن جو خلل هئا. ٻه ڏينهن گذري ويا پر هن ڪا به موٽ نه ڏني. اڳ ۾ ته وقت گذرڻ جو احساس ئي نه ٿيندو هو، سنگت ساٿ سان ڪچهري ۾ ئي ڏينهن گذري ويندو هو، پر هاڻي پل پل ڀاري ٿي لڳو ... ٻن ڏينهن جي سوچن مون کي مجنون ڪري ڇڏيو هو. ذهني دٻاءُ به وڌي رهيو هو، ٻن راتين جي اوجاڳي سبب اڄ ننڊ به اچي رهي هئي، سو نه وٽندي به ڪجهه ماني کائي بستري پيڙو ٿيس. صبح ٿي، جاڳي موبائل اسڪرين تي ڏٺم ته هن جو ميسيج آيل هو. هن جو نالو اسڪرين تي ڏٺم ته جڻ جسم ۾ ساهه پئجي ويم. ميسيج پڙهي، ميسيج جو جواب، ميسيج سان ئي ڏنم. پوءِ ائين ئي ميسيجز جو سلسلو شروع ٿي ويو. هن پاران اريپيل رومانوي ميسيجز مون کي خوشفهمين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. شام جو وقت هو، درياهه جو ڪنارو وٺي وڃي رهيو هئس ته اوچتو هن مس ڪالون ڏيڻ شروع ڪيون. مون ڪال ڪئي ته هن اوکي ڪري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”سر! مڙيئي اڪيلي ويٺي هيس سو سوچيم ته اوهان کي ويهي تنگ ڪيان!“

مون وراڻيو، ’’ ثمرين، اوهان جي تنگ ڪرڻ جو اهو انداز ڏاڍو وڻيو.“

هن وراڻيو ”ٿينڪ يو سر... اوهان جي فون مان ڪانو پيو ٻولي!“

مان چرڪي پيس، سوچيم، مان ته ڪيس سونهن راڻي پيو سمجهان ۽ هُو ته مون کي ڪانو پئي ڪوٺي! ڪاوڙ جو اظهار ڪندي مون چيو، ”ثمرين شابس هجئي ... مان تو کي الائي ڇا پيو سمجهان ۽ تون مون کي ڪانو سان پئي ڀيٽ ڏين!“

هن مرڪندي وراڻيو، ”هه هه هه !! او سر مان توهان کي نه پئي چوان ... پر اوهان جي فون مان ڪانو...!!“

مون ماحول تي ڌيان ڏنو ته واقعي درياهه جي ڪناري تي وڻن منجهان ڪانگن جا آواز پئي آيا. مون صفائي پيش ڪندي وراڻيو، "سوري ... واقعي به ڪانو ٻولي رهيا آهن... ثمرين اصل ۾ مان هن وقت درياهه جي ڪناري تان گذري رهيو آهيان." هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، "اڇا ... سر درياهه ... پوءِ ڇو توهان اڪيلو پيا انجواءِ ڪيو؟..." مون حاضر دماغي سان جواب ڏيندي وراڻيو، "توهان جيڪڏهن ساٿ ڏنو ته پوءِ هي اڪيلائي ختم ٿي ويندي. هاڻي ٻڌايو ... ڪڏهن ٿا جلوه گر ٿيو...؟"

"جڏهن اوهان چاهيو."

"اڄ ئي هليا اچو!"

"نه نه اڄ ته نه سر... جڏهن قسمت ٿي ته ملي وينداسين... اها به ته ڏسو نه سر ڪيڏي وڏي ڳالهه آهي جو هڪ ئي وقت مان توهان جي شهر ۾ ۽ توهين مون سان منهنجي گهر ۾ مخاطب آهيو...!!"

مون وراڻيو، "ڳالهين سان پيٽ ڪونه ڀربو آهي ثمرين ...! هڪٻئي سان ملون... هڪٻئي کي ڏسون ته سهي!!"

ثمرين وراڻيو، "وقت آيو ته ڏسي به وٺنداسين سر ... پوءِ ڇڱو سر خدا حافظ!"

مون به خدا حافظ چئي فون بند ڪري ڇڏي. اڄ مان به ڳالهائڻ دوران هن آڏو شينهن بنجي پيو هئس. هاڻي اسان جي وچ ۾ خوش اسلوبي سان ڳالهائڻ جو سلسلو روز هلڻ لڳو. هن سان ڳالهائڻ سان مون کي ذهني سڪون ملندو هو. هن کان سندس ذاتي زندگي جي باري ۾ تفصيل پڇڻ جو سوچيندو هئس پر گفتگو ۾ ايڏو ته محو ٿي ويندا هئاسين جو هن کان ڪجهه به پڇڻ وسري ويندو هئم. چاهت جي انهن سلسلن منهنجي صحرا جهڙي من کي سيراب ڪري ڇڏيو هو. منهنجي من ۾ گلاب ٽڙڻ لڳا هئا. مون پنهنجي جيون ۾ پهريون ڀيرو سُرهاڻ محسوس ڪئي هئي. اها به ڪيڏي نه عجيب ڳالهه هئي جو مون هن کي ڏٺو نه هيو پر تنهن هوندي به ڪيس ديوانگي جي حد تائين چاهڻ لڳي ويو هئس. مون هن سان چاهت جو اڻ ڏٺو سودو ڪري ڇڏيو هو. ڪهڙ ڪير آهي؟ ڪٿان جي آهي؟ ڪهڙ ڪهڙي آهي؟ ۽ ڪيئن آهي...؟ اهي سڀئي ڳالهيون سوچڻ جي بنا ئي دل هن کي قبول ڪري ڇڏيو هو. جيئن جيئن وقت گذرندو ٿي ويو، تيئن تيئن اسان گفتگو ذريعي هڪ ٻئي جي قريب کان قريب تر ايندا ٿي وياسين! گفتگو جي دوران نه ئي هن کو تڪلف کان ڪم ورتو ۽ نه ئي وري مون کو حجابن جو عمل دخل ٿيڻ ڏنو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ مون هڪ ڏينهن پڪو پهه ڪيو ته اڄ هن تي زور وجهندس ته هاڻي رڳو موبائيل تي گپ شپ نه هلندي، مان ڪيس چاهڻ لڳو آهيان ... مان ساڻس.... !"

آئون اهو ئي سوچي رهيو هئس جو هن جي ڪال اچي ويئي. مون ڪال اٽيند ڪئي ته هن وراڻيو، "هيلو سر.... ڪيئن آهيو؟"

"مان ته نيڪ آهيان پر...!!"

”سر واقعي نيڪ آهيو يا ... ؟“
”ها ثمرين مان نيڪ آهيان ... ڇو توکي منهنجي ڳالهين تي ڀروسو ناهي ڇا...؟ ڇري جنهن سان تنهنجون دعائون گڏ هونديون، تنهن کي دنيا جو دغائون ڇا ڪري سگهنديون؟!“
هن وراڻيو، ”سر اوهان جي انهي ئي انداز ته مون کي ديوانو ڪيو آهي ... ڪيڏو نه ڪمال جو تا ڳالهايو سر ... !!“
”ڇڏ ثمرين ... دل تي رکين!“
”نه سر... ان ۾ دل رکڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. توهين ته واقعي ڳالهائڻ ۾ مهارت رکو ٿا! توهان سان ڳالهائڻ مهل مون وٽ ته لفظ ئي کٽي ويندا آهن... چپ ٿي ويندي آهيان مان سر!“
هن جي انهن ڳالهين ته مون کي آسمان تي چاڙهي ڇڏيو. مان ته اڄ صفا اڏامڻ لڳس. اڄ به هن سان دل جي ڳالهه ڪرڻ وسري ويئي! ائين ئي روز ٿيندو رهيو. ٻيا ڪيئي موضوع بحث هيٺ ايندا رهيا، پر ذاتي زندگي تي اڃا کلي ڳالهائي نه سگهياسين. هن جي دوري مون کي درد ڏيڻ لڳي. هن جي اڪير منهنجي ذهن کي وڏيڪ سوچڻ جي قوت بخشي! جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن هاڻي منهنجي شاعري ۾ به رواني ايندي ويئي. هاڻي ته ادبي ويهڪن ۾ مون وارن يارن جي به مون آڏو ڪا دال نه ڳرندي هئي. اهي ته هاڻي منهنجي خلاف غلط تاثر پيدا ڪرڻ جي لاءِ اجايا الزام هڻڻ لڳا ته ڪامران ٻين ٻولين جي شاعرن جا شاعرانا خيال چوري ڪري پنهنجو نالو پيو چمڪائي! پر انهن احمقن کي اها خبر نه هئي ته مان به هاڻي حضرت عشق جي چڪر ۾ اڙجي پيو هئس. هر وقت عشق جي گهوڙي تي سوار هئس، پر هنن ويچارن کي خبر پوي به ته ڪيئن!؟ مون ته ڪين ڪا اونت ئي نه ڏني هئي. سوچيو هوم ته ڪو نتيجو نڪري ته ڪين آگاهه ڪيان، هينئر مون وارو قصو هنن جي طنز جي نظر تي ويندو. ھو چوندا، هي درويش به هليو آهي آسمان تان چنڊ ۽ ستارا لاهڻ!
گهر مان ٻاهر نڪري در تي بيهي اڃا هن جو نمبر ڊائل ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪيم ته اتي ئي هن پاران ڪال اچي ويئي، ”هيلو سر ... ڪيئن آهيو؟“
مون وراڻيو، ”مان نيڪ آهيان ثمرين ... مون اڃا تنهنجو نمبر ملائڻ جي ڪوشش ئي ڪئي جو تيستائين توهان پاڻ ... ڇئبو ته پاڻ جي دل هڪ ئي آهي!“
هن وراڻيو، ”ڇو نه سر...!“
مون همت ڪري وراڻيو، ”ثمرين هاڻي مون کان تنهنجي دوري برداشت نٿي ٿيئي ...! ڇا تون منهنجي ڪمي...!؟“ هن وراڻيو، ”سر مان پاڻ توهان کي ڏاڍو مس ڪندي آهيان... پر ڇا ڪيون ... ائين ته پنهنجو ملڻ به آسان ناهي!“

مون چيو، ”چو آسان ناهي ثمرين ... مون توکي ڏسڻ بنا ئي دل سان چاهيو آهي ... ۽ تون به نه مون کي مس تي ڪرين ... پاڻ ۾نهي جون ڪيفيتون هڪ جهڙيون آهن ... پوءِ آخر چو ثمرين...؟ هنن دورين جو عذاب سهون؟؟! بس هاڻي مان توهان سان هر حال ۾ ملڻ چاهيان ٿو! هاڻي ڪو به بهانو ڪونه هلندو!“

منهنجي زور ڀرڻ تي هن وراڻيو، ”نه سر... توهان منهنجي مجبوري سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو...!“

”ڪهڙي مجبوري؟ .. . توهان مون کي انهي ڳالهه کان باخبر نه ڪيو ... پنهنجو تعلق هيتري وقت کان هلندو اچي هن موڙ تي پهتو آهي ... اتي به توهان جي مجبوري ...! توهان ٻڌايو نه سهي پنهنجي مجبوري!“

”محسوس ڪرڻ به نه ڳالهه هوندي آهي سر ... هر ڳالهه ٻڌائڻ جي نه هوندي آهي... ٿورو توهين سمجهه کان به ڪم وٺو سر!“

مون جذباتي ٿيندي وراڻيو، ”ثمرين تنهنجي چاهت مون کان سمجهه کسي ورتي آهي ... دنيا جي آڏو مان چا به هجان پر تنهنجي پيار مون کي تنهنجي اڳيان ٻي سمجهه ۽ معصوم بنائي ڇڏيو آهي ... مون کي هاڻي تو سان ملڻ کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اچي!“

هن منت وارو انداز اپنائيندي چيو، ”سر سر... توهان سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪيو. . .صفا ٻارن وارا انگل نه ڪريو سر!“

مون نراس ٿيندي وراڻيو، ”بس ثمرين مون کي ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي... اصل ۾ اوهان مون سان ملڻ ئي نٿا چاهيو ... ٺيڪ آهي ثمرين، پر منهنجي به هڪڙي ڳالهه ٻڌا! پاڻ شايد ان رستي تي سفر ڪري رهيا آهيون، جنهن جي ڪا به منزل ڪانهي! هلي هلي شايد اڙانگن پيچرن ۾ ڦاسي پئون  واپسي جو رستو به وڃائي ويهي رهون ... اهڙي نوبت اچڻ کان بهتر آهي ته پاڻ هتان کان ئي واپس موٽي هلون ... هتان موٽڻ، مشڪل ضرور آهي پر اجا ناممڪن ناهي ثمرين!“

هن وراڻيو، ”سر توهين اجايو جذباتي پيا ٿيو ... مون کي ته لڳي ٿو اوهان تڪجي پيا آهيو سر ....!“

مون ٿڌو ساهه ڀريندي وراڻيو، ”نه ثمرين.... تون جنهن ۾ ساڻ هجين  ... سو سفر ڪڏهن به ٿڪائيندڙ ثابت نه ٿيندو! آئون ته خوامخواه جذباتي ٿي ويس! شاعر ماڻهو آهيان.... مٽي جو ڦريل سو تنهنڪري...!“

هن وراڻيو، ”جذباتي ماڻهو دل جا صاف ٿيندا آهن سر ... توهين ته وري به شاعر آهيو ... شاعر ته هونئن ئي جهڙا اندر تهڙا ٻاهر!“ ڪجهه ڳالهائڻ کان پوءِ خدا حافظ چئي ڇڏيوسين.

هن جي ملڻ کان ماڻي مون کي جهوري ڇڏيو. پر وري اهو سوچيم ته مالڪ جڏهن مناسب سمجهندو تڏهن ملائي وٺندو ...! هونئن به موت ۽ ملاقات اوچتو ئي

ٽيندي آهي ۽ صبر جو قل ته هوندو ئي سواد وارو آهي! اهڙيون ڳالهيون سوچي سوچي دل کي ڏڍ ڏيڻ لڳس.

ان کان پوءِ وارو سڄو ڏينهن گذري ويو پر هن کو رابطو ئي نه ڪيو. هونئن ته هوءَ مس ڪالون ۽ ميسيج ڪري يادگيري جو احساس ڏياريندي رهندي هئي. سوچيم ته الائي منهنجي ڪلهوڪي جذباتي رويي هن کي ناراض ڪري ڇڏيو ڪٿ. اهڙا خدشا ختم ڪرڻ جي لاءِ مون سندس نمبر ڊائل ڪيو، پر سندس فون ئي آف هئي. پوءِ ته مون گهٽو ئي بار بار هن جو نمبر لڳايو پر هن جو نمبر آف ئي رهيو. مون کي سمجهه ۾ به آيو ته آخر ان جو سبب ڇا هو؟. اهو سوچي سوچي آئون پريشانين جي گهاٽي ۾ پيڙهجڻ لڳس. سڄي رات جاڳي گذاري ڇڏيم. هن جا تصور منهنجي جيءُ کي جهير ڏيڻ لڳا. ٻئي ڏينهن به هن جي فون بند ئي رهي. اوچتو ئي اوچتو هن جي بنا ٻڌائڻ جي ئي ڪنارا ڪشي مون کي بيوس ڪري ڇڏيو. هاڻي هن کي ڪٿان ڳولهيان؟ ... نه ڏس نه پتو ... وڃان ته آخر ڪهڙي پار وڃان...؟ منهنجو مٿو چڪر ڪائڻ لڳو. بيوسي جي باهه ۾ سڙڻ لڳس. ڪليجو ڪباب ٿي پيو!

ائين ئي اسان جي جدائي کي هفتو گذري ويو. دل جي حالت ڏاڍي عجيب و غريب ٿي ويئي هئي. دل ۾ ڪيترائي گمان ديرو ڄمائي ويهي رهيا هئا، ڇاڪاڻ ته هن جو ائين اچانڪ رابطو ٽٽي وڃڻ سمجهه کان ٻاهر هو. پرديسي پرين سان پيار جو پاند اٽڪائي هاڻي پڇتائڻ لڳو هئس، هاڻي ته مون تي شاعري جو به باقائده الهام ٿيڻ لڳو. اهڙا نڪور نڪور خيال سرجي رهيا هئا، جن منجهان درد جڻ پاڻ پسائڻ لڳو هو. جنهن تي سٽ ٻڌي، تنهن دانهن تي ڪئي. منهنجي پنهنجي حالت به ڏاڍي عجيب ٿي پئي هئي. ڏاڙهي وڌيل، وکريل وار، آليون اکيون، چهري تي غم جي ريکائن جون جهاتيون، ڄڻ مجنون جو ويڄهو مائٽ ٿي لڳس.

رات جو وقت هو، شاد ۽ دانش پارڪ ۾ ويٺل هئا. چوڏهين جو چنڊ چلولايون ڪري رهيو هو. مان به وڃي هنن جي پاسي ۾ ويهي رهيس. شاد مون ۾ چتائيندي وراڻيو، ”يار ڪامران ڇا ٿي ويو اٿئي...؟ نٽ وڃائي صفا مجنون ٿي پيو آهين!“

مون اڃا جواب ئي نه ڏنو جو دانش وراڻيو، ”يار شاد، ڪامران باقائده شاعر هاڻي پيو لڳي ... لڳي تو ته ڪا چوٽ لڳي اٿس ... شاعري به ته ڏسينس ... اصل سندس ڪوتائن مان درد پيو پلٽا ڏئيس.... ڇا اسلوب ... ڇا تخيل جو پرواز ... واهه... واهه...! يار ڪامران ڪٿي اسان واري صلاح تي عمل ته نه ڪيو اٿئي...؟“

مان به درد کي روڪي نه سگهيس، سو پنهنجي سڄي سيبتي پيار ڪهاڻي کين ٻڌائي ڇڏيم. ٻه ٻڌي اصل ٽهڪ ڏيڻ لڳا. مان اڄ هنن سان ڪچهري ۾ ايترو ته مگن ٿي ويس جو ڪجهه گهڙيون مون کان ثمرين به وسري ويئي. هونئن ته ٻن مهينن جي ڪا به گهڙي اهڙي نه هئي، جنهن ۾ هن جي سوچن منهنجو ساهه نه منجهايو هجي ... اڄ ته مون اهو پڪو پهه ڪري ڇڏيو ته پرديسي پرين جو ڪهڙو

پروسو؟ ... وري به اهو ته هن جو ٿورو هو جو هن جي ڪجهه وقت جي ساٿ مون کي پيار جي مفهوم سمجهڻ جي صلاحيت بخشي! سندس فرقت مون کي شاعر ته بڻائي ڇڏيو. مان ڪجهه وقت شاد ۽ دانش سان ڪچهري ڪري گهر واپس وري رهيو هئس، تيستائين ڪنهن جي ڪال اچي ويئي. نمبر ڏسڻ کان پهرين دل ائين ئي ٿي پانيو ته شايد ثمرين آهي ۽ ٿيو به ائين ...! مون سوچيو ته اوکي ڪري ساڱس سيئي سور سليندس. ڪيس سندس ستم ظريفي تي ميارون ڏيندس.

مون اوکي ڪيو ته هُن وراڻيو، ”هيلو سر ... مان واقعي به ڏاڍي شرمنده آهيان ...! . پر اوهان کي مبارڪ هجي اوهان جي مون سان ٽيليفونڪ ٽاڪ اجائي نه ويئي ... مان هينئر ٽي وي جي ادبي پروگرام جي ڪامياب هوسٽ آهيان ... مان جيڪو ڪجهه به آهيان سان اوهان جي ئي بدولت آهيان سر ... اوهان سان رابطي ڪرڻ جو مقصد به اهو ئي هيو سر ته مان ڪنهن شاعر سان گفتگو ڪري پنهنجي ڳالهين ۾ خوش اسلوبي آڻيان ... پنهنجي ٻولي کي شاعراڻو رنگ ڏيان...! اهو سڀ ڪجهه مون اوهان کان ئي سکيو ... اوهان منهنجا استاد آهيو سر... مان اوهان جو اهو ٿورو عمر ڀر ياد رکنديس. ٻي ڳالهه ته منهنجي هن مهيني جي 25 تاريخ تي پروگرام ڊائريڪٽر سان شادي پڻ ٿي رهي آهي! اوهان کي دعوت نامو اماڻي ڇڏيو اٿم ... ضرور اچجو...اوهان جو مون کي انتظار رهندو سر!!“

# پيرن ۾ ڪوڪا

ڪراچي جي ڪاٽن فيڪٽري مان ڪجهه ڏينهن جي موڪل تي ڳوٺ ڏي وري رهيو هئس. تقريبن پنجن مهينن کان پوءِ ڳوٺ جي آزاد فضا مان لطف وٺڻ جو موقعو نصيب ٿيو هو. سرڪاري نوڪري جو آسرو پلي زندگي جي گاڏي کي ڌڪڻ جي لاءِ ڪراچي ۾ ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏني هيم. ڳوٺ جي چڪ، دوستن يارن سان گهمڻ، ڳوٺ جي ڪنهن الهڙ دوشيزه جي زلفن جو اسير بنجڻ ۽ ماءُ جي ويجهو رهڻ لاءِ دل تہ آتي رهندي ئي هئي، پر وقت سان گڏ هلڻ جي لاءِ انهن سيني کان ڏور رهڻ جو سمجهوتو ڪرڻ مجبوري هئي. نہ تہ ڪير ٿو پنهنجا ڪک ڇڏي! ڇهن ڪلاڪن جو سفر طئہ ڪري منزل تي پهتس. ڳوٺ جي زمين تي پير رکندي عجيب ڪيفيت تي وئي. ڄڻ ڪنهن نئين دنيا ۾ اچي ويو هئس. ڳلين ۾ راند روند ڪندڙ ٻار، فضا ۾ سندن شور ۽ ٽهڪڙن جا پڙاڏا، گهرن ۾ ٻينل وٽن مان پکين جا ايندڙ مٺر ٻول ماحول مان خاموشي ختم ڪرڻ جا جتن ڪري رهيا هئا. هر شيءِ سادي ۽ ڀرپور کان آجي لڳي رهي هئي. منهنجي گهر ڏانهن ويندڙ ڳلي ۾ چاچي ڪمون جو ننڍڙو دوڪان آهي، سندس اهو دوڪان هر واندي ماڻهو لاءِ وندر آهي، چاڪاڻ تہ چاچا ڪمون هر آزاريل جي لاءِ آٿت ٻٽيل آهي. ڪو ڪيڏو بہ پريشان ڇو نہ هجي پر جي چاچا سان ڪچهري ڪري اٿيو تہ سڀ غم وساري پوءِ اٿندو. چاچا جي ڪچهري، ان ۾ ڪل ٻوڪ، راجائن ۽ پرين جا قصا، زماني جا افسانا، همتن ۽ حوصلن واريون خبرون...مطلب تہ هي درويش هر فن مولا آهي. جيڪو بہ ماڻهو سندس ڪچهري ۾ اچي وينو تہ چاچا ساڻس ائين رلي ملي ويندو ڄڻ ڪو ساڻس ڪا پراڻي ڄاڻ سڃاڻ هجي! وري آهي بہ نانگو مسافر! بس ڳوٺ وارن جي لاءِ ياڻ وندر ٻٽيل آهي سو ڳوٺ وارا ساڻس وندريا پيا هوندا آهن. هن جي خلوص، محبت ۽ پنهنجائپ مان مون کي ماڻهپي جي خوشبو ايندي آهي. چاچي ڪمون جي دوڪان تي پهتس، وٽس انور وينل هو. چاچا مون کي ڏسندي ئي دوڪان مان ٻاهر نڪري آيو. سڪ مان ڀاڪر وجهندي ميارون ڏيڻ لڳو، ”او وڏي شهر جا وڏا ماڻهو...! يڪو وڃي ويهي رهين...! نہ سار نہ تار...؟ائين بہ متبو آ چا...؟ڪڏهن ڪڏهن تہ ساربو آهہ.“ چاچي ڪمون جي ڀاڪرن ۽ ميارن ۾ پنهنجائپ هئي. انور پريشان پئي لڳو. مون وڃي ڪيس هٿ ڏنو ۽ چوڻ لڳس، ”بس چاچا چا ڪجي...!؟ وقت گذر ڪرڻ جي لاءِ ماڻهو کي نہ ڄاڻ ڪهڙا ڪشالا ڪٽڻا تا پون ... اڄڪلهہ استاد ابراهيم جو گيت، ’دنيا ۾ نہ چا چا ڪرائي تي ماني ...! رلائي تي ماني، پنائي تي ماني! ‘ ڪونہ ٻڌندو آهين چا؟“

چاچو وراڻيو، ”ها پٽ... سچو آهين ...! ويني ڪا بہ هڙ حاصل ڪانہ ٿيندي ... سچل سچ چيو آهي ... جو دم غافل، سو دم ڪافر ...! “

آئون دوڪان جي اندر رکيل بينچ تي انور جي پر سان ويهي رهيس. انور ڏاڍو اداس ۽ الجهيل محسوس ٿي رهيو هو. هڪ غريب جو ٻار، ٻيو وري عشق جي پويان خوار!. . سو سندس پريشان ٿيڻ ته فطري ڳالهه هئي. ڳوٺ جي چڱي جي ڌيءُ سان اکيون اڙايون هئائين، سندس خبرن موجب مومل به هن کي چاهيندي هئي. پر ڳوٺ جي قائدي موجب چوڪري جو چاهڻ سيڪجهه نه هوندو آهه، چاهڻ ته پري جي ڳالهه پر ان باري ۾ سوچڻ به نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهڻ جي برابر هوندو آهه. آئون جڏهن ڳوٺ هئس تڏهن انور کي هدايتون ڪندو هئس ته، ٻن ڪنوارين پينرن جو پاءُ ۽ پوڙهي پيءُ جو اڪيلو پُٽ آهين، پنهنجي مستقبل ۾ باري ۾ سوچ...زندگي جهڙي تحفي جو قدر ڪر .. . ڪيس ڪنهن خاص مقصد تحت گذار ... ته جيئن جيڪي اميدون تنهنجي عزيزن توسان جوڙيون هونديون، سي سڦل ٿي سگهن! پر هُو اهي سيئي ڳالهيون بيڪار پائيندو هو. منهنجون سيئي نصيحتن پريون ڳالهيون هن جي مٿي مان محبت جو جن ڪڍڻ ۾ ناڪام ويون هيون. هڪ ڀيري ڪچهري دوران هينئن به چيو هومانس، ”تنهنجو اڄ جو عشق ائين نه ٿيئي جو سياڻي باعثِ نفرت بنجي پوي! ۽ تنهنجي لاءِ متان ڪو ڏچو ڪڙو ٿي پوي ...! انور تنهنجو انهن سيني ڳالهين کي منهن ڏيڻ وس کان ٻاهر ٿي پوي ... ڏس تون غريب جو ٻار آهين منهنجي نيڪ صلاح اٿئي ته هينئر ئي مُڙي وڃي ... يقينن تو آٿم جون هي سٺون ٻڌيون هونديون،

اهڙو پيار ڪهڙي ڪم جو؟ جو پيرن ۾ ڪوڪا ٺوڪي!

انور منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، ”يار شاعر ته هوندا ئي سر ڦريا آهن. هنن کي ته ٻيو ڪو ڪم ئي نه هوندو آهه سواءِ شاعري ڪرڻ جي! سو هر ڳالهه ٺورئي سوچي سمجهي لکندا آهن ... “

مون وراڻيو، ”انور، شاعر ڪا به ڳالهه ڪوڙي ڪونه لکندا آهن، هو دردن ۽ پيڙائن مان گذري مشاهدو ڪري پوءِ ئي ڪا پنهنجي راءِ سٽن ۾ پيش ڪندا آهن. هنن جي ڳالهه مشاهداتي ۽ تجرباتي هوندي آهه، ائين جيڪڏهن شاعري ڪرڻ آسان هجي ها ته تون ۽ مان به شاعر هجون ها. “

هن چٽر ڪندي وراڻيو، ”هڻ اوڙاهه ۾ ان مخلوق کي ...! پر احمر هڪڙي ڳالهه ٻڌاءِ ته ڇا پيار ڪرڻ پاپ آهه...؟“ مون ڪيس وڌيڪ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي نرمي سان وراڻيو، ”نه يار پيار ڪرڻ ڪو پاپ ناهي ... پر پاڻ غريب ماڻهو آهيون ... انور هن وقت دنيا جو وڏي ۾ وڏو مسئلو پيٽ آهي، پيار ناهي! عزت سان جيڪڏهن ڪٿي کي پنج روپيا ڪمائيندين ته تو کي پوءِ دنيا جو هر پيار راس ايندو، نه ته نفرتن ۾ دامن پيو ليڙون ليڙون ڪرائيندين! ... “ انور وراڻيو، ”يار احمر تون دنيا دار ماڻهو آهين، تنهنجي دل ۽ دماغ ۾ رڳو پنج روپيا ڪمائڻ جي هوا ڀريل آهه، ڪنهن جي زلفن جو اسير ٿي ته ڏس ...! ته خبر پوئي ته دنيا داري سٺي آهي يا دلداري...!“

مون چيو، ”نه يار ائين ڪونهي! منهنجي سيني ۾ به ڌڙڪندڙ دل آهي ... ان ۾ به احساس ۽ خواهشون آهن ... پر پيارا هي دنيا آهي ... هن ۾ وک وقت سان گڏ ئي کڻڻ گهرجي. هتي سوڙ آهر پير ڊگهيڙڻ گهرجن. مان نه وري به تو کي عرض ٿو ڪريان ته تون پاڻ پنهنجي پيرن تي ڪهاڙو نه هڻ... “

هن وراڻيو، ”يار انهن چوڻين جو پلا پيار سان ڪهڙو واسطو...؟ اڙي چريا دنيا ۾ جنهن به پيار ڪيو اهو امر ٿي ويو. دوست پيار ڪرڻ وارا دنيا جي لاءِ مثال بڻيا. اچ به ڏس، صديون پڄاڻان، هير رانجهو، ليلا مجنون، مومل راڻو، سسئي پنهون ۽ شيرين فرهاد جو پيار پڄارجي پيو...!“

مون ڪيس ورندي ڏيندي چيو، ”پر يار ان وقت ۽ هن وقت ۾ وڏو فرق آهي...! اهي مجنون...“ هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، ”ڪوبه فرق ڪونهي... ساڳيو سج لهي اڀري پيو ...! ساڳيون ئي موسمون قرن گهرن پيون ...! دنيا ۾ آيل سڌاري ڪي تون فرق سڏي رهيو آهين ... بيوقوف آهين تون ... پر يار احمر منهنجي هڪڙي ڳالهه ٻڌي ڇڏ! تنهنجون اهي ڳالهيون مون تي ڪو اثر ڪرڻ واريون نه آهن ... مون کي پنهنجي پيار تي پروسو آهي... منهنجو عشق منهنجو امام آهي، سچي عاشق سان الله پاڻ گڏ هوندو آهي!“

ڪنهن حد تائين پنهنجي دليلن سان هن مون کي ڪُتائي ڇڏيو، مون هن تي ٻيهر زور ڀريو، ”پر يار تو جنهن ڇوڪري سان اکيون اڙايون آهن، سا تنهنجي پهچ کان مٿي آهي! هن جا پائر نه توکي پر ۾ ويهارڻ به پسند نه ڪندا ... تون پاڻ لاءِ اجايون پيو ڪڏون ڪوٺين!“

هُو منهنجي ڳالهه تي چڙي پيو، ”تون منهنجو وارث ناهين ...! مان ڄاڻان منهنجي محبت!“ اسان ڪنهن کان ڊڄون نٿا! توکي خبر ناهي، هُوءَ مون کي مون کان به وڌيڪ ٿي چاهي ... باقي جيڪا تون برابري جي لباڙ هٽي رهيو آهين، تنهن کي ڪو به پڙهيل ڳڙهيل نه مڃيندو ...! احمر محبتون اوچ نيچ نه ڏسنديون آهن. بس جنهن سان دل اڙي، تنهن تان سر صدقي!“

مون کي پڪ ٿي ويئي ته هن تي منهنجون ڳالهيون اثر ڪرڻ واريون ناهن. پر تنهن هوندي به کيس آخري ڀيرو صلاح ڏيندي چيم، ”بس انور، وڌيڪ تنهنجي پنهنجي زندگي آهي، تون ڄاڻ تنهنجو جيون! مان وري به توکي وقتائتي اها ئي صلاح ٿو ڏيان ته مُڙي وڃ! محبت جو مطلب حاصلات ناهي ...! محبت روح سان ڪبي آهي، جسم سان نه! جيڪو ماڻهو رڳو منهن کي ڏسي اکن ڇڪن ٿي وڃي، سو پريمي نه پر حوسي هوندو آهي...! منهنجي مڃ. سياڻي جي رسوا ٿيڻ کان بهتر اٿئي ته اڄ ئي ارادو بدلائي ڇڏ ... هونئن به توهان جو ملڻ به ديواني جي خواب جيان آهي! سياڻي جي وڇوڙي کان ڇگو اٿئي ته اڄ ئي...!“ منهنجيون سچيون ڳالهيون هن کان برداشت نه ٿي سگهيون. هُو منهن مٿائي هليو ويو.

دل ته چاهيو ته خدا شل هن جي پيار جو غوراب پار پڄائي، پر اهو ممڪن نظر نٿي آيو. ان ڏينهن کان پوءِ مون کي ۽ انور کي ڪراچي جي هڪ ڪاٽن فيڪٽري ۾ ڪم جي آڇ ٿي. مون هن تي به زور پريو پر هُو عشق جي گهوڙي تي سوار هو، سو هن بهانو بنائي ڪراچي هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. پر آئون اڪيلو هليو ويس.

آئون جڏهن هاڻي ڪجهه عرصي کان پوءِ ڳوٺ ۾ موڪلون گذارڻ آيس، ته هن جي حالت ڏسي دل ڏکي پئي. هي ڪافي تبديل هو. وار وکريل، اکيون آليون ۽ هن جي چهري تي عجيب اداسي هن جي اندر ۾ برندڙ باهه جي نشاندهي ڪري رهي هئي. هُو مون کي جسماني طور تي ڏاڍو ڪمزور ۽ ذهني طور تي ڪافي هيسيل لڳي رهيو هو. دل چاهيو ته ڪائنس حال احوال وٺان سو پڇيومانس، ”يار انور ... تون ته ٻڌاءِ ... تنهنجا حال ڪهڙا آهن؟...۽ ها اهو به ته ٻڌاءِ ته ڇا ٿيو تنهنجي عشق جو...؟تنهنجي پيار ڪا بهار ماڻي يا تي ويو خزان جي حوالي؟“

منهنجي سوال تي هُو ويتر ڏڪارو ٿي ويو، هن جي چهري مان دل شڪسته هئڻ جو پتو ٿي پيو. هن ڪجهه به نه ڪڇيو، سوچيم ته شايد غلط ڪري ڇڏيم، مون کي ائين ئي بنا سوچڻ سمجهڻ جي يڪدم اهڙو سوال نه ڪرڻ گهرجي ها. خاموشي ٽوڙيندي چاچا وراڻيو، ”پُٽ احمر هي توکي ڇا جواب ڏيندو....؟ هنن ويچارن سان وڏو ويل ٿي ويو آهي...اهڙي جڻ ته شل ڪنهن دشمن سان به ... “ چاچا ڪمون جي اکين جا بند ٽٽي پيا، هن کان وڌيڪ ڳالهايو نه ٿيو. ماحول اداس ٿي ويو. مون کي جيڪي خوف خدشا هئا، سي حقيقت ۾ بدلجڻ لڳا. چاچا ڪمون لڙڪ اگهندي وراڻيو، ”پُٽ هنن مسڪينن سان به اهو ئي ٿيو، جيڪو اڪثر ٿيندو رهندو آهه ... هن ڇريي کي اها خبر نه هئي ته چنڊ کي رڳو چتائي ئي دل خوش ڪبو آهي پر حاصل ڪرڻ جي ابتي خواهش نه ڪبي آهه... “ مون چاچا ڪمون کان وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪندي وراڻيو، ”چاچا مون کي تون وضاحت سان ٻڌاءِ. “

چاچا وراڻيو، ”پٽ انور به مومل سان گڏ فرار ٿي شهر واري عدالت ۾ شادي ڪئي... پهريائين ته مومل هن جي حق ۾ بيان ڏنو، پر جڏهن ڪيس پنهنجن مائٽن سوگهو ڪرايو ... چوڪري دارالامان ۾ وڃي پنهنجي بيان تان ئي ڦري ويئي... ۽ هن انور تي اغوا جو الزام هڻي ڇڏيو ... پٽ احمر هو وڏا ماڻهو هئا، وڏن ماڻهن تائين رسائي هئڻ سو تن مڙيئي زور زبردستي چوڪري واپس ورائي ورتي ... باقي هن جو پوڙهو پيءُ ويچارو مومل جي مائٽن هٿان ڏاڍو ذليل ٿيو ۽ نيٺ جهان ئي ڇڏي ويو هليو...!“

مون چاچا ڪمون کان وڌيڪ پڇيو، ”چاچا هن تي ايڏي وڏي قيامت برپا ٿي وئي...ان جو پلا ڪو داد فرياد؟“

چاچا لهجي ۾ مزاحمت آڻيندي وراڻيو، ”داد ۽ فرياد ... سو به وري غريب جو...؟ پُٽ پوليس ڪيس به نه ورتو ... هنن هن کي چيو ته هن جو پيءُ مار وکهي مئو ئي ناهي،

پر هن ته پٽ جي ڪٽي قدم ڪٽڻ تي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي...! احمر، انور به هيترا ڏينهن ته جيل ۾ ئي هو، ڪالهه ته مس ضمانت تي ٻاهر نڪتو آهي ... باقي رهيس ماءُ ۽ ڀينرون، سو تن جو ته ڪو پتو ئي ناهي ته اهي ڪهڙي پار وڏيري جي هٿان عزت جي لٽجڻ کان بچڻ ڪان هلي ويون آهن... ؟!"

مون کي انور سان ٿيل اهڙي جٽ تي دلي صدمو پهتو. آئون پنهنجا لڙڪ روڪي نه سگهيس. چاڪاڻ ته اهو سڀ ڪجهه رڳو هڪ ڳالهه نه هئي پر هڪ سيلاب هو، جنهن هنن جي زندگي جي ٻتيلي کي لوڙهي ڇڏيو هو. مون کي ڳوٺ وارن جي خاموشي تي پڻ ڏاڍي حيرت ٿي. مون چاچي ڪمون کان پڇيو، "چاچا هنن مسڪينن سان ايڏي وڏي ڳوٺ ۾ ايڏي وڏي ويڌن ٿي، اوهين سڀ ڇا خاموش رهيا...؟ ڪنهن به وڏيري کي بخشش...؟"

چاچا ڪمون وراڻيو، "ٻيلي ڪنهن کي موچڙا ڪائڻا هئا...؟ ڪير وڏيري جي سامهون ٿيئي ها... خبر ته اٿئي ته هو بي ساڃاهه ماڻهو آهه... پنهنجي تي اچي ته سڄي ڳوٺ کي بدر ڪري ڇڏي."

ايتري ۾ انور رڙيون ڪرڻ لڳو، سندس چهري جو رنگ ئي ڦري ويو، اکين ۾ دهشت سبب ڳاڙهاڻ اچي ويس، چوڻ لڳو، "مومل منهنجي ئي آهي، هوءَ ڪنهن ٻئي جي ٿي نٿي سگهي، ٻلي ڪير ڇا به چوي پر مومل منهنجي من جي راڻي آهه، مون کان سواءِ مري ويندي... هوءَ بي وفا نٿي ٿي سگهي ... مومل مان ماڻيندس....!"

هو رڙيون ڪري پڇڻ لڳو، چاچا وراڻيو، "پٽ هي جيئن ئي جيل مان آيو آهي، انهي جي اها ئي حالت آهي، ويني ويني دورو پئجيو وجيس ... انور دماغي توازن وڃائي وينو آهي ... ڳوٺ ۾ اها به ڳالهه آهي ته هن کي آزاد به وڏيري ئي ڪرايو آهي ... ته جيئن ڳوٺ وارا هن کي ڏسي عبرت پرائين...!"

انور جي حالت ڏسي منهنجي دل روئڻ لڳي، هن کي جيڪو پيار مان لاڀ حاصل ٿيو هو، سو ته ڪنهن عذاب کان گهٽ نه هيو. مون چاچا کان موڪلائي گهر ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو ته تيستائين ڳوٺ جي مسجد مان اعلان اچڻ لڳو، "ڳوٺ ۾ رهندڙ سڀني مسلمان ڀائرن کي ڄاڻ تي ڏجي ته وڏيري دودل خان جي وڏي نياڻي هن جهان مان گذاري ويئي آهي ... !!" اعلان جاري هو، مون چاچا ڪمون ڏانهن نهاريو، هن دکي لهجي ۾ وراڻيو، "پٽ پڪ سان مومل به ماري ويئي، چاڪاڻ ته هو به وڏيري لاءِ گهر ۾ پريشاني جو سبب بنجي پئي هئي. هن مانگر مومل کي به نه ڇڏيو، ڳهي ڇڏيو!!"

مومل جي موت جي خبر سان سڄو ڳوٺ اداس ٿي ويو. يڪدم ماحول مان شور ختم ٿي ويو ۽ خاموشي ڇانئجي ويئي. ائين ٿي لڳو جيئن ڪو راڪاس ڦري ويو هجي! مون دل ۾ سوچيو، جيڪڏهن انور ان وقت آئم جي ستن کي مثبت وٺي ها ته شايد اڄ نتيجو اهو نه هجي ها!

# ڪُن

وال ڪلاڪ جي سيڪنڊ ڪانٽي جي ٽڪ ٽڪ وقت جي پل پل جي گذرڻ جو احساس ڏياري رهي هئي. هيومن ويلفيئر آرگنائيزيشن جي آفيس وارا پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ رڌل هئا. هال ۾ ويٺل انهن نوجوانن ۾ سرمد به شامل هو، جن کي شارٽ لسٽ ٽيڻ کان پوءِ انٽرويو ڪال آئي هئي. هاڻي ته سماجي ادارن ۾ شارٽ لسٽ ٿيڻ به وڏي ڳالهه ٿي پئي آهي ڇاڪاڻ ته ادارن ۾ جڙيل لابين جي مهر سان نئين ماڻهو جي قابليت، ريفرينس جو مانگر ڳهي ڇڏي ٿو!

اڄ هتي سيني جي چهرن تي اميد جو ڪِرڻو نظر اچي رهيو هو. پهرئين اميدوار جو زباني انٽرويو جاري هو. سرمد هر هر گهڙي ڏسي رهيو هو، سندس نمبر نائون هو. سرمد سوچي رهيو هو، جيڪڏهن هي نوڪري ملي ويئي ته پوءِ بابا جي علاج جي به اميد ٿي پوندي. گهر جي چُلهه به وقت سر ٻري پوندي، ۽ پيٽن کي چار وڳا ڏاج ڏيئي سندن رخصتي به ڪري وٺندس. سرمد جي گهر جو ڪار وهنوار سندس پيءُ جي پينشن تي هلي ٿو. اسڪول جي نائب قاصد واري نوڪري مان رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ مليل پينشن قرضن ۽ سندس ماءُ جي آپريشن ۾ ختم ٿي ويئي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به سندس پيءُ ڪجهه وقت ريڙهي تي فروٽ سبزي رکي وڪڻندو هو، پر گذريل ڇهن مهينن کان ڇاتي ۾ شديد سور، دم ۽ کنگهه سبب بستري پيڙو ٿي پيو هو. تنهن کان پوءِ بس فاقه ڪشي جي ڏائڻ سرمد وارن جو رت پيئڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. سرمد پٽي ستي بي_اي ڪئي ۽ نوڪري جي لاءِ گهٽو ئي جتيون گسايون پر اڃا تائين ڪيس ڪجهه به حاصل نه ٿي سگهيو، اڄ واري انٽرويو ۾ وڏي اميد سان آيو هو.

سرمد اڃا اهو سوچي ئي رهيو هو ته هڪ ڪلين شيو، پينٽ شرٽ پهريل سمارٽ نوجوان سرمد کي ٻاهر اچڻ جو اشارو ڏنو. سرمد کي ڏاڍي حيرت ٿي، ڇاڪاڻ ته هُو ته ان کي سڃاڻندو ئي نه هو. سرمد پڇيس، ”مان؟“

هن وراڻيو، ”جي جي، توهان ئي ... اوهان به منٽ ٻاهر اچو پليز!“

سرمد هن جي اشاري تي هن جي پٺيان هال کان ٿورو ٻاهر آيو، هن اجنبي نوجوان جي چهري تي ڏاڍي نماڻائي هئي. هن جون اکيون آليون هيون، ڏاڍي درديلي لهجي ۾ وراڻيو، ”ياءُ جي اوهان مائينڊ نه ڪيو ته پليز مان اوهان کي هڪ عرض ڪريان؟“

هن جي اداسي سرمد کي پل ۾ پگهاري ميڻ ڪري ڇڏيو، سرمد چيس، ”جي جي ادا چئو!“

هن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. رومال سان اکيون اگهي وراڻيو، ”ياءُ منهنجي امڙ جناح اسپتال جي ICU وارڊ ۾ داخل آهي. مان ڏاڍو پريشان آهيان. جي اوهان مهرباني ڪريو ته مان اوهان جي نمبر تي انٽرويو ڏيان... توهان منهنجي...!“

اهو ٻڌي هيڪر ته سرمد جي دل ۾ خيال آيو ته هن جي ماءُ ته وري به ڊاڪٽرن جي نظرداري هيٺ ICU ۾ آهي، پر منهنجو والد ته جهريل جهوپڙي ۾ هڪ الله ۽ ٻيو منهنجي آسري تڙپي رهيو آهي؛ پر وري اندر جي انسان سرمد کي صبر جي هدايت ڪئي ۽ هن پنهنجو نمبر هن کي ڏئي ڇڏيو، ”ٺيڪ آهي ياءُ، توهان پلي منهنجي نمبر تي انٽرويو ڏئي وڃو.“

نوجوان جون واڇون ٽڙي پيون، هُن وراڻيو، ”مهرباني ياءُ.. مان توهان جو هي احسان...“ سرمد سندس ڳالهه ڪٽيندي وراڻيو، ”ڇڏيو...ان ۾ ڪا به احسان جي ڳالهه ناهي، بس دعا ڪجو.“

نوجوان سرمد کي پنهنجو نمبر ڏئي ۽ پاڻ هال ۾ هليو ويو.

ڏک ڏسي ڏسي، هاڻي جڻ ته سرمد کي سورن سهڻ جو به تجربو ٿي ويو هو، تڏهن ئي ته هُن پنهنجي مشڪل کي نظر انداز ڪري، ٻئي جي مشڪل کي آسان ڪري ڇڏيو.

وقت گذرندو رهيو ۽ انٽرويو به ٿيندا رهيا. انٽرويو جو ٽائيم 9 کان 4 بجي تائين مقرر ٿيل هو. هلندي هلندي ٻنپهرن جا ٽي ٿي ويا، ٻارهين نمبر جو انٽرويو جاري هو، سرمد جو نمبر 22 هو. باقي هڪ ڪلاڪ ۾ ڏهه اميدوارن جو انٽرويو ٿيڻو هو. انٽرويو سست رفتاري سان ٿي رهيا هئا، سو اهو وقت تمام مشڪل لڳي رهيو هو. اها مشڪل تڏهن مسئلو ٿي پئي جڏهن چار ٿي ويا، پر ان وقت اڃا 21 نمبر جو انٽرويو جاري هو. سرمد جي من ۾ آنڌ مانڌ مچڻ لڳي، ڇاڪاڻ ته ان کان پوءِ هن جو انٽرويو هو. اوچتو ان ئي وقت آفيس جي بيل وڄي، بيل جي آواز تي پٽيوالو اندر ويو. انٽرويو ڏيندڙ اميدوار ٻاهر نڪتو ته سرمد وڏي دروازي وٽ پهتو ته پٽيوالي هن کي روڪيو ۽ سڀني اميدوارن کي متوجهه ڪندي وراڻيو، ”توهان سڀني کان معذرت ٿي ڪجي، انٽرويو ٽائيم ختم ٿي چڪو آهي. صاحب کي ضروري ميٽنگ تي اسلام آباد وڃڻو آهي، تنهنڪري اوهان کي وري ٻيهر گهرايو ويندو. “

پٽيوالي جي آگاهي جڻ سرمد لاءِ موت جو نياپو ڪٽي آئي. اندر ۾ جوڙيل خوابن جا محل جڻ واري جا نهيل ثابت ٿي پيس. سرمد جو رت گرم ٿي ويو، ”هي ڪٿان جي شرافت آهي...؟ اسان ڪٿان ڪٿان کان آيا آهيون، اسان جو به ته ڪجهه خيال ڪريو، اوهان جو وقت...!“ سرمد جي همت تي ٻين چوڪرن به گوڙ مچائي ڏنو، ”ها وقت سڀن جو قيمتي هوندو آهي، اسان به اڄ جي تاريخ جي انٽرويو لاءِ پنهنجو قيمتي وقت ۽ قيمت سيڙهائي آيا آهيون. هاڻ ته هر صورت انٽرويو ڏئي پوءِ ئي ويندا سين!“ ٻيو چوڪرو، ”ها، توهان کي هر حالت ۾ انٽرويو ڪرڻو پوندو!“

شور تي پٽيوالو گهبرائجي ويو، تيستائين هڪڙو اڌڙوٽ عمر جو همراهه آفيس منجهان ٻاهر نڪتو. بندرو، رنگ جو سانورو، اکيون ڳاڙهيون ۽ پيٽ ٻاهر نڪتل هئس. پارن مان آفيسر گهٽ ڪاسائي وڌيڪ لڳي رهيو هو. اسان جي احتجاج کي نظرانداز ڪري اڳتي وڌڻ لڳو ته پٽيوالي چيس، ”سائين هي ڇوڪرا ته گوڙ ڪري رهيا آهن ته هرو ڀرو اسان جو انٽرويو ڪريو. اسان پري پري کان آيا آهيون، اسان غريب آهيون. . !!“

هن تي ڪو به اثر نه ٿيو، لهجي ۾ رکاڻ سموئي وراڻيو، ”ڇو اوهان کي ٽائيمنگ جو پتو ناهي ڇا ...؟ ڪڏهن ڪتي رولز اينڊ ريگيوليشنس نه پڙهيا اٿئو...!“

سرمد وراڻيو، ”سر پڙهيا آهن، پر سر جيڪڏهن اوهان هڪ ڪلاڪ اسان کي وڌيڪ ڏيندا ته مان سمجهان ٿو ته ڪو به فرق نه پوندو! اسان جو به خرچ ۽ وقت سجايو ٿي پوندو، سر پليز اوهان اسان جي مجبوري کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.“

هن هڪ مغرور ٽهڪ ڏنو ۽ وراڻيو، ”وري به اها ئي ڄٽاڻي ڳالهه! هي پرائيوٽ آفيس آهي، سرڪاري ناهي، هتي هر ڪم پلاننگ تحت ئي manage ڪبو آهي. هتي چار جو مطلب چار ئي آهي! اوهان وڃي سگهو ٿا، اوهان پنهنجو وقت ضايع نه ڪريو.“

سرمد وراڻيو، ”سر پليز رحم ڪريو، مان پري کان آيو آهيان، منهنجو والد موت سان جهيڙي رهيو آهي، يقين ڪريو ته اڄ امان مون کي نڪ جي قلي وڪڻي ڪرائي جا پيسا ڏنا آهن، اوهان جي هڪ ڪلاڪ ڏيڻ سان ٿي سگهي ٿو ته هڪ گهر جو چلهو ٻري سگهي ٿو، هڪ ماءُ جو پنهنجي دعائن تي ڀروسو ٿي پوي! هڪ نوجوان کي جيئڻ جو حوصلو ملي پوي!“

هن جي منهن تي شيطاني ڪاوڙ جون لڪيرون ابري آيون، وراڻيائين، ”مون کي وڌيڪ تنگ نه ڪيو، مسئلا سڄي دنيا سان آهن، سڀ جا حل ته اسان وٽ نه آهن، اسان پنهنجا رولز ڀڃي نٿا سگهون!“

هن جي اهڙي انداز تي ٻين ڇوڪرن کي ڪاوڙ وٺي ويئي، ڇوڪرن منجهان هڪڙي وراڻيو، ”ڪلاڪ ڏيڊ وڌيڪ ڏيڻ سان اوهان جا رولز ٽا ٽٽن ...! هون !! جي اوهان اڄ انٽرويو نه ڪيا ته هي آفيس اڄ سلامت نه رهندي!“ ٻئي ڇوڪرو وراڻيو، ”ها ها، جيڪڏهن اوهان وٽ وقت ئي نه هيو ته پوءِ اوهان اسان سيني کي اڄ ئي ڇو گهرايو ...؟ هاڻي گهرايو اٿئو ته انٽرويو ڪريو!“ ٻئي وراڻيو، ”ها ها، اسان ڪان هر حالت ۾ انٽرويو ڪريو نه ته اسان بک ۽ بيروزگاري جا ماريل ته ڪجهه به ڪري ٿا سگهون اڄ!“

اميدوارن جو بدليل انداز ڏسي آفيسر ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿي ويو، ”ڇا ڪندا توهان ...؟ بدمعاشي ٿا ڪيو ...؟؟ اوهان جي اوقات ڇا..؟؟“

چوڪرن مان هڪڙي جذباتي ٿيندي وراڻيو،
”اوقات جا ٻچا...! اسان پاڻ ته اڄ مرنداسين پر مرندي مرندي تنهنجا به آنڊا اوجهريون ڪڍي ويندا سين!!“
ٿلهي آفيسر جو جسم ڪنبڻ لڳو. ڇهري تان پگهر پاڻي ٿي وهڻ لڳس، سرمد جي دل چيو ته انهي ٿلهي پيٽ وڏي کي ڳلي مان جهلي، زمين تي ڦهڪو ڪري، پر مڙي ويو. سرمد کي لڳو ته هن کي مجائڻ آسمان مان تارا لاهڻ جي برابر آهي، جيڪڏهن هن ۾ ڪي ڪٽا هجن ها ته هُو ضرور سندن مجبوري کي سمجهي مٿن رحم ڪائي ها، پر هن ۾ رتي به رحم جي نه هئي، رهندو چوڪرن جي جذباتي زبان ڪيس چيڙائي ڇڏيو، رهيو سوجهرو به ڇٽ تي ويو. هاڻي هو جڻ رڍن اڳيان رباب وڄائي رهيا هئا. پوزيشن ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ عملو اچي ويو، انهن هٿيارن جي زور تي سيني اميدوارن کي آفيس مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.
سرمد مايوسين جي هڙ مٿي تي رکي اچي بس اسٽاپ تي ويهي رهيو.
اڄ جڏهن هر ماڻهو ٻي کان اڳيان نڪرڻ جي چڪر ۾ آهي ، انهي ڊوڙ ۾ هُو ٻين کي پيرن هيٺيان لتاڙڻ کان به نٿو مڙي، اهڙي صورتحال ۾، سرمد پنهنجو نمبر ٻئي کي ڏئي، جڻ پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙو وهائي ڪديو هو! پر وري به دل ۾ اهو احساس هئس ته، متان هُو ڪائنس وڌيڪ ڏتڙيل هجي...! پر هن کان وڌيل ڏتڙيل ٻيو ڪير ٿي سگهيو ٿي...؟ جنهن جو پيءُ پيسن نه هئڻ جي ڪري علاج جي اڻاٺ سبب ڏينهون ڏينهن موت ڏي وڌي رهيو هو. گهر جو چلهه ٻرڻ به مشڪل ٿي پيو هو. ڀيڻن جي عمر شادي کان چڙهي رهي هئس. رُج ئي رُج ...! هُو انهي درد جي درياهه ۾ آهي، جنهن جو ڪنارو ته نظر ئي نٿو اچي ...! پر وري به هن جا حوصلا بلند آهن، ڪيس اڃا به واهرو ڀاران واهر ٿيڻ جي اميد باقي آهي! سوچن جي ويرون سرمد جي ذهن تي لهنديون ۽ چڙهنديون رهن ٿيون. واپسي وارو چئن ڪلاڪن وارو سفر ڏاڍو پيڙا وارو سفر رهيس، ڇاڪاڻ ته هُو گهران وڏيون اميدون کڻي ڪراچي آيو هو، پر وقت جي قدرن سبب هن جو جوڙيل اميدون پوريون ٿي نه سگهيون هئس. هن جي درد جو درمان ٿي نه سگهيو. ٿڪل ٽٽل وجود کڻي هارايل قدمن سان گهر موٽي آيو.
گهر جي ٻاهران پيءُ جي کنگهه جو آواز سندس ڪنن ۾ شيهي جيان لهڻ لڳو. اڄ ته کنگهه سندس ڇاتي چني رهي هئي! ڊاڪٽرن ڪيس ٻڌايو هو ته سندس پيءُ کي پراڻي ٽي_بي ۽ گڙدن جو مرض آهي! سندس علاج ڪنهن به سٺي سينٽر ۾ ممڪن آهي، پر مفلسي سبب عطائي ۽ سرڪاري ڊاڪٽرن جي حوالي ڪيل سندس پيءُ جي حالت ڏينهون ڏينهن ڳٽي جوڳي ٿيندي ٿي وئي! هُو ڪافي ڪمزور ٿي رهيو هو. ڳري هڏا ٿي ويو هو.
سرمد گهر ۾ داخل ٿيو ته مٿس پهرين نظر ماءُ جي پئي، ”پُٽ خير سان پڇي ته وئين...ڏاڍو ڪٿڪو ٿيو پئي...پُٽ، ٻڌاءِ ڇا ٿيو؟ ... “

ماءُ جي انهي سوال کيس امتحان ۾ وجهي ڇڏيو، گهر ۾ بيماري، مٿان وري بيروزگاري جو مارو! سرمد ڪجهه ڪچي نه سگهيو ته ماءُ وري وراڻيو، ”خاموش ڇو آهين... ؟ ٻڌاءِ پُٽ!؟“

سرمد ماءُ جي دل رکڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ نٿي چاهيو، ”بس امان ڇا ٻڌايان ... سمجهه ته ڪجهه به نه ٿيو...!“ ڳالهه مٽائيندي سرمد پڇيو، ”امان تون ٻڌاءِ بابا ڪيئن آهي؟ کيس ته ڪافي کنگهه پئي ٿيئي!“

ماءُ ٿڌو ساهه کڻي اندر جي اوٻاس ڪيندي وراڻيو، ”بس ڙي پُٽ! پاڻ جا ته نصيب ئي ڪي اهڙا آهن...! وري به سائين سٺائي ڪندو...! پُٽ بابهين جي طبيعت ۾ مزو ناهي، اڄ ته کيس رت جون الٽيون به آيون هيون!“

سرمد جو ساهه منجهڻ لڳو هو، ”او امان ... ڇ ... ڇ ... . ڇا.. ! ابا کي رت جون الٽيون!!“

سرمد جي ماءُ وراڻي، ”جي پُٽ!“

”ته پوءِ امان اوهان کيس دوا ڏني؟“

”جي پُٽ، ڏينهن جو دوا ڏني مانس...کيس ٿي پيرا وات مان رت آيو ... ٿوري دير پهرين به پور ماني جا ڪاڏا اٿس ... پر هاڻي ته ماني به ڳلي ۾ ڦاسي ٿي پويس ... “

سرمد سڌو ڪمري ۾ آيو، هڪڙي پيڻ پيءُ کي ونجهڻي سان هوا ڪري رهي هئي ته بي کيس زور ڏئي رهي هئي. هُو وڏا وڏا ساهه کڻي رهيو هو. سيراندي واري پاسي کان ويهندي سرمد پيءُ جي نراڙ تي هٿ رکندي پڇيس، ”بابا ڪيئن آهيو؟“

سندس پيءُ نڙي مان آواز ڪڍڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي، لفظ سندس نڙي ۾ ڦاسي ٿي پيا، ”پُ . . پُ ... پُٽ. . . ٻ. . بس س .. س... . سٺائي ... !“

سرمد کيس آٿت ڏيندي وراڻيو، ”بابا اوهان دلجاءِ ڪريو، سڀاڻي آئون اوهان کي انشاالله ڪنهن  سٺي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويندس... بس اوهان دلجاءِ ڪريو... آرام ڪريو بابا...!“

هن دعائيه انداز ۾ ڏڪندڙ هٿ مٿي کيا ۽ ڪنڌ سان هاڪار ڪئي.

سرمد ٻاهر نڪري ماءُ کي چيو، ”امان بابا کي هاڻي ڪجهه سڪون آهي، انشاالله آرام اچي ويندس، اڄ ته ڏينهن لڙي ويو آهي، سڀاڻي انشاالله ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کي ڏيکاري ڪو گس ڪيدناسين ... الله سٺائي ڪندو... نه ڄاڻ ڇو هُو اڃا اسان جو امتحان پيو وٺي! جڏهن ته پتو به اٿس ته اسان خاڪ جا پتلا، هيڏين آزمائشن جي ڇا سٽ سهي سگهنداسين!“

سرمد جي ماءُ وراڻي، ”ابا ائين نه سوچ! وڃ هٿ منهن ڌوئي اچ ۽ اچي ماني کاءُ...پوءِ تون به آرام ڪر، ٿڪي پيو هوندين!“

سرمد اٿيو، هٿ منهن ڌوئي، لسي ماني ڪاڌائين ۽ پوءِ اڱڻ ۾ رکيل کٽ تي ليٽي پيو. هو ڏاڍو ٿڪل هو، سفر سبب مٿي ۾ به سور هئس ... هن جي سوچيندي سوچيندي ئي اک لڳي ويئي.

سرمد بي معنيٰ خوابن جي دنيا ۾ ڀٽڪي رهيو هو ته رات جي ڪنهن پل اوچتو پيءُ جي کنگهه جي آواز وڏي وڏي نيٺ ڪيس جاڳائي ڇڏيو! هو پنهنجي کٽ تان اٿي ڪمري ۾ آيو. هن جي پيءُ کي شديد کنگهه سان گڏ هڏڪي به ٿي رهي هئي، سرمد جي ماءُ کيس مٿي تي زور ڏيئي رهي هئي ۽ کنگهه مهل سندس ڇاتي تي به ڇهاءُ ڪري رهي هئي ته جيئن ڪجهه هلڪي ٿيئي ۽ کيس تڪليف ڪجهه گهٽ ٿيئي! سرمد تاڪ تي رکيل بيناڊول شربت کڻي، پنهنجي پيءُ کي به چمچا پياريا، پر سڄي دوا هو ڪڙڪائي نه سگهيو. اها رات سرمد جي ساري گهر وارن جي لاءِ عذابن جي رات ثابت ٿي. سندس ماءُ ۽ ڀينرون به اداس اداس هيون. پوڙهي پيءُ جي بيماري ۽ اڪيلي ڀاءُ جي بيروزگاري ڪانئن سمورا سک کسي ورتا هئا. ڪافي دير جي ڪنگهڻ کان پوءِ جڏهن سندن پيءُ کي ڪجهه آرام آيو ته سرمد جي ماءُ پنهنجي ڌيءُ کي چيو، ”ثمينه، تون به چار الائچيون پاڻي ۾ اباري کڻي اچ.“

”جي امان!“ ثمينه وراڻي ۽ اٿي ويئي.

سرمد ماءُ کان پڇيو، ”امان الائچيون پاڻي ۾ ... ؟“

سرمد جي پڇڻ تي ماءُ کيس ٻڌايو ته، ”الائچيون پاڻي ۾ ڪاڙهي پيارڻ، هڏڪي جي لاءِ فائديمند آهن ... پوڙهين جو ڏس آهي، هاڻي ته تنهنجي پيءُ کي هڏڪي به اڇي ساهه ۾ سوڙهه ڪئي آهي. من الله شفا ڏئيس...“

”ها امان، الله چڱي ڪندو.“ سرمد اهو چيو ۽ اڇي ٻاهر کٽ تي ويهي رهيو، ٻاهر هوا نه هئي، سو ڏاڍي گرمي هئي. آسمان تي ڪنوڻ به رکي رکي تجلا ڏيڻ لڳي. شايد ان مصيبت جي گهڙي ۾ مينهن به ٿيڻو هو. سرمد جي ماءُ سندس پيءُ جي سار سنڀال ۾ لڳل هئي، پنهنجي ماءُ جو ورتاءُ ڏسي، سرمد کي عورت جو مرتبو ڏاڍو عظيم محسوس ٿيو. هن سوچيو: عورت جي زندگي جو سفر بس هڪ گهر کان ٻئي گهر تائين ختم ٿي ويندو آهي. عورت فقط نئين جي ئي ڪجهه ڏينهن ۾ لک لڪوٽيون ڪيڏي، گڏي گڏيءَ کي پرڻائي پرپور جيئي ٿي. ٻالڪپڻ جي خوابن کان پوءِ جڏهن هوءَ ساماڻجي وڏي ٿي وڃي ٿي ته کيس ڪنڌائتن پيچرن تي سنيالي هلڻو پوي ٿو. هر حالت ۾ صبر ئي سندس مايا پونجي رهي ٿي. هڪ مرد سان لائون لهڻ سان گڏ جڻ ته هوءَ زندگي جي امتحانن سان به لائون ئي لهي ٿي... سرمد پنهنجي ماءُ کي ڏسي ڏسي اهو ئي سوچي رهيو هو جو اوچتو وڄ جي وراڪي سان زوردار نڪاءُ ٿيو ۽ برسات شروع ٿي ويئي. سرمد ڪمري ۾ هليو آيو. آهستي آهستي گهر جي ڇت به ٽمڻ لڳي، گهر جي ٽمندڙ ڇت ڄڻ ته گهر وارن جي حال تي ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي. لڳاتار اڌ مني ڪلاڪ جي برسات جي ڪري پاڻي، گهر جي اڱڻ ۾ تلاءُ

جي صورت اختيار ڪري بيهي رهيو. پوءِ ڪجهه دير ۾ مينهن جهلي ويو. سرمد اڌ چني ۾ ڪٽ تي رلهي رکي ليٽي پيو. ڳني جي هوا جڻ ته ننڊ جي گوري هئي، سرمد جي اک لڳي ويئي ۽ سمورا سور لڙهي ويا!

ڪجهه ئي گهڙيون گذريون جو ماءُ ڪيس زور زور سان سڏي اٿارڻ لڳي، ”پُٽ! اٿي سجاڳ ٿي پُٽ!“

سرمد ڪي جيئن ئي سار ٿي ته ڇرڪ ڀري جاڳي پيو. دل جي ڌڙڪن وڌي ويس. گهر جي حالت ۽ پيءُ جي طبيعت جو ڪيس اڳ ئي الڪو هو، سو سمجهي ويو ته ڪا خير جي خبر نه هوندي! ”ڇ. . ڇ ... ڇا ڇا امان؟؟!“

”پُٽ، پٽهين ڪي هلي ڏس جلدي...الاءِ ڇا ... !“

سرمد جهڙپ ڏئي ڪمري ۾ داخل ٿيو، سندس پيءُ زور زور سان ڪنگهي رهيو هو، سندس وات مان مسلسل رت اچي رهيو هو. اها حالت ڏسي، سرمد جو ساهه مُٺ ۾ اچي ويو. هُن ڪپڙي سان سندس منهن وات صاف ڪيو ۽ پڇڻ لڳس، ”بابا او بابا... منهنجا منا بابا ... توکي ڇا ٿيو آهه...“ پر سندس پيءُ کو به جواب نه ڏئي سگهيو. هن جي ساهه ۾ ڏاڍي سوڙهه هئي. سرمد ماءُ ۽ پينرن کي چيو، ”امان توهان هن کي سنڀاليو ته آئون بس اجهو ڊاڪٽر کي..!“ ”جي جي پُٽ.. !!“ سندس ماءُ وراڻيو.

سرمد گپ ڪچ ۽ پاڻي ۾ پنهنجا پير سنڀاليندو، پنهنجي گهر مان نڪري ڊاڪٽر سڪندر جي گهر ڏانهن روانو ٿيو. هلندي هلندي هن کي دل ۾ اهو خيال پئي آيو ته، جيڪڏهن هُو پنهنجي پيءُ کي ڪجهه ڏينهن اڳ ئي ڪنهن سٺي ڊاڪٽر کي ڏيکاري سگهي ها ته شايد هن جي ههڙي حالت نه ٿئي ها! اها احساسِ محرومي همت کسڻ لڳس. هن کي هر وات ۾ بات ئي بات تي لڳي. شايد هن جي من جي لاٽ تي بيوسي جي گرهڻ سبب اونده ڇانئجي ويئي هئي. هُو بس توڪل تي هلندو رهيو هو سدائين... ڊاڪٽر سڪندر جو گهر اڃا ڪجهه مفاصلي تي هو. برسات سبب شهر جا گٽر ابتا وهي رهيا هئا. بجلي وارن کي ته ڄڻ برسات جو بهانو ملي ويو هو، جو وسڪاري کان اڳ ئي هلي ويئي هئي! اميرن جي گهرن مان رڳو جنريٽرن جو گوڙ ۽ روشني نظر اچي رهي هئي. سرمد ڊاڪٽر جي گهر وٽ پهچي در تي لڳل بيل بٽڻ دٻايو. ڪجهه ئي دير کان پوءِ اندران ڪو ڊوڙندو آيو ۽ آهستي آهستي اهو به چوندو آيو ته، ”الله ڪو نياڳن کي ماري...! هن وقت به سمهڻ ڪونه ٿا ڏين.“ در ڪوليندي وراڻيو، ”ڪهڙو آهين؟“ هن جي لهجي ۾ ڏاڍي بيزاري هئي. سرمد چيس، ”چاچا آئون دين محمد نائب قاصد جو پُٽ!“

”ته پوءِ هن وقت اسان جي در تي ووٽ ونڻ آيو آهين ڇا؟ بابهين، رٽائر ٿيڻ کان پوءِ اليڪشن ۾ بيٺو آهي ڇا؟؟“ هن ڄڻ ته ڪاوڙ ۾ طنز ڪندي سرمد تي پنهنجي اندر جو زهر اوڳاڇيو.

سرمد نماڻائي سان وراڻيو، ”چاچا بابا لاچار آهي، ڊاڪٽر سڪندر کي موڪليو، هو هلي ڏسي...!“

”ڊاڪٽر کي خود کي بخار آهي، دوائون ڪائي ستو آهي، ڪونه اٿندو...!“ هن بخيلي مان ورائيو.

سرمد منٿ ڪئي، ”چاچا ڊاڪٽر کي ته بخار آهي پر بابا کي ته رت جون الٽيون پيون ٿين ... پيو ڪو به در ڪونهي... ڊاڪٽر ۾ ئي اميد آهي..! مهرباني ڪريو چاچا دير پئي ٿئي!“

هن ورائيو، ”بابهين کي سرڪاري اسپتال ۾ وني وڃ، اتي هوندو ڪو نه ڪو! ڊاڪٽر سختي سان اسان کي منع ڪري ستو آهي سو مان ڪيس هينئر اٿاري نٿو سگهان!“

سرمد ورائيو، ”چاچا ڊاڪٽر جي ننڊ مان سجاڳي ڪنهن کي هميشه جي سمهڻ کان بچائي سگهي ٿي ...! ڊاڪٽر مسيحا هوندا آهن، پليز چاچا وڙ ڪريو!“

سرمد گهڻو ئي منٿون ڪيون پر چاچي تي ڪو به اثر نه ٿيو، هن نپ جواب ڏئي ڇڏيو، ”ڊاڪٽر ڪونه اٿندو...اسان کي سمهڻ ڏي... مٿي جا سور ...! چوري کي گهڻو ئي چيم ته ڊاڪٽر نه ٿي پر نه مڃيئين مون ڪي!“ هن ڪاوڙ منجهان دروازو زور سان بند ڪيو ۽ اندر هليو ويو.

اهڙي ورتاءَ تي سرمد جي دل پرجي ويئي، خيال آيس ته ههڙي ڪنور معاشري ۾ اسان جهڙا ماڻهو ڇمن ئي نه ...! وڏين مڃين جو ننڍين مڃين کي کائڻ ته فطرت ته آهي پر هاڻي ته اشرف المخلوقات جو چهرو به پوائتو ٿيندو ٿو وڃي! ان کان ته سندن صورتون بدلجن ته جيئن انسانيت جي روپ ۾ لڪل گدڙ، بگهڙ، پولڙا ۽ باندر پڌرا پٽ تي پون، ته ضرورت پوڻ تي ماڻهو اهڙن کان مدد طلبي پنهنجي تذليل ته نه ڪرائي! سرمد مايوس ٿي پيو. انسانيت تان سندس ويساهه کڄڻ لڳو هو. هن مرڻ تي چاهيو پر پيءُ جي لاچاري ڪيس جيئڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو. هو وڏيون وڏيون وکون کڻندو ڊاڪٽر جاويد جي در تي آيو، پر ان جي ته گهر کي ئي تالو لڳو پيو هو. ان جو مطلب اهو نه هيو ته ڪو گهر ۾ ڪير نه هو، گهر مان ته جنريٽر جو شور ۽ بتين جي روشني به نظر اچي رهي هئي، پر ان جو مطلب ڪجهه ٻيو هو. ڊاڪٽر جاويد جي گهر کي لڳل تالي جو مطلب سمجهندي هو اتان ئي مايوس ٿي موٽيو. سوچڻ لڳو، جن ماڻهن پنهنجي گهرن کي ئي تالا هٽي ڇڏيا آهن، تن جي دلين جا در وري ڪهڙا ڪليل هوندا...؟ ڪيس مسيحا به ڪاسائي لڳي رهيا هئا.

سيني دروازن کان پوءِ آخري در، سرڪاري اسپتال جو ئي سرمد جي ذهن ۾ آيو، جنهن کان هن بچڻ جي گهڻي ئي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿي ويو. هو هاڻي تيزي سان سرڪاري اسپتال ڏي وڌڻ لڳو. سرڪاري اسپتال پهتو ته اتي ڊاڪٽر

موجود ڪو نہ ڏٺائين، ڊسپينسر بہ ننڊ ۾ غش پيو هو. سرمد کيس جاڳائيندي چيو، ”او سائين. . او سائين ... اٿو پليز!!“

سرمد جي ڍونڊاڙڻ تي هُو سجاڳ ٿي پيو، رڙ ڪري چيائين، ”ڇاهي ڙي!!“

سرمد وراڻيو، ”سائين منهنجو پيءُ لاچار آهي، کيس تمام گهٽي کنگهہ آهي ۽ وات مان رت بہ اچيس پيو ... “

هن اکيون مهٽيندي پڇيو، ”مريض ڪٿي آهي؟“

”گهر آهي سائين.“ سرمد وراڻيو.

هن خار بار ٿيندي چيو، ”تہ پوءِ هتي منهنجو منهن ڏسڻ آيو آهين ڇا؟ ... وڃ وڃي وٺي اچ ان کي ...! “

سرمد چيو، ”سائين هن جي حالت وٺي اچڻ جهڙي ناهي ...! ٻيو تہ هن وقت ڪنهن گاڏي ٻي جو گس بہ ناهي، اوهان وڙ ڪيو، هلو پليز!!“

هن انڪار ڪندي وراڻيو، ”مان نٿو هلي سگهان، ڊائريا سبب ايمرجنسي آهي اسپتال ۾ ....! ڪو مري پيو تہ ويل ۾ اسين پونداسين!“

هن جي لهجي ۾ بہ ڪا رحم جي رتي نظر نٿي آئي سو سرمد سوچيو تہ بحث ڪري، ٽائيم ضايع ڪرڻ کان بهتر آهي تہ پيءُ کي هتي ڪٽي اچي! اهو سوچي هو گهر ڏي موٽيو.

در تي سندس پيءُ جو گاڏو بيٺل هو جنهن تي هُو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ فروٽ ۽ سبزي وڪڻندو هو. تنهن تي بسترو وجهي سرمد پنهنجي پيءُ کي ڪٽي اسپتال جو رُخ ڪيو. سندس پيءُ ساڻو ٿيو پيو هو. هن جي وات مان رڳو رت ئي اچي رهيو هو. هن جي جسم جي چرپر بہ گهٽبي ٿي ويئي، هن جي اهڙي حالت سبب سرمد جي رفتار ۾ اڃا بہ تيزي ايندي ويئي. هُو گاڏي کي گهليندو تکو تکو اسپتال ڏي وڌي رهيو هو. بجلي نہ هئڻ جي ڪري رڳو اوندهہ ئي اوندهہ هئي. اوچتو ڪنهن هيند لائٽ هٽي پويان کان سيٽي وڄائي ڪاشن ڏنو، ”خبردار!!“

سرمد کي اندازو ٿي ويو تہ پوليس هوندي پر هو نہ بيٺو، هڪ تہ هن وٽ بيهڻ جو ٽائيم ئي نہ هو، ٻيو تہ هن سوچيو تہ مان تہ بابا کي اسپتال ڪٽي وڃي رهيو آهيان، ڪو ڌاڙو هڻي مال ٿورئي ڪٽي پيو وڃان! پر تنهن هوندي بہ هن وڏي واڪي آگاهي ڏيندي ورندي ڏني، ”مريض آهي... جلدي آهي ... اسپتال پيو وڃان!!“

هُو اهو چئي اڳتي وڌندو رهيو. پوليس پُٺيان وري بہ ڪاشن ڏيندي رهي پر سرمد تيزي سان اڳتي وڌندو رهيو، ڇاڪاڻ تہ هن جي اڳيان پيءُ جي حالت ڏاڍي خراب هئي، سو هن کي پنتي جو ڪو هوش ئي نہ رهيو هو. هُو ڊوڙي رهيو هو، ڄڻ موت کي مات ڏيڻ لاءِ! زندگي ڪنهن پکيءَ جيان هن جي هٿن مان ڇڏائبي ٿي ويئي، پر هُو ان کي وري بہ پڪڙڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري رهيو هو.

.... اوچتو نڪاءُ ٿيو ۽ سرمد جي هٿن مان گاڏو ائين ڇڏائجي ويو، جيئن ڪو لغڙ ڪاٺا ٽيڻ ڪان پوءِ ڇڏائجي ويندو آهي. جيئن ڪو پڪل ميوو پٽر لڳڻ سان ٽاري تان ڇڏائجي ويندو آهي! هن هيٺ ڏٺو، تنگ مان رت ريلون ڪري وهي رهي هئس ... جسم مان ست ڇڏائڻ لڳس ته ايتري ۾ ٻنيان ڪان ٻيو نڪاءُ ٿيو ۽ هن کي محسوس ٿيو ته ڪا تتل سيخ سندس سيني مان آر پار گذري وئي آهي! هو بيحال ٿي پٽ تي پوڻ لڳو. اکين اڳيان اوندهه ٿي ويس ... هن جا حواس موڪلائڻ لڳا، آهستي آهستي وڏندڙ درد سرمد جو هوش وڃائي ڇڏيو ...! پوليس جي هٿان جڻ انعام رکيل ڌاڙيل مارجي ويو!

مايوسي جي ڪن ۾ قاتل ان زندگي جو انت ٿي ويو، جنهن کي ٻاهر ڪڍڻ جي لاءِ ڪير به مورڙي مير بحر وارو ڪردار ادا ڪري نه سگهيو ...! سي جا سي يوسف جي ئي ياڻرن جا پوئلڳ نڪتا ....!!

# حاصلات

اڄ منهنجو من خوشي ۾ مست هو، ڇاڪاڻ ته يونيورسٽي ۾ ست اٺ مهينا گذارڻ ڪان پوءِ جون جولاءِ جي موڪلن جي بهاني اڄ آئون ڳوٺ وري رهيو هئس. الائي ڇو اتي جو رنگين ماحول به منهنجو من موهڻ ۾ ناڪام ويو هو. جنهن شهر ڪي شاعرن شهرجانان جو خطاب ڏنو هو، ان شهر جي ڪنهن به سندر ناري جي حسن جي تاب مون کي بيتاب نه ڪيو هو. هونئن ته هتي هر ٻئي نوجوان محبت جا قصيدا پئي پڙهيا. پڙهائي سان گڏ هتي پيار جا پيچ پائي ڪيئي نوجوان اڏي رهيا هئا، پر مون کي انهن نارين جي سندرتا پاڻ ڏي مائل ڪري نه سگهي هئي. ايترو وقت اتي گذارڻ جي باوجود به مون ڪان منهنجو ڳوٺ وسري نه سگهيو هو. منهنجي دل تي منهنجي ڳوٺ جي فطري حسن جو عشق سوار هو. دل چاهيندي هئي ته واپس ڳوٺ موٽي اچان، پر تعليم اڌ ۾ ڇڏڻ مناسب نه ٿي لڳو. اهو ئي سبب هو جو اڄ جڏهن ڏِگهي موڪل تي ڳوٺ اچي رهيو هئس ته دل ڏاڍي مسرتن وارين ڪيفيتن مان گذري رهي هئي.

هاسٽل مان پنهنجو سامان بيگ ۾ سيٽ ڪري ڳوٺ واري گاڏي ۾ سوار ٿيس. ٽن ڪلاڪن جو سفر سوچن ۾ ئي گذري ويو. جڏهن ڳوٺ جي ڌرتي تي قدم رکيم ته خوشي ۾ ويتر جهومڻ لڳس. ڳوٺ جي ڪليل هوائن مان جنت جي هير جا تاثر محسوس ٿي رهيا هئا. شام جو پهر هو، تنهنڪري چوطرف ساوڪ ئي ساوڪ اکڙين جو نور وڌائي رهي هئي. گهر ۾ داخل ٿيندي ئي امڙ جي چهري تي اک پيم، مون وڌي وجي سندس پيرن ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن مون کي ٻانهن مان جهلي پنهنجي ڀاڪر ۾ پري ڇڏيو. سندس شفقت سان سفر جا سارا ٿڪ لهي ويا. هن وراڻيو، ”خبر ڏي پُٽ. ... ڪهڙا حال اٿئي؟“

مون وراڻيو، ”امان تنهنجي دعائن سان حال موچارا آهن ... ٻيو ته جنهن سان امڙ جون دعائون هونديون آهن، تنهن کي لوڪ جون گرم سرد هوائون ڀلا ڇا ته ڪري سگهنديون؟!“

امان وراڻيو، ”پُٽ، گهڻو ڳالهائڻ سکي ويو آهين، خير پنهنجي پڙهائي بابت ٻڌاءِ.“

مون وراڻيو، ”امان پڙهائي صحيح نموني هلي پئي ... پر اوهان ٻڌايو ته ڪيئن پيو وقت بسر ٿئي ...؟ ٻي ڳالهه ته ادا خادم ۽ بابا نظر نه پيا اچن ...؟ ڀيڻ به نه پئي ڏسجي؟“

امان وراڻيو، ”پٽ، پٺين ۾ خادم ڪم سان شهر ويا آهن، باقي پيڻ ڳوٺ ۾ آهه ... بهرحال، تون ٿڪل هوندين، هلي هٿ منهن ڌوئي آرام ڪر...وڏيڪ ڪچهري ماني کائڻ وقت ڪنداسين.“

مان هٿ منهن ڌوئي بستري پيڙو ٿيس، ٿڪل هئس سو اک لڳي وئي. ننڊ جي ڪائنات مان ان مهل واپسي ٿي، جنهن مهل امان اچي مون کي بستري تي سجاڳي جو سڏ ڏنو. ايستائين گهر جا سيئي فرد به گهر اچي چڪا هئا. ساڻن مليس، بابا حال احوال ورتا، بعد ۾ هن وراڻيو، ”پٽ، هٿ منهن ڌوئي اچ. وڌيڪ ڪچهري دسترخوان تي ڪيون ٿا. مان تيار ٿي وريس ته امان ۽ ادي ماني لڳائي چڏي هئي. ماني کائڻ دوران بابا وراڻيو، ”ڏي پٽ يونيورسٽي جون خبرون ...؟ ڪيئن تنهنجو من اتي لڳو يا نه ؟!“

مون وراڻيو، ”بس بابا پڙهڻ جي حد تائين.“

”چو پٽ، رڳو پڙهڻ جي حد تائين؟ نوجوان ته اتي جي ماحول تائين رسائي جي لاءِ سڪندا پيا آهن! تون وري چو؟“

”ها بابا، مون ٻڌايو نه ته بس پڙهڻ جي حد تائين...ٻي ڳالهه ته منهنجو من اهڙو اٽاسو ڪونهي جو شهر جي رنگيني ۾ پنهنجو ڏيهه وساري ويهي!“

منهنجي ننڍي پيڻ مون تي چٽر ڪندي وراڻيو، ”بابا، ادا جي من ۾ ضرور ڪا ڳالهه آهي، تڏهن ته اهڙيون رکيون رکيون خبرون پيو ڪري!“

سيئي ٿهڪ ڏيڻ لڳا. مون وراڻيو، ”ماني کائڻ وقت ڳالهائبو ناهي، امان تو ئي ٻڌايو هو ته ماني مهل ڳالهائڻ سان شيطان ماني کائي ويندو آهي.“

هڪ دفعو ٻيهر سيئي کلڻ لڳا. ماني کائي سيئي اٿياسين، مان هٿ ڌوئي ٻيٺس ته امان وراڻيو، ”پٽ، تو واري ماسات جي گهر واري بيمار آهي، ڪيس پڇي اچج، متان سياڻي ماسي ميار ڪري!“

ٽائيم ڪافي ٿي ويو هو، ٿنهنڪري رات ڪاٽي ٻئي ڏينهن ماسي جي گهر وڃڻ جو سوچي، ڪمري ۾ وڃي وينس. ٻئي ڏينهن شام جي وقت ماسي جي گهر ويس، سيئي وڏي سڪ سان مليا ۽ حال احوال ونڻ لڳا. مان ماسات جي گهر واري سان عيادت ڪندي ڪيس همت ڪرڻ جو چوڻ لڳس، ايتري ۾ ڪا ڇوڪري ڪمري جي در جي اوٽ ۾ بيهي ماسي کي سڏڻ لڳي. پر ماسي کيس اندر اچڻ لاءِ چيو، ”هليا هليا سورٺ ڏيءُ ... ڌاريو ناهي منهنجي پيڻ جو پٽ شيراز آهي، لڪين چو پئي ... ؟“

هن اندر اچي مون کي چانهه ڏني، کيس ڏسڻ سان ئي منهنجي بدن مان بجلي گذري ويئي. جسم کي ڪرنٽ لڳندي محسوس ٿيو. سورٺ جي جلوي جي پهرين جهلڪ ئي مون تي جادو وارو اثر ڪري ويئي! هڪ اهڙي ڪيفيت دل مان گذرڻ لڳي، جنهن کي اڳ مون ڪڏهن محسوس نه ڪيو هو. چاڪاڻ ته هن مون کي چانهه

ڏينديءَ ڏاڍي پنهنجائپ واري نظر سان نوازيو هو. اهي سڀ ڪيفيتون شايد مون انهي نظر جي طفيل ئي پاتيون هيون.
چانهه پي، ڪجهه دير هنن سان ڪچهري ڪري مان گهر موٽي آيس، پر هر هر سورٺ جي اها جهلڪ منهنجي اکين آڏو ريپلي ٿي رهي هئي. هن هڪ ئي نگاهه سان مون کي پنهنجو بنائي ڇڏيو هو. هوءَ منهنجي دل و دماغ تي حاوي ٿيڻ لڳي هئي. ان کان اڳي مون پاڻ تي ڪنهن به خيال کي حاوي ٿيڻ نه ڏنو هو، پر اڄ مون کي پنهنجي ئي حال تي رحم اچي رهيو هو. دل ۾ اهو خيال هر هر اچي رهيو هو ته مان هن ڏي وڃي، هن سان اکيون چار ڪيان، چاڪاڻ ته هن جي گهور مون کي گهايل ڪري ڇڏيو هو. پر طبيعت ۾ شرم جي گهٽائي مون کي ائين ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو.
ڳوٺ ۾ آئي مون کي ڪجهه ڏيهاڙا گذري ويا هئا. لوڪون لڪي هن کي تڪڻ جا وس ڪندو هئس، پر ناڪام ٿيندو هئس. ڪڏهن ڪڏهن مغل اعظم فلم جو گيت 'پيار ڪيا تو ڊرنا ڪيا' ٻڌي همت به ٿي ويندي هئي پر اها همت وقتي هوندي هئي. هن ڏي وڃڻ لاءِ چار قدم اڳتي وڌائڻ کان پوءِ پنجون قدم اڳتي وڌائڻ جي بدران به قدم پٺتي هٽي ويندو هئس. هن وٽ وڃڻ جي جرئت ڪجهه دير جي مهمان هوندي هئي.
هڪ ڏينهن مان ماني کائي گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي تياري ڪري رهيو هئس، تيستائين سورٺ اچي منهنجي گهر نڪاءُ ڪيو. هن کي ڏسندي ئي من خوشي سان واسجي ويو. دل تيزي سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو.  مون دل تي قابو ڪندي هن کي ڪيڪاريندي چيو، "اڄ سورٺ ... اندر اچ. ... قدم چو ڊرا تي ويئي؟"
هن اڳيان اچي مون سان هٿ ملايو، سندس هٿ ۾ ڏاڍي گرمي هئي. هن وراڻيو، "گهر واندي ويٺي هيس، سوچيم ته توهان سان ڪچهري ڪري اچان...وڏن شهرن ۾ پڙهڻ وارا ماڻهو ... وري نصيب اوهان جو ڪڏهن اچڻ ٿئي!"
مون وراڻيو، "تنهنجا لڪ تورا سورٺ ... جو مون ناچيز تي هيڏو وڙ ڪري هيڏانهن هلي آئي آهين...اچ ڪٽ تي ويهه!"
هوءَ منهنجي کٽ تي ويهي رهي ۽ مان کٽ جي پرسان پيل ڪرسي تي ويهي هن ڏي گهور سان پنهنجي گهايل من جي گهائن تي پها رکڻ لڳس. من جي موسم وٽندڙ ٿيڻ لڳي. دل چاهيو پئي ته وقت اتي ئي رڪجي وڃي ۽ اسان جون ديدون هڪٻئي کي ئي پسنديون رهن ... هن مون کي هر هر نهاري مُرڪي ڪنڌ هيٺ ڪري ٿي ڇڏيو. آئون به انهي ئي ادا سبب سندس مجنون ٿي پيو هئس. مون وراڻيو، "سورٺ، رڳو مون ۾ نهاري مُرڪندي رهندينءَ يا ڪجهه ڳالهائيندينءَ به ... ؟"
هن وراڻيو، "مون جهڙي ابوجهه ڇوڪري، تو جهڙي هوشيار ماڻهو سان ڀلا ڇا ڳالهائي سگهندي سائين؟"

مون وراڻيو، ”سورٺ، مون ته توکي ائين ڪونه سمجهيو آهي ... تون ڇو ٿي ائين سمجهين؟ ... مون کي ته تون سٺي ٿي لڳين!“

سورٺ وراڻيو، ”ڪوڙ تو ڳالهائين...! ڪٿي شهر جون ڇوڪريون... ڪٿي آئون جاهل!“

مون وراڻيو، ”نه سورٺ، تون خوبصورت آهين ... بلڪل مختلف! تنهنجي سادگي واري سونهن سان شهر جون ناريون ڇا مقابلو ڪنديون...“ هوءَ وڌيڪ شرمائجي ويئي. مون سوچيو ٿي نه هو ته ڪو اسان جي پهرين ئي ملاقات ۾ ڪي اهڙيون کليل ڳالهيون ٿينديون! اسان جي وچ ۾ جاري گفتگو مان ائين پئي لڳو، ڄڻ اسان ته جنم جنم جا ساٿي هجون ۽ صدين کان اسان جا روح هڪٻئي جا متلاشي رهيا هجن. مون ڪجهه دير جي خاموشي کي ختم ڪندي وراڻيو، ”سورٺ، هيترن ڏينهن کان پوءِ تو جو اڄ مون ڏي اچڻ پسند ڪيو ...؟ پهريان ڇو نه؟؟!“

هن وراڻيو، ”شيراز، موقعو نٿي مليو ...! اڄ جڏهن تنهنجي امڙ ۽ ادي اسان جي گهر آيون تڏهن سوچيم...“ مون کي پتو پئجي ويو، سوچيم ته هو هوڏانهن ئي هجن ۽ هتي گفتار ۽ ديدار جو سلسلو جڙيو رهي! تيستائين ادي کي سامهو ايندي ڏٺم، بلا کي ياد ڪر، بلا حاضر! هن کي هينئر ڪباب ۾ هڏي ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي! ادي کي ايندي ڏسي دل ۾ اهي ويچار پچارجي رهيا هئا. هن جيئن ئي سورٺ کي ڏٺو ته اچي پر جهلي ويهي رهيس ۽ مان آهستي آهستي ٻاهر نڪري ويس.

هاڻي اسان جي وچ ۾ ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو. منهنجي هن سان ملاقات نه ٿيندي هئي ته دل بيچين ٿي ويندي هئي. جڏهن لوڪ ننڊون ڪندو هو، تڏهن اسان جاڳي هڪٻئي سان نينهن نڀائڻ جا وچن ڪري پيار ونڊيندا هئاسين. اڄ هن مون ڏي اچڻ ۾ ايڏي دير ڪئي، جو مان هن جي انتظار ۾ وڌيڪ بيقرار ٿيڻ لڳس. من ۾ مانڌاڻ هلچل مچائي ڇڏي هئي. دل ۾ اهو خيال پيدا ٿيو ته شايد هن جي پيءُ جي گهر ۾ ڪو سجاڳ آهه، تڏهن ته هوءَ هتان اچا نڪتي ناهي! ڪافي وقت هن جو انتظار ڪري آخر هن جو آسرو پلي گهر ڏي موٽڻ لاءِ قدم وڌايم، تيستائين جهيڻي آواز ۾ هن مون کي پڪاريو، ”شيراز... ڪيڏانهن شيراز ... ؟“

هن جي آواز تي ڄڻ منهنجي جسم ۾ توانائي اچي وئي. هن کي ڏسندي ئي دل جي تڙپ ڪجهه جهڪي ٿي. مون وراڻيو، ”سورٺ، خير ته هو...؟جو تو هيڏي دير...؟!“

”ها شيراز ... ادي جي طبيعت خراب ٿي وئي هئي. تنهنڪري ... “

”الله خير ڪري ...! هاڻي ته نيڪ آهي؟“

”ها... هاڻي مڙئي ڪجهه ... مون کي معاف ڪجان شيراز... منهنجي ڪري توکي تڪليف ... “

”نہ چري ڪو مسئلو ناهي ... زندگي ۾ مون ڪيترائي اوسيئڙا ڪيا آهن، پر سورٺ هن انتظار جو جهان ئي ڪجهہ ٻيو هو ... !“

هن مذاق ڪندي وراڻيو، ”چو شيراز؟ هن انتظار ڪي سڱ هئا ڇا؟“

مون ڪان ٺهڪ نڪري ويو، ”چرچا بہ سنا هٽڻ جاڻين ٿي...! پر سورٺ پرين جي اچڻ جو انتظار واقعي بہ دنيا جي ٻين سيني انتظارن ڪان الڳ آهي ... ايڏي سڪ ... اڪير... بس توکي ڇا ڇا ٻڌايان ... بس سورٺ مان انهن ڪيفيتن کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهان!“

هن وراڻيو، ”چريا، پيار کي لفظن سان بيان ڪبو آهہ ڇا ...؟ پر الائي چو شيراز ... دل جي ڪنهن ڪنڊ مان اهو وهم ڪر ڪٽي مون کي اهو چوي ٿو تہ چري ڪٿي تون ۽ ڪٿي شيراز ... هو تہ سان دل وندرائي ... “

هن جي انهي ڳالهہ جڻ مون تي تيزاب هاري ڇڏيو، گهٽ ۾ گهٽ هن جي زبان مان اهڙي اظهار ٿيڻ جي مون کي اميد نہ هئي. مون ڏک مان چيو، ”سورٺ اهي لفظ تنهنجي زبان ادا ڪيئن ڪيا ...؟ ان مان تہ مون کي ائين ٿو لڳي تہ توکي مون تي ڀروسو ڪونهي!“

هن اک پل ۾ مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ ڀري ورتو، ”اڙي چريا، منهنجي ڳالهہ توکي ڏکوئي ورتو...! شيراز هڪ ڳالهہ ٻڌايانءِ ... جي دل ۾ نہ ڪرين...؟“

”نہ ٻڌاءِ ... “

”شيراز ان کي منهنجي خامي سمجهين يا خوبي ... مون ڪان الائي چو ڪا ڳالهہ رڪي نہ ٿيندي آهي... جيڪو دل ۾ هوندو آهي سو ائين ئي نڪري ويندو آهي ...! اهو منهنجي دل جو وهم هيو، توکي ٻڌائڻ جو مقصد تنهنجي دل رنجائڻ نہ هو..! منهنجي ڳالهہ جيڪڏهن توکي ٻري لڳي تہ مان توکان معافي ٿي ونان شيراز...“

هن مون آڏو ٻئي هٿ ٻڌا!

مون سندس هٿ پنهنجي هٿن ۾ ڪري ڳلن تائين آندا، ”نہ چري، هٿ ٻڌي مون کي شرمسار نہ ڪر ...! تنهنجي اها خامي خوبصورت آهہ ... سچ چوڻ گهرجي ... ڳالهيون اندر ۾ دٻائي نہ رکجن ...! جيڪڏهن اهي وڌي وڻ ٿي پيون تہ پوءِ ... “

منهنجي ڳالهہ جاري هئي تيستائين منهنجي ڪن تي ماسي جو آواز اچي پيو، ھوءِ سورٺ کي سڏيندي آئي. هن جي هٿ ۾ هٿ_ٻتي هئي، جنهن جي روشني تي هن اسان کي ڏسي ورتو! مان پاڻ کي چور سمجهڻ لڳس. رات جي خوشگوار موسم جي باوجود بہ مون کي پگهر وٺي ويو. ماسي منهنجي ويجهو آئي، سورٺ آهستي آهستي نڪري ويئي. مون رکي رکي جڏهن ماسي جي منهن ڏي نهار ڪئي تہ مون کي وڏيڪ خوف وٺي ويو. سندس چهري جو رنگ بدلجي چڪو هو. هن جي چهري تي ڪاوڙ جون لڪيرون صاف نظر اچي رهيون هيون. هن وراڻيو، ”شيراز... سچ سچ ٻڌاءِ ... هي سڀ ڇا هو...؟ توکي حيا نہ ٿي ...! پرائي ڄائي سان ائين لڪ لڪ ۾...“

مان خاموش رهيس، اجا منهنجي زبان منهنجو ساٿ نه ڏئي رهي هئي. ماسي وراڻيو، ”چو.. . پنهنجي گناهه تي چادر به نه چاڙهيندين چا ...؟ مون کي ٻڌاءِ چا هو اهو سڀ ڪجهه؟“

مون دل تي وڏو پٿر رکي ڪنڌ هيٺ ڪري وراڻيو، ”ماسي اسان ڪو به اهڙو قدم نه کنيو آهه، جنهن سان اوهان جو ڪنڌ هيٺ ٿئي!“

”پوءِ هي سڀ چا هيو ...؟ سڀ ماڻهو ننڊ پيا ڪن ... ۽ اوهان اڪيلا اهڙي ڪاري رات ۾ ... “

”ماسي مان سورٺ سان سچو پيار ڪيان تو ... اسان جي من ۾ ڪا به مير، مدائي ڪانهي ڪا! چا توکي مون تي اعتبار ناهي...؟ چا مان ڪا اهڙي ڪريل حرڪت ڪندس؟؟ جنهن سان اوهان جي عزت مٽي ۾ ملندي.. نه ماسي نه.. اوهان جو رت ڪڏهن به ائين نه ڪندو!“ ماسي ڪجهه مطمئن ٿي وئي هن ڪجهه گهڙيون خاموش رهي وري ڳالهايو، ”پٽ. . پٽ شيراز توکي خبر ناهي ته سورٺ ... “

ماسي جي ڳالهه ۾ تجسس جو عنصر محسوس ڪيم، سندس ڳالهه ڪٽيندي وراڻيم، ”چو ماسي ... چا سورٺ ... اوهان چا ٿا سورٺ بابت چوڻ چاهيو؟“

ماسي وراڻيو، ” شيراز پٽ، ٻن پائرن جي وچ ۾ رشتي جي برقرار رهڻ جو واحد وسيلو سورٺ آهي ... هو پنهنجي چاچي جي اڪيلي پٽ جي مڱ آهي... هو ڏاڍا ڏنگا ماڻهو آهن ... هنن کي جي هي خبر پئي ته هو ڪهرام مچائي ڇڏيندا...! هو ٻئي پائر ته هميشه جي لاءِ جدا ٿي ويندا پر هنن جي جدائي جا چنبا پاڻ تي پوندا! پٽ مان سمجهان ٿي ته تون منهنجي هن ڳالهه کي ائين ئي سمجهندين ته هڪ ٻهراڙي جي بيڪار ريتن رسمن کي هٿي ڏئي رهي آهيان پر ٻچا اهو به سچ آهي ته اسان ٻهراڙي ۾ رهون ٿا، جهنگ ۾ رهندي اسان انهن ريتن رسمن جي ابتڙ هلي ئي نٿا سگهون ...! پٽ مان پلاند تي وجهانءِ ته مڙي وڃ! ۽ ان سڀ ڪجهه کي به هن رات جي ئي پيٽ ۾ دفن ڪري ڇڏ!“

ماسي ٻهراڙي ۾ رهندي به سڄي ڳوٺ ۾ سگهڙ عورت تصور ڪئي ويندي هئي، چاڪاڻ ته هو پنج ڪلاس پڙهيل هئي. قرآن مجيد سان گڏ اسلامي ڪتاب به پڙهيل هئي. جاڻ جي آڌار تي ئي هوءَ مون کي ڪنهن حد تائين قائل ڪري سگهي هئي. مون بيهر وراڻيو، ”پر ماسي سورٺ منهنجي بنا رهي نه سگهندي... هوءَ مري ويندي ... هن کي جيڪڏهن پنهنجي سوٽ ۾ دلچسپي هجي ها ته هو ٿورئي مون ڏي پيرزا ڪٽي ها!“

ماسي وراڻيو، ” نادان آهي هوءَ! . . هوءَ رشتن جي اهميت کان بي خبر آهي ... پر پٽ، تون ته سلجهيل آهين... تون ئي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر...! پٽ تون پنهنجو ارادو بدلائي... نه ته اسان مسڪين ڪٿي جا به نه رهنداسين...! شيراز جيڪڏهن توکي

پنهنجي ماسي جي عزت عزيز هجي ته تون صبح سوير ئي ڪنهن بہئي پاسي هليو وڃ ...! جيسين سورٺ هڪ پاسي ٿئي...“

مون وراڻيو، ”ماسي مون کي سوچڻ لاءِ ڪجهه مهلت ڏي ... تون وڃ، جيئن الله چاهيندو، تيئن ئي ٿيندو ... الله ڪندو چڱو ٿيندو!“

ماسي پنهنجي گهر ۽ مان بہ پنهنجي گهر موٽي آيس. پنهنجي ڪمري ۾ بستري تي ليٽي پيس. ننڊ اکين مان پر ڪري اڏامي ويئي هئي. بستري تي بيچيني مان پاسا اٿلائي رهيو هئس. ڪجهه گهڙين ۾ مون کي سوچون وٺي ويون. دل کي ضمير جو آواز اچڻ لڳو. ”اڙي چريا، تون جو ايڏو بيخبر ٿي پيو آهين ... محبتون تہ دليون جوڙينديون آهن ... ٽوڙينديون ناهن ... توکي جي سورٺ سان سچو پيار آهي تہ دل ۾ رهڻ ڏي ...! تنهنجي ڪري جيڪڏهن هن جي خاندان ۾ ڏار پوي ٿو تہ پوءِ تو محبت ڪري ڇا حاصل ڪيو؟ ... اهو ئي ٻن ڀائرن جي وچ ۾ وڇوڙو...!! سندن دلين ۾ نفرت جو ٻج ڇٽڻ جي ڪوشش نہ ڪر شيراز... “

دل ۾ هڪ پاسي سورٺ جي پيار جي حاصلات جي چڪ هئي تہ وري ٻئي پاسي منهنجي ڪري سندن خاندان ۾ پيدا ٿيڻ واري امڪاني فساد بابت خدشا هئا. ڪافي دير سوچڻ کان پوءِ اهو ارادو ڪري ڇڏيم تہ مون هن سان روحاني رشتو جوڙيو آهي... جسماني نہ! ۽ روحاني رشتا ڪڏهن بہ جسماني ٻُڪ جا بکيا نہ هوندا آهن ...! پيار تہ امن جو پيغام ڏيندو آهي، امن ۾ خلل جو مطلب پيار ناهي ...! اهڙيون ڳالهيون سوچي سوچي صبح سوير ئي ڳوٺ ڇڏي وڃڻ جي تياري ڪري ڇڏيم، هونئن تہ اجا بہ موڪلن جا پندرنهن ڏهاڙا بچيل هئا.

صبح ٿيو تہ مان گهر وارن کان موڪلائي ڳوٺ مان نڪرڻ لڳس. منهنجي اوچتي واپسي تي هنن کي ڏاڍي حيرت ٿي، پر بهانا بہ تہ نہ ڪٿا آهن، سو بهانو بنائي هليو آيس ... ڳوٺ مان نڪرڻ لاءِ دل نہ پئي چاهيو، ڪا اهڙي چڪ هئي، جنهن جڻ تہ منهنجي پيرن ۾ ونگ وجهي ٿي ڇڏيا، پر مان هلڻ لڳس، ۽ نيٺ ڳوٺ کي الوداع چئي شهر هليو آيس.

هاڻي تہ وقت گذرڻ جو نالو ئي نہ پيو وٺندو هو. هر گهڙي سورٺ جي ڪمي جو شدت سان احساس ٿي ڏياريو. هر شيءِ تان روح ڪجي ويو. هن جي تصوير تصور ۾ اچي دل ۾ وڏيڪ اڪير کي جنم ٿي ڏنو. ڪنهن وقت دل بغاوت تي لهي ايندي هئي، پر وري سنجيدگي واري سوچ سان صبر جو دامن نہ ڇڏائبو هو. ڪڏهن وري اهو خيال ويتر پريشان ڪندو هو تہ سورٺ جي دوري جيتري قدر مون کي مجنون بنايو آهي، انهي جو مون بغير نہ ڄاڻ تہ ڇا حال هوندو! پر هن جي احوال مون کي ڏي بہ تہ ڪير ڏي! بس خدا کان دعا پيو گهرندو هئس تہ خدا هن کي پنهنجي امان ۾ رکجان!

ڪافي ڏينهن يونيورسٽي ۾ گذاري وري ڪجهه ڏينهن جي موڪل تي جڏهن ڳوٺ وريس تہ مون کي اهو پتو پيو تہ هن جي شادي ٿي وئي آهه ... ان خبر کان پوءِ ھُوءَ هوريان هوريان منهنجي ذهن تان لهڻ لڳي ۽ مان پنهنجي دنيا ۾ هليو آيس. هن جي چهري کي ڏٺي اندازن ۾ اڍائي سال مڪمل ٿي ويا هئا. ايتري عرصي جي گذري وڃڻ کان پوءِ بہ هوءَ منهنجي دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ گهر ٺاهي ويٺل هئي. اها پڻ حقيقت هئي تہ اهو جنون نہ رهيو هو.

ڳوٺ ۾ منهنجي ننڍي ماسات جي شادي هئي، تنهن ۾ شرڪت لاءِ اچڻ ٿيو. گهر مان تيار ٿي مرداڻي چني طرف اچي رهيو هئس، ايتري ۾ پويان سڏ ٿيو، ”شيراز ... شيراز... !!“ آواز بلڪل سورٺ جو ئي محسوس ٿي رهيو هو. سوچيم تہ ھُو هاڻي مون کي ڇو سڏي رهي آهي؟ ٻي طرف وري هن جي سڏ سان منهنجي دل جي حالت بہ ڏاڍي عجيب ٿي ويئي. هڪ اهو بہ ذهن ۾ خيال اچي رهيو هو تہ مان ٻُنتي مُڙڻ بنا سڌو هليو وڃان. وري بہ سوچيم تہ سورٺ کي تہ مون پاڻ کان ڌار ڪيو پاڻ کي ڪمزور ٿيڻ کان بچائڻ جي لاءِ! مون هن سان آخري ملاقات بہ نہ ڪئي. اڄ جڏهن ھُوءَ مون کي سڏي رهي آهي تہ ڇو نہ هن سان ڪجهه گهڙيون حال محرم ٿي ونجي! پنهنجي ئي پيار کي ائين ٻُني ڏيڻ ڇگو ڪونهي! بيهي جڏهن ٻُنتي هن ڏي نگاهہ ڪيم تہ حيرت ۾ منهنجا ڪن ئي کڙا ٿي ويا. عجيب منظر هيو. ھُوءَ ننڍڙو ٻالڪ ڪڇي ڪافي اڳيان نڪري چڪي هئي، هن مون لاءِ هن لئوٽو بہ نہ هنيو! صفا بيخبري سان وڃي رهي هئي. مون کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ شايد هن منهنجو پيار تہ حاصل نہ ڪيو پر هن منهنجو نالو پنهنجي پُٽ تي رکي منهنجي تصور کي پنهنجي دل ۽ ذهن مان نڪرڻ بہ نہ ڏنو. پيار جي اهڙي انوکي حاصلات تي تعجب ۽ خوشي جي گڏيل ڪيفيتن سان مُرڪندو رهجي ويس...!